پاڻيءَ جي وسيلن بابت ٽيڪنيڪل ڪميٽيءَ جي رپورٽ



پيڪاڪ

پاڻيءَ جي وسيلن بابت
ٽيڪنيڪل ڪميٽيءَ جي رپورٽ

(مڪمل رپورٽ جو تت)

پيڪاڪ
پرنٽرس اينڊ پبلشرس ڪراچي

CamScanner

اداري جا حق ۽ واسطا محفوظ

كتاب جو نالو: پاڻيءَ جي وسيلن بابت ٽيڪنيڪل ڪميٽيءَ جي رپورٽ
ترجمو: اسلم خواجه
نظرثاني: ادريس راجپوت، پروفيسر اعجاز احمد قريشي
ڇاپو پهريون: 2016ع
تعداد: هڪ هزار ڪاپيون
ڪمپوزنگ: اقبال ابڙو ۽ سيد آفاق شاهه
لي آئوٽ: ظفر آفتاب ابڙو
ٽائيٽل: ڪپتان ابڙو
ڇپائيندڙ: پيڪاڪ پرنٽرس اينڊ پبلشرس ڪراچي
قيمت: 300/=

ISBN # 978-969-9543-39-4

Title name: Technical Committee Report on Water Resources
Translation: Aslam Khwaja
Reviewed by: Idrees Rajput & Prof. Aijaz Qureshi
Edition: 2016
Quantity: One Thousand Copies
Composed by: Syed Aafaq Shah
Layout: Zafar Aftab Abro
Title: Kaptan Abro
Published by: Peacock Printers Publishers Karachi
Price: Rs. 300/=

ملڻ جو هنڌ

پيڪاڪ بوڪ هائوس

404 رفيق سينٽر، زينب مارڪيٽ، عبدالله هارون روڊ، صدر ڪراچي-سنڌ
فون نمبر: 021 35682020, 021 35680607

هيءُ ڪتاب پروفيسر اعجاز احمد قريشي، سيڪريٽري سروئنٽس آف سنڌ سوسائٽي، جي سهڪار سان پيڪاڪ پرنٽرس اينڊ پبلشرس ڪراچي پاران ڇپائي پڌرو ڪيو.

سناءُ

- اداري پاران — ڊاڪٽر آفتاب ابڙو
- پيش لفظ — اي.اين.جي عباسي
- مهاڳ — پروفيسر اعجاز احمد قريشي

1. پاڻيءَ جي وسيلن بابت ٽيڪنيڪل ڪميٽيءَ جي رپورٽ (ياگوبيو)
2. مول متو (a) 4: "مستقبل جي آبي ذخيرن ۽ اريگيشن رٿائن لاءِ پاڻيءَ جي موجودگيءَ جو تعين."
3. مول متو (a)5: "منگلا آبي ذخيري کي پرڻ واري پيٽماني جو جائزو ۽ ان ڏس ۾ سفارشون مرتب ڪرڻ.
4. مول متو نمبر (b)5 "لنڪ ڪينالن ۽ مستقبل جي آبي ذخيرن جي عملي پيٽماني جو جائزو"
5. مول متو نمبر 2: "مستقبل جي گهرجن واسطي ڊيم/آبي ذخيرا تعمير ڪرڻ جي ضرورت جي ڪٿ ڪرڻ ۽ تربيلا ۽ منگلا ڊيمن جي لٽجڻ سبب پاڻيءَ جي ڪوٽ کي منهن ڏيڻ ۽ مستقبل جي آبي ذخيرن جي ترتيب رٿڻ."
6. مول متو-1: "1991ع واري پاڻي ٺاهه تحت پاڻيءَ جي ورچ سان لاڳاپيل ماهرن جو جائزو ۽ صوبن وچ ۾ پاڻيءَ جي ورچ کي موافق ڪرڻ لاءِ سفارشون ڏيڻ."
7. مول متو نمبر-3: "ڪوٽڙيءَ کان هيٺ ڇوڙ تي ايپاس بابت هيل تائين حاصل ڪيل پيش قدميءَ جو جائزو ۽ ايپاس مڪمل ڪرڻ کي تحرڪ ڏيڻ بابت تجويز ڪيل اُپاءَ"
8. مول متو (b) 4: "1976-2003 دوران ڪوٽڙي کان هيٺ لنگهيل پاڻيءَ جي حقيقي مقدار جو تعين ڪرڻ"
9. مول متو 6: "پاڻيءَ جي وسيلن بابت پارلياماني ڪميٽيءَ جي ڪمن ڪارين ۾ همڪاري ڪرڻ."

ضميما

نمبر	عنوان
II-1	واپڊا طرفان لھواري انداز جي بنياد تي سراسري پاڻيءَ جي موجودگي (ٽيڪنيڪل ڪميٽيءَ کي آڏو پيش ڪيل)
II-2	واپڊا طرفان اوپاري انداز جي بنياد تي سراسري پاڻيءَ جي موجودگي (ٽيڪنيڪل ڪميٽي آڏو پيش ڪيل)
II-3	واپڊا طرفان لھواري انداز تي پاڻيءَ جي تازي ترين سراسري موجودگي (ٽيڪنيڪل ڪميٽي/ پارليامائي ڪميٽيءَ آڏو پيش ڪيل)
II-4	واپڊا طرفان پاڻيءَ جي موجودگيءَ جي ڪٽ ڪوٽ لاءِ اختيار ڪيل انگن اکرن تي آڌاريل عرصو
II-5	افغانستان جي دريائن تي پاڻيءَ وار شعبي ۾ واڌ ويجھ بابت انٽرنيٽ تان حاصل ڪيل ٽڪرا
II-6	ڊرڪٽ واري ترتيب ۾ سراسري ۽ وچولي قدر سان سمنڊ ڏانھن ساليانو چوڙ
II-7	ٻوڏ وارو اضافي پاڻي ذخيرو ڪرڻ جي ڊيمن جي صلاحيت
II-8	ٺاھ جي تفويض جي پيٽ ۾ 77-1976ع کان 03-2003 تائين منڊوار ڪئنال نيڪال
II-9	منگلا آبي ذخيري جي وڌ کان وڌ حفاظتي سطح ۽ گھٽ ترين چڪڙ جي سطح
II-10	سال 1968ع کان 1992ع تائين منگلا آبي ذخيري جي وھنوار بابت سردار احمد مغل جي پيش ڪيل جدول
II-11	لنڪ ڪئنالن جي جاري ھيٺ واري عرصي ۾ منگلا آبي ذخيري ۾ پاڻي جو ذخيرو
II-12	ڪالاباغ ڪنسلٽنٽن جو آبي ذخيرو پرڙ بابت اپياس 1988ع (ٺاھ کان اڳ) ڪٽيل آبپاشي گھرج.
II-13	ڪالاباغ ڊيم کان ھيٺ پاڻيءَ جون گھرجون (ٺاھ کان پوءِ)
II-14	16 سيپٽمبر 1991ع تي ڪوٺايل گڏيل مفادن واري ڪائونسل جي گڏجاڻيءَ جي ڪارروائي.
II-15	قانون واري ڊويزن جي ۽ صلاح، گڏوگڏ ميمبر وفاق ارسا جو 30 مئي 2002 تي اماڻيل خط
II-16	ارسا طرفان پيش ڪيل ڪوٽ وارن عرصن دوران صوبي وار پاڻيءَ جي ورڇ ڊيکاريندڙ جدول.

CamScanner

اداري پاران

اوهان جي هٿن ۾، پاڻي جي وسيلن ۽ انهن جي استعمال بابت نهايت اهم رپورٽ آهي. ان رپورٽ جو به وڏو پسمنظر آهي، جيڪو اوهان کي پوري ڪتاب پڙهڻ کانپوءِ سمجهه ۾ اچي ويندو!

دراصل جنرل پرويز مشرف، پنهنجي دور (1999-2008) ۾ ننهن چوٽيءَ جو زور لڳايو هو ته سندس دور ۾، ڪنهن به طرح 'ڪالاباغ ڊيم' ٺهي. ان جي اڏاوت سان، هن پنجاب جي ماڻهن کي خوشي رکي، پنج، ست سال، اڃا وڏيڪ اقتدار ۾ رهڻ کان علاوه پنجاب جي 'مقبول' شخصيت، ٿيڻ پئي گهريو. هڪ طرف هن مردار گهوڙن ۾ جان وڌي ۽ پنهنجي دور جي ڪرپٽ ماڻهن کي نيب طرفان رليف ڏئي، انهن کي مرڪز توڙي صوبن ۾ اهم وزارتون ڏنيون.

سنڌ ۾ ته هن ڪَلور ڪيا، وڏيراشاهي جيڪا طبعي طور آخري پساهن ۾، هئي، ان جي اهم ڪارندن کي مختلف ضلعا ورهائي ڏنا، ته جيئن هو پنهنجي مرضيءَ سان وسيلن جي ڦينگ ڪن، ڪين ضلعي حڪومت وسيلي، ضلعن جو ناظم بنايو ويو، جيڪي صوبائي وزيرن کان وڌ باختيار هئا، سندن هٿ هيٺ پوليس کان وٺي تعليم، زراعت، ايريگيشن، ناڻو، صحت مطلب ته صوبائي، حڪومت جي موجودگي ۾ هن بااختيار ضلعي حڪومتون جوڙي سنڌ جي وسيلن جي بي دردي سان ڦينگ ڪئي. ٻئي طرف ڪراچيءَ جي اردو آباديءَ کي بي حساب وسيلا ميسر ڪري، خود مختيار بنايو ته هو پنهنجن مخصوص علائقن ۾ ترقياتي ڪم ڪن. پاڪستان جي تاريخ ۾ اهو پهريون ڀيرو هو ته ڪراچي ميٽرو پوليٽن کي 21 ارب رپيا ترقياتي ڪمن جي مد ۾ ڏيئي، آڊٽ وغيره کان آجو ڪيو. ان مان سندس نيت جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو.!

جنرل مشرف "ڪالاباغ ڊيم" جي منصوبي کي وڏي مهارت ۽ حددرجي جي منافقي سان پلان ڪيو. هڪ طرف پارليامانى ڪميٽي جوڙي، جنهن جو سربراه ٺٽي واسي نثار ميمڻ کي مقرر ڪيو ويو ته ٻئي طرف وري هڪ ٽيڪنيڪل ڪميٽي جوڙي، جنهن جو چيئرمين پڻ سنڌواسي جناب اي جي اين عباسيءَ کي مقرر ڪيو. ٽيڪنيڪل ڪميٽي جوڙڻ کان اڳ، هن گورنر هائوس، ڪراچي ۾ هڪ وڏي ۽ اهم گڏجاڻي ڪوٺائي، جنهن ۾ آبپاشي انجنيئرن کان علاوه دانشور، سول سوسائٽي جا اهم فرد، واپڊا ۽ سيڊا جا ڪارندا، پنجاب مان ڪالاباغ ڊيم جا سرڪرده حامي، ناليوارا صحافي وغيره گهرايا ويا. سنڌ مان جيڪي مشرف جا حامي هئا، انهن کي وڏي اهميت ڏيئي، اڳين سيٽن تي ويهاريو ويو ته جيئن هو موصوف جي موقف تي ها، ها، ڪندا رهن.

گورنر هائوس واري گڏجاڻيءَ کان اڳ، سنڌ جي اهم اخباري مالڪن (خاص طور سنڌي اخبارن) سان مشرف الڳ مليو ڪين حمايت عيوض اشتهارن جي مد ۾ ڪروڙين روپين جي آڇ ڪيائين! شابس، آهي سنڌ جي حلالي فرزندن کي جن پاڻي جهڙي اهم مسئلي کي اهميت ڏني ۽ مشرف جي هڙئي آڇن کي رد ڪري ڇڏيو. سنڌين تاريخ ۾ 100 سيڪڙو ہڏي جو مظاهرو ڪيو.

جنرل مشرف جي پلاننگ اها هئي، ته هو جڏهن انگن اکرن ۽ چارٽن وسيلي، تفصيل سان موقف پيش ڪندو ۽ ملڪي يڪجهتي ۽ سلامتي جو سوال سامهون رکندو ته عام سنڌي ته واتڙا ٿي ويندا، سنڌس حمايتي اٿي جهمريون هڻندا، باقي رهيا سنڌ جا پاڻي جا ماهر، سي پنجاب جي ڪڙپيل ٽيڪنوڪريٽن آڏو بيهي نه سگهندا ۽ هو آرام سان ڪالاباغ ڊيم جي حق ۾ راءِ جوڙي، مال مليدا کائي اٿندا.

پر جيئن اڳ ۾ ذڪر ڪري آيا آهيون ته سنڌ جي حلالي پٽن مان، ڪنهن به طبقي سان واڳيل فرد حامي نه پيري. ميڊيا مڪمل طور بائڪاٽ ڪيو. پنجاب جي 'خبرين گروپ' جي سنڌي اخبار 'خبرون'

تي وڏو زور وڌو ويو تہ هو ڪالاباغ ڊيم جي حمايت ۾ بہ چار اشتهار ۽ ايڊيٽوريل هلائي، پر سنڌي صحافين انڪار ڪيو ۽ سڄو 22 صحافين تي مشتمل گروپ اخبار ڇڏي هليو ويو. اها اخبار جيڪا سنڌ ۾ ٻيو نمبر اخبار ليکي ٿي ويئي، اڄ ڳولهي بہ نٿي لڀي!

ٻئي طرف، مشرف صاحب جي مفصل بريفنگ، پنجاب ۽ واپڊا جي ماهرن طرفان انگن اکرن وسيلي ويهن آڱرين جو زور لڳايو ويو تہ: 'ڪالاباغ ڊيم' ازحد ضروري آهي ۽ اهو عين ملڪي مفادن وٽان آهي ۽ ان جي اڏاوت سان، وڌ ۾ وڌ فائدو سنڌ کي رسندو! جواب ۾ سنڌي ماڻهن جو هڪ ئي موقف هو تہ 'پنجاب اسان سان اڳ بہ ويساه گهاتيون ڪيون آهن. چشما-جهلم لنڪ ڪينال، جيڪو هر طرح ڏاڍائي سان ٺاهيو ويو آهي، ان جي ٺاهڻ وقت مرڪزي توڙي پنجاب حڪومت گارنٽي ڏني هئي تہ اول سنڌ ۾ پاڻي جي ضرورتن کي ڏسبو جيڪڏهن سنڌ جو نمائندو اجازت ڏئي ٿو تہ پوءِ ان کي عارضي طور وهايو ويندو. ان جو وهڪرو عارضي ۽ پاڻي جي جهجهي دستيابي سان مشروط هوندو، پر اڄ سڀ ڪو ڏسي پيو تہ پنجاب حڪومت پنهنجي واعدي جو ذرو بہ خيال نہ رکيو، اڄ اهو ڪينال موسمي نہ پر دائمي صورت ۾ وهي رهيو آهي. جنهن جو لازمي اثر سنڌ تي پئجي رهيو آهي.

بهرحال، جڏهن محترم سائين عبدالنبي گل حسن عباسي جو وارو آيو تہ هن حقيقتن تي آڌاريل، تاريخي تناظر ۾، اهڙا تہ انگ اکر ۽ مدلل تقرير پيش ڪئي، جو سڀ حاضرين مات ٿي ويا! نتيجي ۾، جنرل مشرف مجبور ٿي "پاڻي جي وسيلن بابت ٽيڪنيڪل ڪميٽي" جوڙڻ جو اعلان ڪيو. جنهن جو سربراه سائين عباسي صاحب کي ڪيائين. ڪميٽي ۾ سڀني صوبن مان ڪل نو (9) ميمبر، کنيا ويا ۽ ڪميٽي جا شرط ۽ مول متا وفاقي حڪومت واپڊا جي عملدارن سان گڏجي تيار ڪيا. ڪميٽيءَ آڏو ڪل ست نقطا (Objects) رکيا ويا، جن مان ڪنهن بہ نقطي ۾ سڌي يا اڻسڌي طرح ڪالاباغ ڊيم جي

اڏاوت يا راهه هموار ڪرڻ جو ڪو به ذڪر نه هو. اها هڪ وڏي چال هئي، جنهن کي سمجهڻ ۽ پارپوڻ لاءِ ڏاهپ، صبر ۽ دورانديشي جي ضرورت هئي. عباسي صاحب کي الله سائين اهي سڀ نعمتون عطا ڪيون آهن ڪيس خريد ڪرڻ ته محال آهي، پر موقف تان ٽيڙڻ به مشڪل آهي.

جنرل مشرف ۽ سندس همنوا ٽولي جو خيال هو ته وٽن انگ اکر اهڙا آهن، جن کي ڪو به ماهر رد نٿو ڪري سگهي. سو اڳ ۾ پوءِ ڳالهه چٽي ٿي ويندي ۽ ڪالاباغ ڊيم جي اڏاوت جو مسئلو سنڌ جا ابوجهه ماڻهو، ڪجهه لٽ سان ڪجهه چٽ سان پاڻهي حل ڪري ڏيندا.

پر سائين! نتيجو سندن خيالن جي ابتڙ نڪتو! سائين عباسي صاحب نهايت ايمانداري ۽ پوري ديانتداري سان، سيني ميمبرن جي راين کي سامهون رکي. اهڙي ته جامع ۽ ٺوس دليلن تي مشتمل ٽيڪنيڪل رپورٽ جوڙي، جنرل مشرف کي پيش ڪئي، جو سيني جا تاڪ لڳي ويا! ان رپورٽ تي غور فڪر ڪرڻ لاءِ ڪيترن ئي ماهرن کي گهرايو ويو، جن دليل در دليل ڏيندي نهن چوٽي جو زور لڳايو، پوءِ به جواب آيو ته 'ان ڪميٽي جي موقف کي رد نٿو ڪري سگهجي. في الوقت ڪالاباغ ڊيم ٺاهڻ محال آهي،

محترم سائين اي جي اين عباسي صاحب جي سچائي، دليري ۽ حقيقت پسند موقف سبب، سنڌ تان مصيبت جو طوق لهي پيو! اسان جا پروفيشنل ۽ ٽيڪنيڪل ماهر، اهڙي سچائي، جرئت ۽ سنڌ دوستي جو ثبوت ڏين، ته هوند، سنڌ ڪيترن ئي مصيبتن مان آجي ٿي وڃي! ڪاش ون يونٽ وقت به ڪو اهڙو سڄاڻ سامهون اچي ها ته اسان جا قيمتي وسيلا، ادارا برباد نه ٿين ها، تعليم ائين تباهه نه ٿئي ها، اسان جو 'سنڌي فائنل' وارو نظام جيڪو پوري ڏکڻ ايشيا ۾ منفرد ۽ مثالي هو، اهو بچي پوي ها، ته هوند سنڌي ٻوليءَ لاءِ صدين تائين ڪو مسئلو پيدا نه ٿئي ها!

اسان اداري پاران محترم سائين عباسي صاحب جي اهڙي

قومي ڪردار تي خراج تحسين پيش ڪندي، سنڌس پاران ترتيب ڏنل ٽيڪنيڪل ڪميٽي جي رپورٽ شايع ڪري رهيا آهيون، ان سان گڏ، 'پاڻي' جهڙي اهم مسئلي کي اجاگر ڪرڻ لاءِ اجا به وڪ اڳتي وڌائڻ گهرون ٿا.

هن رپورٽ کان پوءِ جلد ئي اسان پاڻي جي ذخيرن، وسيلن، تڪراري مسئلن، پاڻي جي درست استعمال، ايريگيشن سرشتي، وغيره بابت هڪ جامع ڪتاب آڻڻ گهرون ٿا. جنهن ۾ ايس ڪي بلوچ صاحب جو بنيادي ڪتاب 'پاڻي منجهه پساهه' پاڻي ماهر ادريس راجپوت جا اهم مقالا، پاڻي بابت ورهاڱي کان اڳ، رپورٽون ۽ ڳجها دستاويز، سنڌ جي آبپاشي نظام جو پس منظر وغيره شامل هوندا.

هن سڄي پراجيڪٽ ۾ اسان سان، محترم سائين اعجاز قريشي اڳواڻي وارو ڪردار ادا ڪري رهيو آهي. حقيقت ۾ هيءَ ٽيڪنيڪل ڪميٽيءَ جي رپورٽ، جيڪا وفاقي توڙي صوبائي سطح تي نامعلوم فائيلن ۾ گم ٿي چڪي هئي، ان کي نئين سر شايع ڪرڻ ۾ محترم سائين فضل الله قريشي، محترم ڊاڪٽر سليمان شيخ ۽ سائين اعجاز قريشي جو اهم ڪردار آهي. اسان کي پاڻي جهڙي اهم مسئلي طرف هر وقت چوڪس رهڻ گهرجي: ڇاڪاڻ ته پنجاب وارن اڃا ان مسئلي کي وساريو ناهي، ويجهر ۾ واپڊا جي چيئرمين پاران مسلسل انگريزي ۽ اردو اخبارن ۽ چينلن تان ڊيم جي حق ۾ پروپيگنڊا جاري آهي. اهڙي صورت حال ۾، اسان پاران ماٺ ڪري ويهڻ ڪفر برابر آهي.

اداري پاران پاڻي جهڙي اهم مسئلي، جيڪو اسان لاءِ زندگي ۽ موت جو مسئلو آهي. ان کي صحيح معنيٰ ۾، دليلن ۽ ثابت قدمي سان پيش ڪرڻ لاءِ، اسان محترم سائين اي جي اين عباسي، عبدالرسول ميمڻ، سائين ادريس راجپوت، سائين فضل الله قريشي، پروفيسر اعجاز قريشي سياسي محاذ تان شهيد بينظير ڀٽو، محترم رسول بخش پليجي، شهيد بشير قريشي، ڊاڪٽر قادر مگسي ۽ ٻين سنڌ دوست اڳواڻن جا

شڪرگذار آهيون، جن پنهنجي ظرف ۽ ضمير مطابق تاريخ ۾ ڪردار ادا ڪيو آهي.

اميد ته پڙهندڙن کي اسان جون اهڙيون ڪوششون پسند اينديون. وٽن جيڪڏهن ان پراجيڪٽ جي حوالي سان ڪي رپورٽون، تاريخي خط ۽ تصويرون هجن ته هو ان قومي ڪم ۾ هٿ ونڊائين، اسان سندن اهڙي وڙ جو قدر ڪنداسين.

ڊاڪٽر آفتاب ابڙو

چيئرمين

پيڪاڪ پرنٽرس اينڊ پبلشرس ڪراچي

پيش لفظ

منهنجي دوست پروفيسر اعجاز قريشي پاڻي جي وسيلن بابت ٽيڪنيڪل ڪميٽي جي رپورٽ جو ترجمو ڪرڻ جي ڪاوش ڪئي آهي ۽ مون کي چيو آهي تہ انهيءَ سلسلي ۾ مان ڪجهہ لفظ سندس ڪتاب جي ’پيش لفظ‘ طور تحرير ڪريان، ڇاڪاڻ تہ مان ان ٽيڪنيڪل ڪميٽي جو چيئرمين هوس.

پاڻي جي وسيلن بابت ٽيڪنيڪل ڪميٽي ڇو ٺهي ۽ انهي ڪميٽي کي تشڪيل ڏيڻ جو ڪهڙو مقصد هو؟ ان ڏس ۾ ان وقت جي صدر پاڪستان جنرل پرويز مشرف صاحب 25 آگسٽ 2003ع تي گورنر هائوس ڪراچي ۾ هڪ ميٽنگ ڪوٺائي، جنهن ۾ ڪجهہ سياستدانن ۽ ڪامورن کان سواءِ ڪجهہ آبادگارن، فني ماهرن ۽ دانشورن کي مدعو ڪيو ويو هو.

مون کي بہ انهيءَ ميٽنگ ۾ شريڪ ٿيڻ جي ڪوٺ ملي هئي. ان ميٽنگ ۾ سرڪار جي طرفان نين رٿيل آبپاشي وارين اسڪيمن جي باري ۾ ڪجهہ معاملا بحث هيٺ آيا ۽ اهو ٻڌايو ويو تہ هي اسڪيمون ملڪ جي لاءِ فائديمند ثابت ٿينديون ۽ سنڌ کي انهن تي اعتراض نہ ڪرڻ گهرجي. سنڌ جي نمائندن اهو رايو ڏنو تہ هن وقت جيڪا پاڻي جي ورهاست ۽ انتظام ڪاري ٿي رهي آهي، بلڪل نامنصفاڻي آهي ۽ اسان جا خدشات آهن ۽ آئينده رٿيل رٿائون بہ انهيءَ غلط انتظام ڪاري ۽ ورهاست ڪري سنڌ لاءِ نقصانده ثابت ٿينديون ۽ وڏيڪ تباهي آڻينديون. اهو رايو ٻڌڻ بعد صدر جنرل پرويز مشرف صاحب ميٽنگ جي اختتام جو اعلان ڪيو ۽ ”هن هڪ ’پاڻي وسيلن بابت ٽيڪنيڪل ڪميٽي‘ جوڙڻ جو فيصلو ڪيو آهي ۽ ان ڪميٽي جو چيئرمين اي اين جي عباسي صاحب کي مقرر ڪيو وڃي ٿو.“

پاڻي جي وسيلن جي ٽيڪنيڪل ڪميٽي نومبر 2003ع ۾ تشڪيل ڏني وئي. ان ڪميٽي جا مول متا وفاقي سرڪار، سنڌ جي آبي وسيلن جي نظام جي باري ۾ خدشن کي مدنظر رکي جوڙيا. ان ڪميٽي جون 8 ميٽينگون ڪيون ويون، جن ۾ وفاقي ادارن: واپڊا، ارسا پنهنجون پريزنٽيشنون ڏنيون ۽ انگ اکر پيش ڪيا ۽ انهن جي بنياد تي تفصيلي بحث ۽ مباحثو ۽ غور و فڪر ڪيو ويو. ڪميٽي جي رپورٽ 25 آگسٽ 2005ع تي، ان وقت جي وزيراعظم جناب شوڪت عزيز کي چيئرمن پيش ڪئي.

ان وقت جي حالتن جي مدنظر اهو امڪان ڪونه هو ته ڪا اها رپورٽ منظر عام تي اچي سگهندي پر الائي ڪهڙي ذريعي سان انگريزي اخبار 'ڊان' کي انهيءَ رپورٽ جي ڪاپي ملي وئي، جيڪا هنن پنهنجي اخبار جي ايڊيٽوريل صفحي تي ڊسمبر 2005ع جي آخر ۾ قسطوار ڪجهه ڏينهن ۾ مڪمل طور تي شايع ڪئي. ان ڪان پوءِ ان وقت جي مشرف حڪومت، جنوري 2006ع تي اها رپورٽ انٽرنيٽ تي آندي ۽ وري اسان جي جمهوري حڪومت جي واپسي بعد انٽرنيٽ تان هٽي وئي.

ٽيڪنيڪل ڪميٽي جي رپورٽ کي پيش ڪرڻ ڪان پوءِ 10 سالن ڪان وڌيڪ عرصو گذري چڪو آهي، پر اڃا تائين ان جي باري ۾ وفاقي سرڪار ڪو به فيصلو نه ڪري سگهي آهي. پر الله جو شڪر آهي ته ان رپورٽ جي باري ۾ ڪا به تنقيد يا اعتراض سامهون نه آيو آهي. ان مان اهو نتيجو نڪري سگهي ٿو ته اها رپورٽ پاڪستان جي عوام کي قابل قبول آهي. در حقيقت عوام جي قبوليت ڪان سياسي مصلحتون وڌيڪ معنیٰ رکن ٿيون! اهي سياسي مصلحتون اسان جي سنڌ جي صاحب اقتدار طبقن تي به اثر انداز آهن؛ جو ته انهن سنڌ جي بااختيار حاڪمن ۽ سنڌ جي اشرافيه طرفان به انهيءَ ڏس ۾ ڪو به آواز نه اٿاريو ويو آهي.

هاڻ اها ٽيڪنيڪل ڪميٽي جي رپورٽ سرد خاني جي

حوالي يا ردي جي ٽوڪري ۾ اڇلي وڃي پر اصل ڳالهه ته ان مقصد جي آهي، جنهن جي تحت هي ٽيڪنيڪل ڪميٽي تشڪيل ڏني وئي هئي ۽ ان جا مول متا جوڙيا ويا هئا! ڇا هن وقت اُهي خدشا جن جي بنياد تي ٽيڪنيڪل ڪميٽي جا مول متا جوڙيا ويا هئا، اهي غلط ۽ نامناسب پاٽي جي ورهاست ۽ انتظام ڪاري هن وقت ختم تي چڪيون آهن؟ بلڪل نه. هن وقت اڳي کان به وڌيڪ ديده دليري سان پاٽيءَ جي غيرمنصفاڻي ورهاست ۽ بدانتظامي جاري آهي ۽ انهن لاءِ ڪو به آواز اٿارڻ جي همت ڪرڻ کان قاصر آهي!!

سو انهيءَ حالتن ۾ مٿي بيان ڪيل پس منظر ۾ مان اعجاز قريشيءَ جي ڪاوشن کي ساراهڻ کان سواءِ رهي نٿو سگهان، جو هن همت ڪري، هن رپورٽ جو سنڌي ترجمو وڏي محنت سان منظر عام تي آندو آهي، پر ڇا انهيءَ ترجمي جي مطالعي کان پوءِ اسان جو ڏتڙيل سنڌي عوام پنهنجن صاحب اقتدار ۽ اشرافيه کي مجبور ڪري سگهندو ته هو جائز طريقن سان پنهنجن حقن جي حفاظت ڪن ته جيئن سنڌ مڪمل تباهي کان بچي سگهي؟

آخر مان سنڌ جي ساڃهه وند طبقي ۽ غريب عوام کي پنهنجون دعائون ۽ نيڪ تمنائون پيش ڪيان ٿو ۽ عرض ٿو ڪيان ته پنهنجي جائز حقن لاءِ مهذب طريقن سان ڪوششون جاري رکن؛ ڇاڪاڻ ته پاٽي اسان جي جياپي جو اهم ذريعو آهي. ان جي منصفانه ورهاست ئي سنڌ کي آباد ۽ شاداب رکي سگهي ٿي. شال الله تعالىٰ کين همت ڏئي ۽ سنڌن حامي ۽ مددگار ٿئي.

آمين!

اي اين جي عباسي

16 جولاءِ 2016ع

مھاڳ

ملڪ جي فوجي حڪمران صدر جنرل مشرف جنھن پنھنجي حڪومت جي سڄي دور ۾ 'ڪالاباغ ڊيم' جي حمايت ۾ ڳالھايو ۽ ڪوشش ڪئي تہ اِھو ڊيم ٺھرائجي. ان لاءِ ھو پنھنجا دليل ڏيندو رھيو. جنھن ۾ سڄي ملڪ ۾ ڪالاباغ جي پٺڀرائي صرف پنجاب ئي ڪري رھيو ھو ۽ اڄ تائين ڪري رھيو آھي. ٻيا ٽيئي صوبا ڪالاباغ جي ناھڻ جي مخالفت ڪري رھيا ھئا ۽ اڄ تائين ڪري رھيا آھن. انھن ٽنھي صوبن جي اسيمبلين ڪيترائي دفعا مخالفت ۾ ٺھراءَ پيش ڪيا آھن. ٽنئين صوبن جي ماڻھن ۽ مختلف دورن جي حڪمرانن پڻ انھيءَ ڊيم جي اڏڻ جي مخالفت پئي ڪئي آھي. انھيءَ ۾ سڀ کان وڌيڪ مخالفت سنڌ ڪئي آھي ۽ تمام وڏي حد تائين سالن کان وٺي سنڌ جو عوام روڊن تي آھي. انھيءَ کان سواءِ سنڌ جا اديب، شاعر، استاد شاگرد ۽ ھر ڪيتر جي ماڻھن مخالفت ڪئي آھي ۽ ڪري رھيا آھن.

مشرف پڇاڙي تائين پنھنجي راءِ تي قائم رھيو ۽ ھن سڄي ملڪ جا ڪيترائي دورا ڪيا ۽ صوبن جي ماڻھن، نمائندن ۽ ماھرن کي آماده ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، ايتري قدر جو ھو سنڌ جي يونيورسٽين تائين ويو ۽ شاگردن ۽ استادن کي پڻ آماده ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، پر کيس ھر ھنڌان ناڪار ملي.

سنڌ جي ماھرن پنھنجن انگن اکرن سان ظاھر ڪيو ھو تہ ڪالاباغ سنڌ لاءِ وڏي نقصان وارو ڊيم ثابت ٿيندو. سنڌ جيڪا اڳ ۾ ئي پاڻي جي زبردست کوٽ کي منھن ڏئي رھي آھي ۽ کيس ھن ڊيم ٺھڻ ڪري اڃا بہ تمام گھڻي کوٽ کي برداشت ڪرڻو پوندو.

سنڌ ۾ اڳ ۾ ئي تربيلا ڊيم ٺھڻ جي ڪري وارابندي وارو نظام شروع ٿيل آھي ۽ جيڪڏھن ڪالاباغ ٺھيو ۽ ان مان ڪئنال نڪتا تہ

سنڌ جو سڄو پاڻي ورهائجي ويندو ۽ وڏو حصو پنجاب کٽي ويندو. جيئن موجوده وقت ۾ چشما جهلم ڪئنال، جيڪو گوٽ جي صورت ۾ وهڻ گهرجي پر اِهو بارهوئي وهي رهيو آهي، ان منصوبي جي پهرين نشاندهي فضل الله قريشي سنه 84-1983ع ۾ ڪئي جڏهن هو پلاننگ ڊويزن ۾ ڊپٽي چيئرمين ۽ محبوب الحق چيف هو. اُن بعد سنه 1984ع ۾ سنڌ جي انجنيئر منظور شيخ صاحب جيڪو ان وقت پلاننگ ڪميشن ۾ "ميمبر" هو ان انجنيئر شاهنواز سابق چيئرمين واپڊا سان گڏجي هڪ رپورٽ ۾ ڊيم جون خاميون پڌريون ڪيون هيون.

جيتري قدر مون کي ياد آهي ته ڪافي وقت کان سنڌ جي انجنيئرن تحقيق جي بنياد تي هن ڊيم جي مخالفت پيِ ڪئي آهي. تن ۾ خاص طور تي سڀ کان اول محترم سائين عبدالرسول ميمڻ صاحب هو جيڪو واپڊا (واٽر ونگ) سنڌ جو چيف انجنيئر رهيو. واپڊا جي واٽر ونگ جو تمام وڏو ڄاتو هو ۽ پاڻ انگن اکرن سان هڪ ننڍڙو ڪتابڙو لکيو آٿائون، جنهن ۾ ڀرپور دليلن سان ڪالاباغ ڊيم جا نقصان ٻڌايا آهن ۽ ان جي سخت مخالفت ڪئي آهي. انهيءَ جو بنياد وٺي سنڌ جي ٻين انجنيئرن ۽ دانشورن وڏيڪ تحقيقون ڪيون ۽ هن ڊيم جي مخالفت ڪئي. انهي دليلن ۽ انگن اکرن کي اسان جي سنڌ جي سياستدانن ۽ ماڻهن پڙهيو ۽ ڪالاباغ جي مخالفت ڪئي. جنرل ضياءُ الحق جي دور ۾ محترم رسول بخش پليجي شروعات ڪري، ڪراچيءَ ۾ هڪ وڏو جلوس ڪڍيو ۽ بعد ۾ سنڌ جي سيني سياستدانن تمام گهڻا جلسا ۽ جلوس ڪڍيا ۽ مارچ ڪيا ۽ گهڻو ڪجهه لکيو. ڪجهه سال اڳ محترمه بي نظير ڀٽو سڄي ملڪ جي ماڻهن کي ڪالاباغ جي مخالفت ۾ گڏ ڪيو ۽ ڪمون شهيد تي تمام وڏو ڊرڻو هنيو ۽ انهيءَ ساڳئي ڏينهن تي، ولي خان صاحب جي رهنمائي ۾ پناڻ رهنما ۽ بلوچ ليڊر به اچي گڏ ٿيا ۽ اهو ڊرڻو ملڪ جي تاريخ ۾ تمام وڏو ڊرڻو ثابت ٿيو. ڪمون شهيد جي پرئين پاسي پنجاب جا سڄاڻ ماڻهو ۽ پ پ جا ليڊر به اچي گڏيا. محترمه سان سنڌ

جا سڀ ليڊر پڻ گڏ هئا چو ته هن سيٽني کي سڏ ڏنو هو. سنڌ جا سڀ قوم پرست ليڊر به اچي انهيءَ تاريخي ڌرڻن ۾ شامل ٿيا هئا. هي دور نواز شريف صاحب جي حڪمراني جو دور هو ۽ انهيءَ کان پوءِ نواز شريف جو ڪالاباغ بابت ڪجهه هٽ گهٽيو پر پنجاب پنهنجي هوڏ تي قائم رهيو ۽ اجا تائين پنهنجي انهيءَ هٽ ۽ هوڏ تي قائم آهي ته 'ڪالاباغ ڊئم ٺهڻ گهرجي'.

سنڌ ۾ ٻئي نمبر تي، جن اسان جي محترم انجنيئرن سنڌ جي پاڻي جو ڪيس وڙهيو، تن ۾ محترم ايس ڪي بلوچ، قاضي عبدالمجيد صاحب سابق سينيٽر، محترم اي اين جي عباسي، محترم غلام محمد سومرو، محترم ادريس راجپوت ۽ محترم سردار مغل شامل آهن. انهي سان گڏ سنڌ جو سڄاڻ ٽيڪنو ڪريٽ محترم فضل الله قريشي به هو ۽ اجا تائين ڪافي پيش پيش آهي. هتي هڪ ڳالهه ٻڌائڻ ضروري آهي ته پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ انڊس واٽر معاهدي جو ڪيس سٺ واري ڏهاڪي واري اوائلي دور ۾ سنڌ مان ڊاڪٽر صالح قريشي وڙهيو، جنهن سان پنجاب جا انجنيئر شامل هئا. انهن جو چوڻ هو ته هي هندستان ۽ پاڪستان جي وچ ۾ جهيڙو آهي، محمد صالح قريشي مرحوم جيڪو سنڌي هو ۽ آمريڪا مان چاليهن واري ڏهاڪي ۾ پي ايچ ڊي ڪري آيو هو. تنهن جو خيال هو ته اصل جهيڙو ته پنجاب ۽ سنڌ جو آهي ۽ سنڌ جو نقصان پيو ٿئي ۽ بعد ۾ انڊس واٽر ڪميٽيءَ مان ڪيس ڪڍيو ويو. انهيءَ موقف تي پنجاب جا انجنيئر ۽ آفيسر سانس وڙهيا به هئا ۽ بعد ۾ ان ڪميٽيءَ تي قابض ٿي ويا.

پيو محترم عبدالوهاب شيخ صاحب جيڪو سنڌ جي آبپاشي کاتي جو ايڊيشنل چيف سيڪريٽري هو ۽ جنرل يحيٰ خان جيڪا پنجاب ۽ سنڌ ۾ پاڻيءَ جي جهيڙي جي حوالي سان ملڪ جي چيف جسٽس فضل اڪبر جي سربراهيءَ ۾ ڪميٽي ٺاهي هئي، ان ۾ عبدالوهاب شيخ صاحب سنڌ جو ڀرپور ڪيس پيش ڪيو هو ۽ اِهو واضح طور تي چيو ته پنجاب سنڌ سان سخت ناانصافي ڪري رهيو

آهي. سندس اها رپورٽ پڻ سنڌيءَ ۾ جلد توهان جي هٿن ۾ ايندي. هيءَ رپورٽ جيڪا هن وقت توهان جي هٿن ۾ آهي، انهيءَ جو تفصيل هن ريت آهي:

آگسٽ 2003ع ۾ جنرل مشرف سنڌ جو دورو ڪيو ۽ 25 تاريخ تي سنڌ جي گورنر هائوس ۾ هڪ گڏجاڻي گهرائي، جنهن ۾ ڪافي ماڻهو شريڪ ٿيا. ڪجهه نالا مون کي ياد آهن انهن ۾ محترم اي. اين. جي عباسي، محترم قاضي عبدالمجيد، محترم عبدالمجيد نظاماڻي، محترم سردار مغل، محترم قمر الزمان شاهه، محترم مشتاق ميراڻي، راقم اعجاز قريشي، محترم امتياز قاضي ڏهوڪو صوبائي سيڪريٽري آبپاشي سنڌ، جنرل ذوالفقار، چيئرمن واپڊا، سنڌ جو ڏهوڪو خزاني جو وزير ڊاڪٽر عبدالحفيظ شيخ، ڪجهه صحافي ۽ ٻيا. جنرل مشرف ٽن ڪلاڪن جي ويهڪ ۾ ادائي ڪلاڪ ڪالاباغ جي فائدي ۾ ڳالهايو ۽ پوءِ ٿورو ٿورو وقت ماهرن کي ڏنائين. هر ڪنهن پنهنجي راءِ ڏني. سنڌ جي سيني ماهرن ڪالاباغ ڊيم جي نقصانن ۽ سنڌ کي پاڻيءَ جي حوالي سان ٻين نقصانن جو ذڪر ڪيو. ان گڏجاڻيءَ ۾ محترم اي. اين جي عباسي سنڌ جو ڪيس تمام ڀرپور نموني رکيو ۽ ايتري قدر چيائين ته تربيلا مان سڀ کان اڳ ۾ پاڻي پنجاب کي مليو ٿو ۽ اول اتان جا ڊيم ۽ ڪئنال ڀرجن ٿا ۽ بعد ۾ سنڌ کي ملي ٿو. حقيقت ۾ پهرين سنڌ کي ملي! چوجو هو پڇاڙي وارو صوبو آهي. تنهن تي جنرل مشرف چيو ته اهو غلط آهي. پهرين سنڌ کي ملي ٿو پر هتي جنرل ذوالفقار جيڪو واپڊا جو چيئرمن آهي، ان کان پڇون ٿا ۽ جنرل مشرف، جنرل ذوالفقار کان پڇو ته جيڪي عباسي صاحب چوي ٿو، اُهو صحيح آهي يا غلط؟تنهن تي جنرل ذوالفقار وراڻيو ته سائين عباسي صاحب بالڪل صحيح ٿو چوي ۽ اسان ائين ڪندا آهيون. جنهن تي مشرف ذوالفقار تي ڪاوڙيو ۽ چيائين ته تون مون کي غلط ٻڌائيندو آهين. بهرحال قصو ڪوتاهه، ٽن ڪلاڪن جي بحث کان پوءِ فيصلو اِهو ٿيو ته هڪ ڪميٽي ٺاهجي ٿي، جنهن جو

چيئرمن محترم اي اين جي عباسي کي مقرر ڪجي ٿو ۽ ڪيس اٺ ميمبر بيا ڏجن ٿا ۽ اُهي رپورٽ ٺاهڻ لاءِ ڪجهه ٽائيم وٺن. ڪين ٿي اوآرز بہ ڏجن ٿا تہ ملڪ جي پاڻيءَ جي مسئلي جو اڀياس ڪن ۽ بعد ۾ هڪ رپورٽ پيش ڪن تہ اڳيان هلي ڇا ڪجي ۽ ڪهڙا ڊيم ٺاهجن؟ انهيءَ ميٽنگ ۾ ڪجهه پنجابي ڳالهائيندڙ ماهر بہ هئا. انهن ڪالاباغ جي حمايت ڪئي. ڪميٽي جو اعلان ٿيو ۽ پوءِ اِها ڪميٽي اسلام آباد ۾ ويٺي، وڏا بحث ٿيا، پنجاب جي ميمبرن ڪالاباغ ڊيم جي اڏاوت لاءِ نهن چوٽيءَ جو زور لڳايو. اڍائي سالن جي عرصي ۾ هڪ مدلل رپورٽ تيار ڪئي وئي، جنهن جي آڌار تي ڪالاباغ ڊيم جو ٺهڻ ناممڪن بنايو ويو.

اڄ انهيءَ رپورٽ جو مڪمل تت يا خلاصو اوهان جي هٿن ۾ آهي، هن رپورٽ لکڻ وقت پنجاب، تڏهوڪي صوبي سرحد (ڪي پي ڪي) ۽ بلوچستان جي ميمبرن ۽ سنڌ جي هڪ پنجابي ميمبر ڊاڪٽر اقبال علي ڪالاباغ جي حمايت ڪئي. سنڌ جي صرف هڪ (ٻن مان) محترم سردار مغل سخت مخالفت ڪئي. ستن ميمبرن جي لکڻين کي ڏسي محترم اي اين جي عباسي پنهنجي رپورٽ پيش ڪئي (جيڪا هن وقت توهان جي هٿ ۾ آهي) انهيءَ جي بنياد تي مشرف حڪوت ۽ پين حڪومتن ڪالاباغ ٺاهڻ جي سلسلي ۾ ڪا بہ اڳيرائي نہ ڪئي. ڪافي وقت کان دوستن جي وچ ۾ اِهي ڳالهيون پئي هليون تہ عباسي صاحب جي انهيءَ رپورٽ کي سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪرائجي پوءِ سنڌي ۽ انگريزي ۾ ڇپائجي ۽ ساڳي ريت عبدالوهاب شيخ صاحب واري رپورٽ کي بہ سنڌي ۽ انگريزي ۾ ڇپائجي. انهيءَ سڄي ڪم ۾ چند دوستن پنهنجي همت ڏيکاري ۽ سڀ کان وڌيڪ سهرو آءٌ فضل الله قريشي صاحب جي سر تي وجهندس تہ هن تمام زوردار طريقي سان اِهو چيو تہ دوست گڏجي هي ٻئي رپورٽون ڇپرائين. پاڻ اڳيان هو ۽ پوءِ سائنس گڏ سائين ادريس راجپوت ۽ راقم پيش پيش هئاسون. ٻين جن محترم دوستن اڳيان هٿ وڌايو. انهي ۾ قاضي فضل الحق صاحب،

سائين مظهر الحق صديقي صاحب، سائين ڊاڪٽر سليمان شيخ صاحب، سائين امان الله شيخ صاحب، سائين اسلم بلوچ صاحب، سائين مير غلام شاهه صاحب، سائين ڊاڪٽر فتح مري صاحب، سائين ڊاڪٽر وجي آهوجا صاحب، سائين موهن لعل صاحب، سائين صدر الدين جتوئي صاحب، سائين نصير ميمڻ صاحب ۽ ٻيا ساٿي شامل آهن. سائين اسلم خواجه جو بہ ٿورائتو آهيان، جنهن هن جو سلو ترجمو ڪيو ۽ بعد ۾ سائين ادريس راجپوت ۽ مون ترجمي جي گهرائي سان نظرثاني ڪئي. اڄ هي رپورٽ توهان جي هٿن ۾ آهي. اميد تہ پسند ايندي. پنهنجا رايا ضرور ڏيندا، جنهن جو جيڪو ڪردار بيهي ٿو اهو ضرور ادا ڪري، ڇاڪاڻ تہ تاريخ باضمير فردن جو پڇاڻو ضرور ڪندي آهي. جلدئي توهان هٿن ۾ عبدالوهاب شيخ صاحب جي رپورٽ پڻ هوندي.

اسان پيڪاڪ پرنٽرس ۽ پبلشرس جي چيئرمين محترم ڊاڪٽر آفتاب ابڙي ۽ سندس لائق فرزندن قمر آفتاب ۽ ظفر آفتاب جا نهايت شڪرگذار آهيون، جن اهڙي ناياب رپورٽ کي نئين سر ڇپائڻ ۾ دلچسپي جو مظاهرو ڪيو آهي.

پروفيسر اعجاز احمد قريشي

16 جولاءِ 2016ع

پاڻيءَ جي وسيلن بابت
ٽيڪنيڪل ڪميٽيءَ جي رپورٽ

1. مول متن يعني TORS، نتيجن ۽ سفارشن جو جائزو
2. پاڻيءَ جي وسيلن بابت ٽيڪنيڪل ڪميٽيءَ جو دائرو يا مول متا
3. تاريخ 15 نومبر 2003 تي نمبر W. III (1) 2002 vol.iv ۽ 11 فيبروري 2004 تي نمبر W. III -1 (1) /2002 -vol. iv تحت پاڻي ۽ بجلي واري وزارت حڪومت پاڪستان جي جاري ڪيل ٻن نوٽيفڪيشنن ۾ ٽيڪنيڪل ڪميٽيءَ جي ڪم ڪار جا مول متا هيلين ريت مقرر ڪيا ويا:

.1 1991ع واري پاڻي ٺاهه مطابق پاڻي ورڇ جي ماهرن جو ورجائڻ ۽ صوبن وچ ۾ پاڻي ورڇ کي درست ڪرڻ لاءِ سفارشون ڏيڻ.

.2 مستقبل جي گهرجن ۽ تربيلا ۽ منگلا جي لٽجڻ سبب پاڻيءَ جي کوٽ کي منهن ڏيڻ لاءِ ڊيم/ذخيرا ٺاهڻ جي ضرورت جي ڪٿ لڳائڻ ۽ مستقبل جي ذخيرن جي سلسليوار ٺاهڻ بابت سفارشون پيش ڪرڻ.

.3 ڪوٽڙيءَ کان هيٺ وهڪري بابت اڀياس بابت هيل تائين ٿيل پيش رفت جو جائزو وٺڻ ۽ اڀياس مڪمل ڪرڻ کي تيز ڪرڻ وارن اپائن جي سفارش ڪرڻ

.4.a مستقبل جي آبي ذخيرن ۽ اريگيشن رٿائن لاءِ پاڻيءَ جي موجودگيءَ جو تعين ڪرڻ.

.4.b 1976 کان 2003 تائين ڪوٽڙي کان هيٺ ويل پاڻيءَ جي صحيح مقدار جو تعين ڪرڻ

.5.a منگلا واري آبي ذخيري جي پاڻي پرڻ واري معيار جي جاچ لهڻ ۽ ان ڏس ۾ سفارشون پيش ڪرڻ

.5.b لنڪ ڪينالن ۽ مستقبل جي آبي ذخيرن جي هلائڻ واري معيار جو جائزو وٺڻ.

.6 پنهنجي ڪمن ڪارين جي اُڪلائڻ ۾ پاڻيءَ جي وسيلن بابت پارلياماني ڪميٽيءَ جي پورائي ڪرڻ.

مول متا نمبر 1 کان 3، 4(b)، 5(a) ۽ 6 تاريخ 15 نومبر 2003 تي پهرين نوٽيفڪيشن ۾ ۽ مول متن نمبر (a) 4 ۽ 5(b) تاريخ 11 فيبروري 2004 تي ٻئي نوٽيفڪيشن ذريعي طئي ڪيا ويا.

1.2 ٻن اضافي مول متن جي شموليت تي اعتراض

ٽيڪنيڪل ڪميٽيءَ جي 11 مارچ 2004 تي ڪوٺايل پهرين گڏجاڻيءَ ۾ پاڻيءَ جي وسيلن بابت ٽيڪنيڪل ڪميٽيءَ جي ميمبر مظهر عليءَ اعتراض واريو تہ ڊيمن لاءِ پاڻيءَ جي موجودگي ڪڍهن بہ مامرو نہ رهيو آهي ۽ ٽيڪنيڪل ڪميٽيءَ جي چيئرمين ٻين ميمبرن سان ڪو مشورو ڪرڻ کان سواءِ، مستقبل جي آبي ذخيرن لاءِ پاڻيءَ جي موجودگي ۽ 1960 واري سنڌ طاس ٺاهہ تحت جاڙايل بيهڪ ۽ عمل سان اڏاوت ڪيل لنڪ ڪينال جي هلائڻ جي معيار بابت مول متن ۾ بہ تڪراري مامرا شامل ڪرايا آهن. مظهر علي ڪميٽيءَ جي 4 سيپٽمبر 2004 تي ڪوٺايل ٻي گڏجاڻي ۾ پڻ ساڳيو مامرو اُٿاريو جڏهن تہ 28 سيپٽمبر 2004 تي ڪوٺايل ٽين گڏجاڻي ۾ پڻ ساڳيو نڪتو سامهون آندائين، چيائين تہ ٽيڪنيڪل ڪميٽي لاءِ بہ مول متا چيئرمين پنهنجي سر شامل ڪرايا آهن.

ڪميٽي جي پهرين گڏجاڻي ۾ پاڻيءَ جي ذخيزن بابت پارلياماني ڪميٽيءَ جي چيئرمين نثار ميمڻ صلاح ڏني تہ ڪميٽيءَ جي وڌيڪ وهنوار لاءِ حڪومت طرفان جاري ڪيل نوٽيفڪيشن وارن مول متن جي پيروي ڪئي وڃي. ڪميٽيءَ جي ٽين گڏجاڻي ۾ نمبر

شمس الملڪ چيو ته اسان کي مول متن بابت فيصلي جي خوش دلي سان پوئواري ڪرڻ گهرجي.

ڪميٽيءَ جي چيئرمين وضاحت ڪئي ته ڪميٽيءَ جا مول متا صدر طرفان ڪيس ڪميٽي جو چيئرمين نامزد ڪرڻ کان هڪدم پوءِ اعلان ڪيا ويا. انهن مول متن ۾ پاڻيءَ واري شعبي ۾ لاڳاپيل ادارن طرفان مامرا هلائڻ بابت هاڻوڪن خدشن ۽ مستقبل جي پروگرامن کي شامل ڪيو ويو آهي. نومبر 2003 واري نوٽيفڪيشن ۾ اهي ڪجهه مول متا ۽ ٻيا فيصل ڪيل مامرا غير موجود هئا، ان ڪري غير موجود اسمن کي درست ڪرڻ لاءِ هڪ خلاصو صدر/ وزير اعظم کي منظوريءَ لاءِ پيش ڪيو ويو. اهو فيبروري 2004 واري نوٽيفڪيشن ۾ ڪيو ويو. ان ڪري ٽيڪنيڪل ڪميٽيءَ کي پنهنجي وهنوار ۾ حڪومت طرفان جاري ڪيل مول متن جي پوئواري ڪرڻ گهرجي.

1.3 مول متن تي ويچار جو حڪم/ضابطو

پاڻيءَ جي وسيلن بابت پارلياماني ڪميٽيءَ جي گڏجاڻي دوران ڪميٽيءَ جي چيئرمين ۽ ميمبرن سان گڏوگڏ گڏجاڻي ۾ شريڪ صوبن جي عيوضين ٽيڪنيڪل ڪميٽيءَ جي چيئرمين کي گذارش ڪئي ته اهميت هيٺ ڪري، پاڻيءَ جي موجودگيءَ بابت مول متن کي ترجيحي بنيادن تي رکيو وڃي. ان ڪري طئي ڪيو ويو ته مول متو نمبر 4(a) "مستقبل ۾ آبي ذخيرن ۽ اريگيشن رٿائن لاءِ پاڻيءَ جي موجودگيءَ جو تعين" پهرين ڪئڻ گهرجي. اهو پڻ محسوس ڪيو ويو ته مول متو نمبر 5(a) منگلا آبي ذخيري کي پرڻ واري پشماني جي جانڇ ۽ ان ڏس ۾ سفارشون جوڙڻ" ۽ مول متو نمبر 5 (b) "لنڪ ڪينالن ۽ مستقبل جي آبي ذخيرن جي عملي پشماني جي جانڇ" کي ان کان پوءِ کنيو وڃي ته جيئن مستقبل جي آبي ذخيرن جي اڏاوت ۽ ترتيب سان لاڳاپيل مول متو نمبر 2 جي ويچار لاءِ ميدان هموار ڪري سگهجي.

ان جي روشنيءَ ۾ ٽيڪنيڪل ڪميٽيءَ جي مول متن تي ويچار ۽ بحث مباحثو هيٺين ترتيب سان ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو:

4-a- "مستقبل جي آبي ذخيرن ۽ اريگيشن رٿائن لاءِ پاڻيءَ جي موجودگيءَ جو تعين"

5-a- "منگلا آبي ذخيري کي پرڻ واري معيار جو جائزو ۽ ان ڏس ۾ سفارشون جوڙڻ"

5-b- "لنڪ ڪينالن ۽ مستقبل جي آبي ذخيرن جي هلائڻ واري معيار جو جائزو"

2. "مستقبل جي ضرورتن ۽ تربيلا ۽ منگلا ڊيمن جي لٽجڻ سبب پاڻيءَ جي ڪوٽ کي منهن ڏيڻ لاءِ ڊيمن/ آبي ذخيرن جي اڏاوت واري ضرورت جي ڪٿ لڳائڻ"

1- "پاڻيءَ جي ورڇ بابت 1991 واري ٺاهه موجب پاڻيءَ جي ورڇ سان لاڳاپيل مامرن جو جائزو ۽ صوبن وچ ۾ پاڻيءَ جي ورڇ بابت سفارشون ڏيڻ."

هن رپورٽ ۾ انهيءَ ترتيب سان مول متا بحث هيٺ آندا ويندا.

ڇاڪاڻ ته هيٺ ڏنل سببن ڪري هيٺيان مول متا تفصيلي بحثن ۽ اظهارن مان خارج ڪيا ويا:

مول متو نمبر 3: "ڪوٽڙيءَ کان هيٺ نيڪال تي اپياس بابت هيل تائين ڪيل ڪم جو جائزو ۽ اپياس مڪمل ڪرڻ کي تيز ڪرڻ لاءِ اُپاءَ تجويز ڪرڻ."	مارچ 2004 ۾ چيف انجنيئرنگ صلاحڪار طرفان پيش ڪيل مقالو مناسب ليکيو ويو. اِهو محسوس ڪيو ويو ته ٽن اپياسن تي ڪم جو جائزو ماهوار عملي رپورٽن ذريعي وٺي سگهجي ٿو.
مول متو نمبر (b) 4. "1976 کان 2003 تائين ڪوٽڙيءَ کان لهواري گذريل پاڻيءَ جي مقدار	تربيلا کان پوءِ واري عرصي ۾ سمنڊ ڏانهن وهڪري بابت واپڊا جي فراهم ڪيل چارٽ ريڪارڊ

جو حقيقي تعين."	ڪيل انگن اکرن تي ٻڌل هئي ۽ ان ڪري قابل قبول ليکي وئي.
مول متو نمبر6. "پاڻيءَ جي وسيلن بابت پارلياماني ڪميٽيءَ کي انجي ڪمن ڪارين جي پورائي ۾ همڪاري ڪرڻ."	هن مول متي ۾ ڪنهن به جاچ، انگن اکرن يا اظهار جي ضرورت ناهي.

انهن مول متن کي موجود جاچ ۽ مواد کي مد نظر رکندي پڻ رپورٽ ۾ نبيريو ويندو.

تاريخ 25 مئي 2005 تي ايوان صدر ۾ ڪوٺايل گڏجاڻيءَ ۾ فيصلو ڪيو ويو تہ پاڻي ۽ بجليءَ واري وزارت پاڻيءَ جي وسيلن بابت ٽيڪنيڪل ڪميٽيءَ جي ميمبرن جي صحيحون ڪيل موقف واري رپورٽ هٿ ڪندي ۽ ڪميٽي چيئرمين ڏانهن اُماٽيندي تہ جيئن سندس تبصري سان اها پاڻيءَ جي وسيلن بابت ٽيڪنيڪل ڪميٽيءَ جي رپورٽ ۾ شامل ڪري سگهجي. چيئرمين کي ڪميٽيءَ جي ستن ميمبرن جي گڏيل رپورٽ ۽ اٺين ميمبر جو هڪ ڌار نوٽ تاريخ 9 جون 2005 تي پاڻي ۽ بجلي واري وزير کان وصول ٿيا. ستن ميمبرن جي گڏيل رپورٽ ۽ اٺين ميمبر جو ڌار نوٽ هن رپورٽ سان ڳنڍيل آهن.

مول متا نمبر (a)4، (b)5، 2 ۽ 1 مان هر هڪ سان لاڳاپيل مامرن تي فراهم ڪيل مواد ۽ انگن اکرن ۽ ٽيڪنيڪل ڪميٽي ءَ جي گڏجاڻين ۾ ٿيل غورويچار جي روشنيءَ ۾ هن رپورٽ جي ايندڙ پيراگرافن ۾ جائزي هيٺ آندا ويا آهن. مئي 2005 واري رپورٽ ۾ شامل ميمبرن جا موقف پڻ هن رپورٽ ۾، چيئرمين جي تبصرن سان گڏ هر مول متي تحت شامل ڪيل آهن. مول متا نمبر 3، (b) 4 ۽ 6 جو تفصيلي جائزو ضروري نہ ليکيو ويو ۽ ان ڪري 1.3.3 ۾ ڄاڻايل تحت ان جو ڪو اظهار شامل ناهي. بهرحال انهن مول متن تي هڪ مختصر رپورٽ هن رپورٽ ۾ ضرور شامل ڪيل آهي.

مول متا نمبر (a) 4، (b) 95، 2 ۽ 1 جي ڏس ۾ پاڻيءَ جي وسيلن بابت ٽيڪنيڪل ڪميٽيءَ جي چيئرمين جا تت ۽ سفارشون هر مول متي جي پچاڙ ۾ ڏنا ويا آهن. تت ۽ سفارشن جو هڪ خلاصو پڻ تيار ڪيو ويو آهي جيڪو ڏار پيش ڪيل آهي.

مول متو (a) 4

”مستقبل جي آبي ذخيرن ۽ اريگيشن رٿائن لاءِ پاڻيءَ جي موجودگيءَ جو تعين.“

2.1 پاڻيءَ جي موجودگيءَ جا ذريعا

پاڻي ڪنهن به ملڪ لاءِ هڪ اهم ذريعو آهي. زرعي ملڪ هئڻ ناتي پاڪستان ۾ پاڻي ملڪي معيشت ۾ هڪ انتهائي اهم ڪردار ادا ڪري ٿو.

پاڪستان پنهنجي آبپاشيءَ وارين ضرورتن لاءِ ذري گهٽ مڪمل طور تي سنڌو درياءَ ۽ انجي سهڪاري وهڪرن تي انحصار ڪري ٿو. 1960 واري سنڌو طاس ٺاهه تحت ٽي اڀرندي نديون (راوي، ستلج ۽ بياس) مڪمل استعمال واسطي ڀارت جي حوالي ڪيون جڏهن ته ٽي اُلهنديون نديون (سنڌو، جهلم ۽ چناب) پاڪستان جي حصي ۾ آيون جنهن ۾ ڀارتي والار هيٺ ڪشمير جي اترئين علائقن ۾ ڀارت طرفان الهندي ندين جي پاڻيءَ جي استعمال جون ڪي شقون رکيون ويون.

پاڻيءَ جي ٻين وسيلن ۾ برسات ۽ زميني پاڻي شامل آهن. لڳ ڀڳ ڇهه لک ٽيوب ويل (گهڻي ڀاڱي وچولي پاڪستان جي مٺي پاڻيءَ واري زمين جي ايراضيءَ ۾) پڻ آهن جيڪي آبپاشيءَ وارن مقصدن لاءِ 40 ملين ايڪڙ فوٽ ڪان وڌيڪ پاڻي مهيا ڪن ٿا.

2.2 پاڻيءَ جي موجودگيءَ جي مجموعي صورتحال

پاڪستان کي مليل اُلهندي ندين جا وهڪرا انتهائي ڦرڻا گهرڻا آهن. انهن ۾ سال 60-1959 دوران وڌ ڪان وڌ وهڪرو 186.79 ملين ايڪڙ فوٽ رهيو جڏهن ته سال 2001-02 ۾ گهٽ ڪان گهٽ

وهڪرو 97.17 ملين ايڪڙ فوٽ رهيو. وهڪرن ۾ منداڻتا فرق پڻ اچن ٿا. وهڪرن جو وڏو حصو (84 سيڪڙو) خريف جي مُند ۾ (اونهاري وارا مهينا) ۾ ٿئي ٿو جڏهن ته ربيع واري مُند (سياري وارا مهينا) ۾ وهڪرا انتهائي گهٽ (16 سيڪڙو) ٿين ٿا.

2.3 پاڪستان ۾ آبپاشيءَ تحت زراعت جي واڌ ويجهه

پاڪستان ۾ آبپاشيءَ تحت زراعت جي تاريخ اوڻويهين صدي جي شروعات کان ٿئي ٿي. شروعاتي دورن ۾، آبپاشي وارو پاڻي اُٿل واهن ذريعي فراهم ٿيندو هو جن جو دارو مدار دريائن جي سطحن تي هوندو هو ۽ چاڙهه/ٻوڏن دوران ڪم ڪندا هئا. اڳتي هلي بيراج اڏيا ويا. پهرين سهڪاري وهڪرن تي ۽ بعد ۾ سنڌو جي مرڪزي وهڪري تي، ته جيئن ڪمانڊ ايريا کي بيراجن ذريعي ڪنٽرول ۾ آڻي سگهجي. 1947 ۾ آزاديءَ مهل، ڪينال چوڙ فقط 64 ملين ايڪڙ فوٽ هئا. ان کان پوءِ آبپاشي واري سرشتي ۾ وڏيڪ واڌ ويجهه ۽ توسيع ٿي آهي. پاڪستان جو هاڻوڪو آبپاشيءَ وارو سرشتو ڪمانڊ ايراضيءَ جي لڳ ڀڳ ٽي ڪروڙ سٺ لک ايڪڙ پوکيءَ لائق زمين جو احاطو ڪري ٿو. هاڻوڪو سرشتو 19 هيڊورڪس، 43 ڪينالن ۽ ٻن وڏن آبي ذخيرن تي ٻڌل آهي. 1991 ۾ صوبن وچ ۾ پاڻيءَ جي ٺاهه تي صحيحون ٿيون. ٺاهه موجب سنڌن موجود ڪينال سرشتن لاءِ چئني صوبن کي 117.35 ملين ايڪڙ فوٽ پاڻي الاٽ ڪيو ويو.

2.4 مول متو نمبر (a) 4 تي اظهار

سيڪريٽري رٿابندي ۽ ترقياتي ڊويزن ۽ ٽيڪنيڪل ڪميٽيءَ تي ميمبر (پاڻي) واپڊا تاريخ 4 سيپٽمبر 2004 تي ڪميٽي جي گڏجاڻيءَ ۾ مول متو نمبر (a) 4 تي پنهنجا ويچار ونڊيا. ميمبر (پاڻي) واپڊا طرفان ڏنل بريف ۾ ڪجهه نڪتن جو احاطو نه ٿي سگهيو ۽ ان ڪري هُن 27 سيپٽمبر 2004 تي ڪوئايل اينڊڙ گڏجاڻي ۾ اضافي

CamScanner

اظهار ڪيو.

سنڌو جي پاڻيءَ واسطي پاڪستان ڪمشنر کي پاڻيءَ جي موجودگيءَ جي هيٺين پهلوئن تي اظهار ڪرڻ لاءِ چيو ويو:

(a) 1960 واري سنڌ طاس ٺاهه جي روشنيءَ ۾ ايرندي ندين کان اينڊڙ پاڻيءَ جي وهڪرن ۾ اولهندي ندين تي ڀارتي حق.

(b) سنڌ طاس ٺاهه جو اطمينان جوڳو جائزو يا ٺاهه جي ڪاپيچڪڙي جيڪا پاڪستان تي اثر وجهي سگهي.

(c) ڪابل درياءَ جي وهڪرن ۾ ڪابل درياءَ جو پاڻي ورهائڻ بابت افغانستان سان رٿيل ٺاهه بابت جاچ. سنڌوءَ جي پاڻيءَ بابت پاڪستان ڪمشنر 27 سيپٽمبر 2004 تي ڪوئايل ٽيڪنيڪل ڪميٽيءَ جي ٽين گڏجاڻيءَ ۾ پنهنجو موقف پيش ڪيو.

ٽيڪنيڪل ڪميٽيءَ جي ميمبر سردار احمد مغل 4.9.2004 ۽ 27.9.2004 تي پيش ڪيل واپڊا جي اظهارن تي لکت ۾ تبصرو ڪيو. واپڊا جي ميمبر (پاڻي) سردار احمد مغل جي تبصرن تي پنهنجي وراڻي ڏني. ان تي سردار احمد مغل واپڊا طرفان ڏنل وراڻين تي پنهنجون وڌيڪ وراڻيون اُماڻيون.

2.5 رٿابندي ۽ ترقياتي ڊويزن طرفان پيش ڪيل پريزنٽيشن تي مشاهدا

اِهو مشاهدي هيٺ آيو ته مول متو نمبر 4(a) "مستقبل جي آبي ذخيرن ۽ آبپاشي رٿائن واسطي پاڻيءَ جي موجودگيءَ جو تعين ڪرڻ" سان لاڳاپيل آهي پر رٿابندي ۽ ترقياتي ڊويزن هنيءَ جي مهارتي پاڻي جي موجودگيءَ بابت نقطي نظر پيش ڪيو آهي. ان کان سواءِ ان ۾ آبپاشيءَ واري سرشتي ۾ سمڻ وگهي ٽيندڙ نقصانن جا انگ اکر پڻ شامل ڪيا ويا آهن (شايد واٽر ڪورسن ۾ آبپاشي ڪينالن جي استر سازيءَ لاءِ)، جيڪي واسطيدار مول متي تحت گهربل نه هئا. وڌيڪ اِهو ته، ڊويزن واپڊا جي ويزن 2025 پروگرام جي منظوري واريءَ حيثيت بابت ڪا به ڳالهه نه ڪئي آهي. عمل هيٺ رٿائن ۾ رٿيل اپياس ۾

منظوريءَ هيٺ رٿائن جي فهرست ته فراهم ڪئي وئي پر ڊويزن مستقبل جي آبي ذخيرن ۽ ٻوڏ ذريعي آبپاشي رٿائن وچ ۾ ترجيح کي واضح طور تي پيش نه ڪري سگهي.

2.6 واپڊا جي پريزنٽيشن تي مشاهدا/ تبصرو

واپڊا پنهنجي قيام کان وٺي پاڻيءَ جي موجودگيءَ جي ڳڻ ڳوت کي پنهنجي سرگرمي جي هڪ لاڳو حصي طور نه ليکيو آهي ۽ نه ئي وري ان ڏس ۾ ڪو معياري ڍانچو جوڙيو آهي. جيڪڏهن هو اهو ڪن ها ۽ پاڻيءَ جي موجودگيءَ جي ڳڻ ڳوٺ کي پنهنجي سرگرمين جي هڪ ساليانی روپ طور وٺن ها ته موقفن ۾ پيدا ٿيل فرق کان بچي سگهجي ها. اهو پاڻيءَ جي موجودگيءَ بابت مول متن تي بحث مباحثي دوران ٽيڪنيڪل ڪميٽيءَ جي چيئرمين واپڊا تي واضح ڪيو.

واپڊا جي ويزن 2025 پروگرام، جنهن تي 50 ارب آمريڪي ڊالرن کان وڌيڪ خرچ ٿيڻو آهي، پاڻيءَ جي موجودگيءَ بابت ڪا ڳڻ ڳوت ناهي. در حقيقت، ان ۾ پاڻيءَ جي موجودگيءَ بابت ذڪر ئي ناهي. هن دستاويز ۾ 59.43 ملين ايڪڙ فوٽ گنجائش وارن آبي ذخيرن کي شامل ڪيو ويو آهي. بهر صورت واپڊا اها اُپٽار ڪئي ته ويزن 2025 پروگرام فقط جوڳي ذخيري ڪرڻ وارين ايراضين جي فهرست جي نشاندهي لئي ٺوڪري پر حقيقي عمل در آمد هر رٿا جي ڪاٿي ۽ پاڻيءَ جي موجودگيءَ تحت ئي ٿيندو.

پاڻيءَ جي موجودگيءَ بابت درياءَ جي وهڪري جا انگ اکر

ٽيڪنيڪل ڪميٽيءَ جي 11 مارچ 2004 تي ڪوٽايل پهرين گڏجاڻيءَ ۾ پڪراٽپ سان طئي ڪيو ويو ته واپڊا طرفان درياءَ جي وهڪري سان لاڳاپيل بنيادي آبي انگ اکر ٽيڪنيڪل ڪميٽيءَ کي قبول هوندا. اهو ڪميٽيءَ جي ستن ميمبرن پنهنجي مئي 2005 واري رپورٽ ۾ پڻ واضح ڪيو آهي.

پاڻيءَ جي موجودگيءَ جي ڪسوٽي/پئمانو

هن ماهري کي ٽيڪنيڪل ڪميٽيءَ جي گڏجاڻين ۾ ويچار هيٺ آندو ويو. هڪ موقف اِهو هو ته سراسري پاڻيءَ جي موجودگيءَ (50 سيڪڙو تخمينو) وارو پئمانو اختيار ڪيو وڃي. ٻيو موقف اِهو هو ته پنجن مان چئن (80 سيڪڙو) وارو پئمانو اختيار ڪري سگهجي ٿو ڇاڪاڻ ته مستقبل جي آبي ذخيرن لاءِ پاڻيءَ جي باوثوق موجودگيءَ جي خاطري ڪرڻي آهي. وفاقي حڪومت جا پاليسي دستاويز جن مان آخري ڏهن سالن جو پيش منظر رٿابندي 2011-2001 آهي، واضح ڪن ٿا ته پنجن مان چئن سالن وارو پئمانو اختيار ڪرڻو پوندو. بهرحال ٽيڪنيڪل ڪميٽيءَ 22 نومبر 2004ع تي ڪوٺايل پنهنجي پنجين گڏجاڻي ۾ محسوس ڪيو ته پاڻي جي موجودگيءَ جي گهٽتائي واري هاڻوڪي صورتحال سبب پاڻيءَ جو هر قطرو، جڏهن به دستياب هجي، بچائڻو پوندو.

اوپارن ۽ لهوارن وهڪرن جا انداز/دڳ 2.6.5.1

پاڻيءَ جي موجودگيءَ جي ڳڻ ڳوت جو عمومي وهنوار اوپارين وهڪري واري انداز تي ٻڌل هوندو آهي ته ڪيترو پاڻي رم اسٽيشنن تي آيو ڪٽتون، استعمال، سرشتي ۾ نقصان وغيره جا آهن ۽ سمنڊ ڏانهن نيڪال. ان ريت اوپاري وهڪري وارو انداز/ طريقو ڪنهن دريائي سرشتي ۾ پاڻيءَ جي 'مناسب ۽ مڪمل پوٽاميل جو اهل نوڻائي. واپڊا طرفان 1994 ۾ پهريون ڀيرو لهواري وهڪري وارو اندازو/طريقو اختيار ڪيو ويو. هيءُ انداز ڪُل موجودگيءَ ۽ استعمال جي انداز جي نشاندهي ڪانسواءِ ئي سمنڊ ڏانهن حتمي وهڪري جو تعين ٿو ڪري. بهرحال پاڻيءَ جي موجودگيءَ جي ڳڻ ڳوت اوپاري وهڪري جي بنياد تي ڪجهي يا لهواري وهڪري جي بنياد تي، حتمي نتيجو ساڳيو اچڻ گهرجي جيڪڏهن پاڻي جو حساب ڪتاب درست طور رکيو ويو هجي.

واپڊا طرفان پاڻيءَ جي موجودگيءَ جي ڳڻ ڳوت

واپڊا 4 سيپٽمبر 2004 تي پنهنجي پريزنٽيشن ۾ پاڻيءَ جي موجودگيءَ جي پنهنجي هاٿوڪي ڳڻ ڳوت ۾ هيٺين ٽي جدولون شامل ڪيون:

(1) لهواري وهڪري جي بنياد تي پاڻيءَ جي سراسري موجودگي	14.95 ملين ايڪڙ فوٽ (ضميمو II.1)
(2) اوپاري وهڪري جي بنياد تي پاڻيءَ جي سراسري موجودگي	14.23 ملين ايڪڙ فوٽ (ضميمو II.2)
(3) لهواري وهڪري جي بنياد تي پاڻيءَ جي تازي موجودگي	19.1 ملين ايڪڙ فوٽ (ضميمو II.3)

اِهو سمجهه ۾ نه آيو ته واپڊا پنهنجي پريزنٽيشن ۾ لهواري وهڪري جي بنياد تي پاڻيءَ جي موجودگيءَ جون ٻه ڌار ڌار ڳڻ ڳوتون ڇو پيش ڪيون (ضميمو I-II ۽ ضميمو II.3)

ڳڻ ڳوتن ۾ هيٺيان جهول آهن:

(1) واپڊا جي ڳڻ ڳوتن ۾ (ضميمو I-1) (لهواري وهڪري جي بنياد تي) ۽ (ضميمو II.2) (اوپاري وهڪري جي بنياد تي) اڏاوت هيٺ رٿائن لاءِ گهربل پاڻيءَ جو اسم شامل ناهي، جهڙي ريت واپڊا طرفان لهواري وهڪري جي بنياد تي (ضميمو II.3) پاڻيءَ جي موجودگيءَ واري ڳڻ ڳوت ۾ ظاهر ڪيو ويو آهي. 27 نومبر 2004 تي ٽيڪنيڪل ڪميٽيءَ جي پنجين گڏجاڻيءَ ۾ ڪيل فيصلي موجب، اڏاوت هيٺ رٿائن جي حوالي سان پاڻيءَ جي موجودگي جي ڳڻ ڳوت شامل ٽيٽي هئي، ۽ اهو ته واپڊا طرفان شامل نه ڪيل ڪجهه مڪمل ٿيل رٿائون ۽ اڏاوت هيٺ رٿائن کي شامل هئڻ گهرجي.

(2) واپڊا جي لهواري وهڪري جي بنياد تي پاڻي جي موجودگيءَ جي ڳڻ ڳوت (ضميمو II.3) ۾ ناهه تحت الاٽ ڪيل وڌيڪ پاڻي جو مقدار شامل ناهي جيڪو لهواري وهڪري جي

اپرندي دريائن جو ڪو بہ وهڪرو شامل نہ ڪيو پر رڳو پاڪستان اندر پيدا ٿيندڙ پاڻيءَ کي شامل ڪيو.

(b) 20 جون 2002 تي پوربن ۾ ڪوناپل ٿڌوڪي سڏسماءَ واري وفاقي وزير سينيٽر نثار ميمڻ جي ڪانفرنس دوران پنهنجي پريزنٽيشن ۾ واپڊا پارت کان اپرندي دريائن جي حصي ۾ لاٽ 4.9 ملين ايڪڙ فوٽ ڄاڻائي، ان ريت اها تصديق ڪيائون تہ پارت کان اپرندي دريائن جي وهڪرن مان ڪنهن بہ وهڪري جي توقع نٿي ڪري سگهجي. بهر صورت، پاڻيءَ جي وسيلن بابت ٽيڪنيڪل ڪميٽيءَ آڏو پيش ڪيل پنهنجي تازي ترين ڳڻ ڳوت ۾ واپڊا پارت کان ڇوڙ جي صورت ۾ ۽ پاڪستان اندر پيدا ٿيندڙ پاڻيءَ ٻنهي صورتن ۾ اپرندي دريائن جي ايندڙ وهڪري جي نشاندهي ڪئي آهي.

(3) ڪوٽڙي کان لهواري لاءِ اختيار ڪيل انگن اکرن ۾ فرق

(a) 1992 ۾ پاڻي واري ٺاهہ تي صحيحن کان پوءِ پاڻيءَ جي موجودگيءَ جي پنهنجي پهرين ڳڻ ڳوت (واپڊا جي ٻن جنرل مينيجرن پاران) ۾ واپڊا پاڻي واري ٺاهہ موجب سمنڊ ڏانهن 10 ملين ايڪڙ فوٽ ڇوڙ جا انگ اکر اختيار ڪيا پر 1994 واري پاڻيءَ جي موجودگيءَ جي پنهنجي ڳڻ ڳوت ۾ واپڊا 5.8 ملين ايڪڙ فوٽ جا انگ اکر پيش ڪيا.

(b) 20 جون 2003 تي ٿڌوڪي سڏ سماءَ واري وفاقي وزير سينيٽر نثار ميمڻ جي پوربن ۾ ڪوناپل ڪانفرنس ۾ واپڊا سمنڊ ڏانهن ڇوڙ واسطي 6.5 ملين ايڪڙ فوٽ جا انگ اکر پيش ڪيا.

(c) ان کان سواءِ پاڻيءَ جي وسيلن بابت ٽيڪنيڪل ڪميٽيءَ آڏو پنهنجي پريز نٽيشن ۾ پاڻيءَ جي موجودگيءَ جي تازي ترين ڳڻ ڳوت ۾ واپڊا 5.8 ملين ايڪڙ فوٽ جا انگ اکر

پيش ڪيا آهن. اهو چالاڪيءَ وارو آهي ۽ اهي انگ اکر ظاهري ڪيل بنياد تي ٻڌل آهن پر ان جي وضاحت نہ ڪئي وئي آهي تہ "ظاهري ڪيل بنياد" جي دراصل معنيٰ ڇا آهي. انهن انگن اکرن جو ڪو بہ استعمال نہ ڪيو ويو آهي.

(d) پاڻيءَ وارو ناهہ سمنڊ ڏانهن ڇوڙ لاءِ 10 ملين ايڪڙ فوٽ جا انگ اکر فراهم ٿو ڪري، جنهن تي اڄ بہ بحث جاري آهي. ان کان سواءِ قومي معاشي ڪائونسل جي منظوري ماڻيل ڏهن سالن جو پيش نظر منصوبو 2001-2011 پڻ 10 ملين ايڪڙ فوٽ جا انگ اکر ٿو سامهون آڻي. ان کان سواءِ 18 مارچ 2004 تي پاڪستان ترقياتي فورم ۾ پڻ ٺاهوڪي پاڻيءَ ۽ بجليءَ واري وزير جي سهائتاڪار ادارن آڏو پريزنٽيشن ۾ 10 ملين ايڪڙ فوٽ جا انگ اکر ڏنا ويا جڏهن تہ وفاقي حڪومت جو تازو ترين دستاويز "قومي پاڻي پاليسي 2005" پڻ سمنڊ ڏانهن ڇوڙ لاءِ 10 ملين ايڪڙ فوٽ جا انگ اکر ٿو پيش ڪري. انهن حالتن ۾ جيستائين ڪنسلٽنٽس ۽ عالمي ماهرن پاران ٽينڊر اپياس مڪمل ٿين تيستائين سمنڊ ڏانهن ڇوڙ لاءِ 10 ملين ايڪڙ فوٽ جا انگ اکر اختيار ڪرڻ گهرجن. اهي اڀياس هلي رهيا آهن، مڪمل ٿيڻ جي آخري مرحلن ۾ آهن ۽ سرڪار جي فيصلي هيٺ آهن.

2.7. ٽيڪنيڪل ڪميٽيءَ جي ستن ميمبرن طرفان پاڻيءَ جي موجودگيءَ جي ڳڻ ڳوت

ٽيڪنيڪل ڪميٽيءَ کي پيش ڪيل پاڻيءَ جي موجودگيءَ جي ڳڻ ڳوت تي واپڊا جي پريزنٽيشن ڪميٽيءَ جي گڏجاڻين ۾ تفصيلي طور بحث هيٺ آئي. انهن گڏجاڻين ۾ ڪميٽيءَ جي ستن ميمبرن واپڊا جي ڳڻ ڳوت جي مڪمل پذيرائي ڪئي. ڇهن ميمبرن ڪميٽيءَ جي سيڪريٽريءَ ڏانهن اماڻيل پنهنجي خطن ۾ پڻ واپڊا جي

بنياد تي پاڻيءَ جي موجودگيءَ جي ڳڻ ڳوت (ضميمو II.1) ۽ اوڀاري وهڪري جي بنياد تي ڳڻ ڳوت (ضميمو II.2) ۾ شامل ڪيو ويو آهي.

مٿيان جهول واسطيدار ضميمن ۾ درست ڪيا ويا آهن ۽ نتيجي طور واپڊا جي سامهون آندل ڳڻ ڳوت موجب پاڻيءَ جي نج موجودگي هيٺين ريت بيهي ٿي:

(1) اوڀاري وهڪري جي بنياد تي پاڻيءَ جي نج موجودگي	6.43 ملين ايڪڙ فوٽ
(2) لهواري وهڪري جي بنياد تي پاڻيءَ جي نج موجودگي	7.15 ملين ايڪڙ فوٽ

واپڊا جي ڳڻ ڳوت ۾ فرق ۽ حڪومتي پاليسين جي عدم تعميل

واپڊا جي پاڻيءَ جي موجودگيءَ جي ڳڻ ڳوت وارو طريقو هيٺيان فرق ظاهر ٿو ڪري:

(1) انگن اکرن تي ٻڌل ميعاد/ عرصو:

واپڊا طرفان پاڻيءَ جي موجودگيءَ جي ڳڻ ڳوت لاءِ اختيار ڪيل انگن اکرن تي ٻڌل ميعاد/عرصو مختلف وقتن تي مختلف رهيو آهي جهڙي ريت 4 سيپٽمبر 2004 تي ٽيڪنيڪل ڪميٽيءَ آڏو پيش ڪيل پريزنٽيشن ۾ شامل جدول ۾ ظاهر آهي (ضميمو II.4) بهرحال واپڊا 1992 ۾ پنهنجي ئي جنرل مينيجرن جي ڪيل اپياس ۽ ڪالاباغ ڪنسلٽنٽ طرفان 1998 ۾ ڪالاباغ واري آبي ذخيري جي پرپائي وارن اپياسن کي انهيءَ فهرست کان ڪڍي ڇڏيو آهي. انهن پنهي اپياسن ۾ واپڊا 1992 کان هيل تائين واري عرصي جا انگ اکر ڪتيا آهن. ان ڪانسواءِ وفاقي حڪومت جا تازا ترين پاليسي دستاويز يعني ڏهن سالن وارو پيش منظر منصوبو 2001 کان 2011 جيڪو قومي ڪائونسل (NEC)

طرفان منظور ٿيل آهي ۽ پاڻي بابت قومي پاليسي رپورٽ (جيئي واپڊا طرفان ضميمي II.4 جي جدول ۾ شامل ڪيل) پڻ انگن اکرن جو عرصو 1922 کان هيل تائين هئڻ کي ظاهر ٿا ڪن. ان ڪري وفاقي حڪومت جي پاليسي دستاويزن ۽ خود واپڊا طرفان پڻ اگوڻن گهٽي پاڻي اختيار ڪيل ڳڻ ڳوتن کان سواءِ بيو ڪو بنياد اختيار ڪرڻ باجواز نه ٿيندو. گڏوگڏ ٽيڪنيڪل ڪميٽيءَ جي 25 نومبر 2004 تي ڪوٺايل پنجين گڏجاڻيءَ ۾ پڻ يڪرائپ سان طئي ڪيو ويو هو ته پاڻيءَ جي موجودگيءَ جي ڳڻ ڳوت لاءِ 1922 کان هيل تائين واري عرصي جا انگ اکر ليکيا وڃن (جيتوڻيڪ هڪ ميمبر محمود الحسن صديقيءَ بعد ۾ پنهنجو اختلافي نوٽ اماڻيو.)

(2) ايرندي دريائن جي وهڪرن مان پاڻيءَ جي موجودگيءَ جي ڳڻ ڳوت ۾ فرق:

(a) ابتدائي طور تي زراعت بابت قومي ڪميشن (1987) لاءِ پاڻيءَ جي موجودگيءَ جي ڳڻ ڳوت ۾ واپڊا ايرندي دريائن جي حصي طور 2 ملين ايڪڙ فوٽ جا انگ اکر ڏنا هئا چاڪاڻ ته ان وقت واپڊا جو خيال هو ته جيتوڻيڪ ايرندا درياءَ مڪمل طور تي ڀارت جي حوالي ڪيا ويا آهن پر ڀارت انهن دريائن جو مڪمل پاڻي روڪي نه سگهندو. اُن وقت واپڊا پاڪستان ۾ پاڻيءَ جي لاٽ بابت ڪا به ڳالهه نه ڄاڻائي هئي. بعد ۾ 1994 واري پاڻيءَ جي ڳڻ ڳوت ۾ واپڊا ڄاڻايو ته "بلاشڪ ٺاهه تحت ڀارت کي ڪنهن روڪ ٽوڪ کان سواءِ ايرندي دريائن جي استعمال جو اختيار حاصل آهي پر اهو سندس ايراضيءَ اندرئي پيدا ٿيندڙ وهڪري تائين محدود آهي جنهن لاءِ سڀ کان هيٺ ڪنٽرول ماڳ راويءَ تي مڌوپور ۽ ستلج تي فيروز پور آهن." ان تحت 1994 واري پاڻيءَ جي ڳڻ ڳوت ۾ واپڊا ڀارت کان ايندڙ

سنڌو درياءَ جي پاڻيءَ بابت پاڪستان ڪمشنر، ارسا، ترقياتي ڊويزن وغيره سان تضاد ﻫﺭ ڻا اچن پر هُنن سردار احمد مغل ۽ ٻين ادارن طرفان اختيار ڪيل انگن اکرن ۽ موقفن جي ڪا ڀيٽ نه ڪئي آهي. ستن ميمبرن کي اِهو ادراڪ به نه ٿيو آهي ته خود سنڌن پنهنجا ڳڻ ڳوت واپڊا جي انگن اکرن سان ميل نٿا کائين.

ستن ميمبرن ته ٽيڪنيڪل ڪميٽيءَ جي چيئرمين تي پڻ سردار احمد مغل جي پٺڀرائي ڪرڻ جو الزام ڏريو آهي. اِها ڳالهه غلط ۽ غير مناسب آهي. ٽيڪنيڪل ڪميٽيءَ جي بحث مباحثي دوران چيئرمين هر ميمبر کي ۽ ٻين شرڪاءَ کي پنهنجو نقطي نظر آزاداڻي طور تي پيش ڪرڻ لاءِ همٿايو. هُن ڪنهن به ميمبر يا شريڪ ڪار جي اظهار ڪيل موقف جي ڪڏهن به حمائت يا مخالفت نه ڪئي.

ستن ميمبرن اِهو پڻ ڄاڻايو ته اختلافي موقف جو اهم تت مستقبل جي ڪنهن به پيش رفت لاءِ اضافي دريائي وهڪرن جي اڻهوند يا منفي پيش منظر اختيار ڪرڻ آهي. ان ڏس ۾ پيرا 7.3 2 هيٺ ڏنل جدول پنهنجي سر پاڻ تي وضاحت ڪري. اِها جدول ظاهر ٿي ڪري ته واپڊا طرفان پيش ڪيل ترتيبوار اوياري وهڪري ۽ لهواري وهڪري جي 6.43 ملين ايڪڙ فوٽ ۽ 7.15 ملين ايڪڙ فوٽ ڳڻ ڳوت واري پاڻيءَ جي حتمي/ سراسري موجودگيءَ جي ابتڙ ستن ميمبرن پاڻي جي موجودگي ترتيبوار 31.6 ملين ايڪڙ فوٽ ۽ 32.7 ملين ايڪڙ فوٽ ڪڇي آهي.

اِها حقيقت آهي ته سمورن اڪابر ميمبرن ٽيڪنيڪل ڪميٽيءَ جي ڪم ڪار دوران پاڻيءَ جي موجودگيءَ واسطي واپڊا جي ڳڻ ڳوت قبول ڪئي آهي. ان ڪري جيڪڏهن سردار احمد مغل جي ڳڻ ڳوت کي "مايوس ڪُن" ليکيو ٿو وڃي ته ڇا ستن ميمبرن جي ڳڻ ڳوت کي حقيقت پسند ليکي سگهجي ٿو؟

2.8. واپڊا، سَتن ميمبرن ۽ سردار احمد مغل جي پاڻيءَ جي موجودگيءَ جي ڳڻ ڳوت جي اسم وار پيٽ ۽ ٽيڪنيڪل ڪميٽي جي چيئرمين جا تبصرا

واپڊا، سَتن ڪميٽي ميمبرن ۽ سردار احمد مغل وچ ۾ هيٺين ڳڻ ڳوتن ۾ اختيار ڪيل انگن اکرن تي يڪرائپ رهي:

1. سرحد صوبي جو رم اسٽيشن کان مٿي ورهايل پاڻي جن ۾ اڻ ماپيل شهري ڪينال نڪا اچي وڃن.	5.65 ملين ايڪڙ فوٽ
2. پاڻي نظام ۾ زيان	15.00 ملين ايڪڙ فوٽ

واپڊا طرفان ٽيڪنيڪل ڪميٽيءَ آڏو اوياري ۽ لهواري وهڪري جي آڌار تي پيش ڪيل پاڻي جي موجودگي جي ڳڻ ڳوت مٿي پيرا 2.6.6 ۽ 2.6.7 ۾ بيان ڪئي وئي آهي. ڪميٽيءَ جي سَتن ميمبرن ڪميٽيءَ جي بحث مباحثي دوران عمومي طور تي واپڊا جي پيش ڪيل ڳڻ ڳوت سان سهمت ظاهر ڪئي آهي ۽ پنهنجي ڪا به ڌار ڳڻ ڳوت نہ ڏني اٿن. بهر صورت پنهنجي مئي 2005 واري رپورٽ ۾ سَتن ميمبرن اوياري ۽ لهواري وهڪرن جي آڌار تي پاڻيءَ جي موجودگيءَ جي پنهنجي ڳڻ ڳوت ڏني آهي. سَتن ميمبرن جي پيش ڪيل انهيءَ ڳڻ ڳوت جا واپڊا جي ڳڻ ڳوت سان ڪيترائي تفاوت ڏسڻ ۾ آيا. سامهون اچن. سردار احمد مغل اڳيئي واپڊا جي پريزنٽيشن تي پنهنجي تبصري دوران پنهنجي ڳڻ ڳوت ڏئي چڪو آهي. ان ڪري اهو ضروري ٿو ڀانئجي تہ واپڊا، سَتن ميمبرن ۽ سردار احمد مغل جي اختيار ڪيل انگن اکرن جو تفصيلي اسم وار جائزو وٺجي. عنصر وار انگ اکر هيٺين پيرا گرافن ۾ بحث هيٺ آندا ويا آهن.

پاڻيءَ جي موجودگيءَ جي ڳڻ ڳوت جو ميعاد/عرصو

پاڻيءَ جي موجودگيءَ جي ڳڻ ڳوتن ۾ هيٺيان ميعاد/عرصا اختيار ڪيا ويا آهن:

ڳالھ ٻولھ جي پلپرائي ڪئي. شمس الملڪ جيڪو ڪميٽيءَ جي پوين گڏجاڻين ۾ شريڪ نہ ٿي سگھيو ھو جن ۾ پاڻيءَ جي موجودگيءَ بابت مول متو نمبر 4(a) ويچار ھيٺ آيو ھو 11 جنوري 2005 تي ڪوناپل ڪميٽيءَ جي ستين گڏجاڻيءَ ۾ ڄاڻايو تہ ھو ان ڏس ۾ واپڊا طرفان پيش ڪيل پريزنٽيشن سان مڪمل طور تي سھمت آھي. ٽيڪنيڪل ڪميٽيءَ جي ويچار لاءِ ڪنھن بہ ميمبر پنھنجي طور تي ڪا بہ ڌار ڳالھ ٻولھ پيش نہ ڪئي.

ڪميٽي ميمبر سردار احمد مغل واپڊا جي پريزنٽيشن تي پنھنجا لکت ۾ تبصرا آڇيا. پنھنجي تبصرن ۾ ھُن پاڻيءَ جي موجودگيءَ بابت پنھنجي ڳالھ ٻولھ پڻ پيش ڪئي جنھن جي بنياد تي ھُن واپڊا جي ڳالھ ٻولھ جي ڪجھ پھلوئن سان اختلاف ٿي ڪيو.

ٽيڪنيڪل ڪميٽيءَ جي ستن ميمبر جي مئي 2005 واري رپورٽ ۾ صفحي نمبر 35 ۽ 37 تي اوڀاري وھڪري ۽ لھواري وھڪري جي بنياد تي پاڻيءَ جي موجودگيءَ جي ڳالھ ٻولھ شامل آھي. جھڙي ريت مٿي پيرا نمبر 2.7.1 ۾ ڄاڻايو ويو آھي تہ پاڻيءَ جي موجودگيءَ بابت مول متي نمبر (a) 4 تي ويچار ڏيڻ وارين گڏجاڻين ۾ ڪميٽيءَ جي ستن ئي ميمبرن ڪا ڌار ڳالھ ٻولھ پيش نہ ڪئي پر واپڊا جي ڳالھ ٻولھن جي پلپرائي ڪيائون. مئي 2005 واري پنھنجي رپورٽ ۾ انھن ستن ميمبرن پنھنجي ڳالھ ٻولھن جي سردار احمد مغل جي پيش ڪيل ڳالھ ٻولھ سان ڀيٽ ڪئي آھي. بھرحال ھنن پنھنجي ڳالھ ٻولھن جي واپڊا جي ڏنل انگن اکرن سان ڪا ڀيٽ نہ ڪئي آھي جن سان ھنن ٽيڪنيڪل ڪميٽيءَ جي ڪاروائي دوران مڪمل سھمت ظاھر ڪئي ھئي. ھيٺين جدول ۾ اوڀاري وھڪري ۽ لھواري وھڪري جي بنياد تي پاڻيءَ جي حتمي موجودگيءَ بابت واپڊا، ٽيڪنيڪل ڪميٽيءَ جي ستن ميمبرن ۽ سردار احمد مغل جي انگن اکرن جي ڀيٽ ڪئي وئي آھي:

جدول

اسم	پاڻيءَ جي حتمي موجودگيءَ (ملين ايڪڙ فوٽ) بابت ڳڻ ڳوٽ		
1	واپڊا	ست ميمبر	سردار احمد مغل
اوپارو وهڪرو	6.43 (ضميمو II.2)	31.60	(-)17.75
لهوارو وهڪرو	7.15 (ضميمو 3 ۽ II-I)	32.70	(-)11.60

مٿين جدول ظاهر ٿي ڪري ٿي تہ ستن ميمبرن طرفان پيش ڪيل ڳڻ ڳوٽ واپڊا طرفان پيش ڪيل کان گهٽي وڌيڪ آهي.

ستن ميمبرن پنهنجي مئي 2005 واري رپورٽ ۾ مول مٿي نمبر 4(a) بابت ڄاڻايو آهي تہ:

"ڪميٽي ۾ سنڌ جي اڪيلي اختلافي ميمبر سردار احمد مغل طرفان ماهري جا ڪيترا پهلو تنقيد جو نشانو، تفصيلي دستاويز سازي ۽ تبصري جا باعث بڻيا آهن ۽ انهيءَ ۾ هُن کي ٽيڪنيڪل ڪميٽي جي چيئرمين جي پٺ ڀرائي حاصل رهي آهي. اِهي اختلافي موقف واپڊا، سنڌو درياءَ جي پاڻيءَ لاءِ پاڪستان ڪمشنر، ارسا چيئرمين، رٿابندي ڊويزن، پاڻيءَ جي سيڪٽر جي ماسٽر پلان، واپڊا ويزن 2025 ۽ عالمي بينڪ، ايشيائي ترقياتي بينڪ، JICA وغيره طرفان پاڪستان جي پاڻيءَ وارن وسيلن جي ترقيءَ تي انيڪ قومي ۽ بين الاقوامي ايپاسن ۽ منصوبن جي پيش ڪيل تفصيلي پريزنٽيشنن /دستاويزن سان ٽڪراءَ ۾ ٿي آيا. اختلافي موقفن جو اهم تت مستقبل جي ترقياتي ماهرن لاءِ اضافي دريائي وهڪرن بابت منفي ۽ مايوس ڪُن پيش منظر هو جيڪو انتهائي گهٽي دستاويزي پيشڪش سان تضاد ۾ ٿي آيو."

بد قسمتيءَ سان ستن ميمبرن سردار احمد مغل کي ئي تنقيد جو نشانو بڻايو. هُنن اِهو ذڪر ڪيو آهي تہ سنڌس انگ اکر واپڊا.

واپڊا جو موقف

واپڊا جو موقف هو تہ پارٽ اڳيئي اپرندي دريائن تي ڪيترائي ڊيم اڏي چڪو آهي ۽ ان ڪري جيڪو پاڻي پارٽ کان پاڪستان اچي رهيو آهي تنهن ۾ وڏيڪ لاٽ نہ ايندي. واپڊا اِهو بہ ڄاڻايو تہ پاڪستان جي ايراضيءَ اندر حاصل ٿيندڙ پاڻي پاڪستان ۾ استعمال ڪرڻ لاءِ موجود/ميسر هوندو.

ٽيڪنيڪل ڪميٽيءَ جي ستن ميمبرن جو موقف

مئي 2005 واري پنهنجي رپورٽ ۾ ٽيڪنيڪل ڪميٽيءَ جي ستن ميمبرن پارٽ کان ايندڙ اپرندي دريائن جي وهڪرن (واپڊا جي پريزنٽيشن ۾ 4.94 ملين ايڪڙ فوٽ ڄاڻايل) بابت ڪو بہ تبصرو نہ ڪيو آهي، جيتوڻيڪ هنن پاڻيءَ جي موجودگيءَ واري پنهنجي ڳڻ ڳوت ۾ انهيءَ اسم کي شامل ضرور ڪيو آهي. بهر صورت ستن ميمبرن پاڪستان اندر پيدا ٿيندڙ پاڻيءَ جي هيٺ بابت واپڊا جي موقف جي پٺڀرائي ڪئي آهي.

ٽيڪنيڪل ڪميٽيءَ جي چيئرمين جو موقف

(1) ان ڏس ۾ پيرا 2.6.7.1 (ii) ۾ ڏنل تبصري/موقف جو حوالو ڏنو ويو آهي. جهڙي ريت اُتي مشاهدو ڪيو ويو آهي تہ پنهنجي اڳوڻين ڳڻ ڳوتن ۾ واپڊا پارٽ کان اپرندي دريائن جي حصيداري شامل نہ ڪئي آهي پر هنن رڳو پاڪستان اندر اپرندي دريائن ۾ پيدا ٿيندڙ پاڻي کي شامل ڪيو آهي ۽ اهو بہ بعد ۾ 1994 کان پوءِ.

(2) ٿائين ڊيم (2.65 ملين ايڪڙ فوٽ) تازوئي سال 2000 ۾ ڪميشن ڪيو ويو آهي. انهيءَ ڊيم جي اڏاوت کان پوءِ راويءَ مان پاڻيءَ جو وهڪرو تمام گهٽجي ويو آهي.

(3) جيئن تہ ٽئي اپرندا درياءَ مڪمل استعمال واسطي پارٽ کي الاٽ ٿيل آهن تنهن ڪري پارٽ تي پنهنجي موجود ڪينالن جي نئين سر جوڙجڪ يا نون ڊائچن جي اڏاوت

ذريعي اپرندي دريائن جو باقي بچيل موجود پاڻي استعمال ڪرڻ کان ڪاجهل ناهي. تربيلا کان پوءِ واري عرصي ۾ اپرندي دريائن جو وڌ کان وڌ حصو 79-1978 ۾ 17.3 ملين ايڪڙ فوٽ جڏهن ته گهٽ کان گهٽ حصو 02-2001 ۾ 0.41 ملين ايڪڙ فوٽ رهيو آهي. اپرندي دريائن کان وڌ ۾ وڌ وهڪرو عام طور تي اوڏي مهل ٿي ايندو آهي جڏهن اُلهندي دريائن ۾ ٻه چاڙهه هوندو آهي ۽ ان ڪري انهيءَ عرصي دوران اپرندي دريائن جو پاڻي استعمال نٿو ڪري سگهجي.

(4) 27 سيپٽمبر 2004 تي ٽيڪنيڪل ڪميٽيءَ جي گڏجاڻي ۾ اپرندي دريائن بابت پنهنجي پريزنٽيشن ۾ سنڌو جي پاڻيءَ بابت پاڪستان ڪمشنر ٻڌايو ته، "پاڪستان کي راويءَ جي مددگار ندين بسنتار، بيئن، ترناهه ۽ اُجهه مان 45,000 ايڪڙ زرعي استعمال جي محدود اجازت آهي." ان ريت انهن نالن مان پاڪستان لاءِ مختص استعمال ٿي سگهندڙ پاڻي 0.2 ملين ايڪڙ فوٽ ٿي هوندو.

(5) پاڪستان اندر پيدا ٿيندڙ پاڻيءَ جي مقدار بابت واپڊا جا ڏنل انگ اکر انتهائي بي اعتباري وارا آهن، اِهو 1991 ۾ وڌ کان وڌ 9.65 ملين ايڪڙ فوٽ ۽ 01-2000 ۾ گهٽ کان گهٽ 0.67 ملين ايڪڙ فوٽ رهيو.

(6) ان ڪري مٿئين معروضات کي مدنظر رکندي پارٽ کان اپرندي دريائن جي حصي ۽ پاڪستان اندر پاڻيءَ جي موجودگيءَ جي ڏس ۾ هڪ حقيقت پسند نقطي نظر اختيار ڪرڻ جي ضرورت آهي. اسين پارٽ کان اپرندي دريائن مان پاڻي اچڻ جي توقع نٿا ڪري سگهون ڇاڪاڻ ته اِهي درياهه مڪمل استعمال واسطي پارٽ کي الاٽ ٿيل آهن.

واپڊا — 1976 کان هيل تائين (تربيلا کان پوءِ)

ست ميمبر — ساڳيو

سردار احمد مغل — 1922 کان هيل تائين

واپڊا جو موقف

واپڊا پنهنجي پاڻيءَ جي موجودگيءَ جي ڳڻ ڳوت ۾ 1976 کان هيل تائين يعني تربيلا کان پوءِ وارو عرصو اختيار ڪيو آهي.

ٽيڪنيڪل ڪميٽيءَ جي ستن ميمبرن جو موقف

ڪميٽيءَ جي ستن ميمبرن ڄاڻايو ته 1922 کان 1940 تائين جا انگ اکر مستقل مزاج ۽ اعتبار جوڳا ناهن ڇاڪاڻ ته اهي هاڻ مدي خارج ٿيل ٻڌجي ويل اڳوڻن وهنوارن جي استعمال ذريعي درج ڪيا ويا آهن. هنن اِهو به ڄاڻايو ته نون آبي ورڪس، ذخيرن ۽ لنڪ ڪينالن جي اڏاوت سبب دريائن ۽ ڪينالن ۾ جوڳيون تبديليون اچڻ اٽتر آهن.

ٽيڪنيڪل ڪميٽيءَ جي چيئرمين جو موقف

(1) هي اسم مٿي پيراگراف (1) 2.6.7.1 ۾ مڪمل طور تي بحث هيٺ آيل آهي. واپڊا جي اڳوڻين گهٽي ياڳي ڳڻ ڳوتن ۽ وفاقي حڪومت جي پاليسي دستاويزن ۾، 1922 کان هيل تائين جا انگ اکر اختيار ڪيا ويا آهن ۽ ان کي هينئر تائين جاري رهڻ ڪپندو هو.

(2) ستن ميمبرن طرفان اِهو نه ڄاڻايو ويو آهي ته دريائي وهڪرن جي اڳوڻين ماپن ۾ اصل ۾ ڪهڙي غلطي هئي ۽ ڪهڙي بنياد تي انهن کي رد ڪيو ويو. جيستائين سنڌو درياءَ تي ڪنهن نئين اڏاوت جو تعلق آهي ته ڪنهن ڊيم يا ڪنهن ٻئي ڍانچي جي اڏاوت دريائي سرشتي ۾ پاڻيءَ جي ڪُل موجودگيءَ کي تبديل نٿي ڪري ۽ ان بنياد تي ڪارائتن ڊگهي عرصي وارن انگن اکرن کي نظرانداز نٿو ڪري سگهجي.

(3) 25 نومبر 2004 تي ڪوٺايل ٽيڪنيڪل ڪميٽيءَ جي

انگ اکر اختيار ڪرڻا پوندا.

(8) 18 مارچ 2004 تي پاڪستان ترقياتي فورم آڏو پنهنجي پريزنٽيشن ۾، پاڻي ۽ بجليءَ جي تڏهوڪي وزير مٿانهين نهري رياستن (پارت ۽ افغانستان) طرفان پاڻيءَ جو امڪاني استعمال 5.0 ملين ايڪڙ فوٽ ظاهر ڪيو. ان جي ابتڙ واپڊا پارت طرفان الهندي دريائن تي استعمال فقط 2.0 ملين ايڪڙ فوٽ جڏهن ته افغانستان ۾ ڪابل درياءَ لاءِ 0.5 ملين ايڪڙ ڏيکاريو آهي جيڪو ڪُل 2.5 ملين ايڪڙ ٿئي ٿو. ان جي وضاحت ضروري آهي.

سمنڊ جي پاڻڙ کي روڪڻ لاءِ ڪوٽڙي کان اڳتي/ هيٺ وهڪرو

واپڊا، ٽيڪنيڪل ڪميٽيءَ جي ستن ميمبرن ۽ سردار احمد مغل جا اختيار ڪيل انگ اکر هيٺين ريت آهن:

اسم	پاڻيءَ جي حتمي موجودگيءَ جي ڳڻ ڳوت (ملين ايڪڙ فوٽ)		
	واپڊا	ست ميمبر	سردار احمد مغل
1	2	3	4
سامونڊي پاڻيءَ جي پاڻڙ کي روڪڻ لاءِ	5.8 (ضميمو II.1)	0	10.0

واپڊا جو موقف

واپڊا "ٺٽي ڪيل سطح تي" 5.8 ملين ايڪڙ فوٽ جو انگ اختيار ڪيو آهي.

ڪميٽي جي ستن ميمبرن جو موقف

ٽيڪنيڪل ڪميٽيءَ جي ستن ميمبرن پنهنجي مئي 2005 واري رپورٽ ۾، ارسا جي هڪ رولنگ (نه وضاحت ڪئي وئي آهي ۽ نه

الهندي دريائن تي پارتي استعمال ۽ ڪابل درياءَ جي ڪوٽ

مٿيان ٻئي عنصر اوپاري وهڪرن وارن ملڪن ڀارت ۽ افغانستان طرفان پاڻيءَ جي استعمال وارا آهن. واپڊا، ٽيڪنيڪل ڪميٽيءَ جي ستن ميمبرن ۽ سردار احمد مغل هيٺيان انگ اکر پيش ڪيا آهن جيڪي هيٺين جدول ۾ ڏنا ويا آهن:

جدول

اسم	پاڻيءَ جي ڪُل موجودگي (ملين ايڪڙ فوٽ) جي ڳڻ ڳوت		
	واپڊا	ست ميمبر	سردار احمد مغل
1	2	3	4
1. الهندي دريائن تي پارتي استعمال	2.00 (ضميمو II.1)	2.00	4.8
2. ڪابل درياءَ جي ڪوٽ	0.50 (ضميمو II.1)	0.50	4.0

واپڊا ۽ ٽيڪنيڪل ڪميٽيءَ جي ستن ميمبرن جا مؤقف

پنهنجي مئي 2005 واري رپورٽ ۾ ٽيڪنيڪل ڪميٽيءَ جي ستن ميمبرن واپڊا جي انهيءَ نقطي نظر جي پٺڀرائي ڪئي آهي ته ڀارت 1960 واري سنڌ طاس ناهه تحت ڪين مليل باقي ايراضيءَ جي آبپاشيءَ لاءِ اضافي 2.0 ملين ايڪڙ فوٽ پاڻي ئي استعمال ڪري سگهي ٿو. ڇاڻو ميمبرن اِهو به نقطي نظر پيش ڪيو آهي ته افغانستان پنهنجي آبپاشيءَ وارن مقصدن لاءِ ڪابل درياءَ جو 0.5 ملين ايڪڙ فوٽ پاڻي ئي استعمال ڪري سگهي ٿو ڇاڪاڻ ته افغانستان ۾ ماٿريون سوڙهيون، لاهيون چاڙهيون واريون ۽ بنجر آهن.

ٽيڪنيڪل ڪميٽيءَ جي چيئرمين جو موقف

(1) 1960 واري سنڌ طاس ناهه تحت ڀارت الهندي دريائن ذريعي 1,343,477 ايڪڙ زمين آباد ڪرڻ جو حقدار آهي. اهو

سنڌو جي پاڻيءَ بابت پاڪستان ڪمشنر 27 سيپٽمبر 2004 تي ڪميٽيءَ آڏو پنهنجي پريزنٽيشن ۾ پڌ ڇاڏايو. ان ايراضيءَ ۾ آبادي لاءِ سنڌ طاس ناهه ۾ پاڻيءَ جي مقدار جو ڪو تعين نه ٿيو آهي. واپڊا طرفان پنهنجي ڳڻ ڳوت ۾ ڏيڪاريل 2.0 ملين ايڪڙ فوٽ وارا انگ اکر جن جي ستن ميمبرن تائيد ڪئي آهي، چشما رائيٽ بينڪ ڪينال لاءِ پاڻيءَ جي تعين تي ٻڌل آهن. اهو غور طلب آهي ته ڇا يارت ڪي واپڊا ۽ ستن ميمبرن طرفان ظاهر ڪيل انگن اکرن تائين استعمال واسطي محدود ڪري سگهجي ٿو.

(2) جهڙي ريت سنڌو جي پاڻيءَ بابت پاڪستان ڪمشنر ڄاڻايو آهي ته يارت ڪي گهٽ وهڪرن واري عرصي دوران پاڪستان سان پاڻيءَ جي ڪوٽ ونڊڻ تي مجبور نٿو ڪري سگهجي. اسان ڪي ڪوٽ واري عرصي ۾ پاڻيءَ جي موجودگيءَ جي ڳڻتي آهي ڇاڪاڻ ته چاڙهه واري عرصي ۾ ته هونئن به پاڻي مناسب مقدار ۾ ميسر هوندو آهي.

(3) سنڌوءَ جي پاڻيءَ بابت پاڪستان ڪمشنر جي پريزنٽيشن مطابق يارت طرفان سنڌ طاس ناهه جون ڪيتريون پيچيدگيون ڪيون ويون آهن جوان ڪجهه ڏانچا ناهي ورتا آهن ۽ جهلم ۽ چناب دريائن تي ڪجهه وڏيڪ ڪم ڪرڻ جي رٽابندي هلندڙ آهي جيڪا ناهه جي شقن جي پيچڪڙي آهي. ان جو نتيجو پاڪستان لاءِ پاڻي جي وڏيڪ ڪوٽ جي صورت ۾ نڪرندو. بغليار ڊيم وارو مامرو پاڪستان اڳيئي عالمي بينڪ ڏانهن اُماڻي چڪو آهي ۽ هاڻ ان جو بينڪ طرفان مقرر ڪيل اڻ ڌرٿي ماهر ذريعي جائزو ورتو پيو وڃي، ساڳيوئي معاملو ڪرشن گنگا رٿا جو آهي.

(4) مٿين نقطن جي پيش نظر واپڊا جو قياس ته يارت ڪي سنڌ طاس ناهه تحت مليل 2.0 ملين ايڪڙ فوٽ پاڻيءَ تائين ٿي

ٿي ڪو نقل ڳنڍيو ويو آهي) جو حوالو ڏيندي چيو ته صوبا سمنڊ جي پائڻ تي ڪنٽرول وغيره جهڙن ماحولياتي ضرورتن لاءِ پنهنجي حصي کي استعمال ڪن. انهيءَ ڪري ڪوٽڙيءَ کان هيٺ وهڪري لاءِ پاڻيءَ جو ڪو حصو نہ رکيو آهي.

ٽيڪنيڪل ڪميٽيءَ جي چيئرمين جو موقف

(1) پنهنجي رپورٽ جي پنجين صفحي تي سنڌ ميمبرن ڄاڻايو آهي تہ "ذخيرن جي مناسب گنجائش نہ هئڻ ڪري 8 ملين ايڪڙ فوٽ کان وٺي 92 ملين ايڪڙ فوٽ تائين هر سال سراسري 39 ملين ايڪڙ فوٽ کان وڌيڪ پاڻي ڪوٽڙيءَ کان هيٺ لڙهي ويجي ٿو". پر واپڊا جي فراهم ڪيل انگن اکرن موجب تربيلا کان پوءِ عرصي ۾ 77-1976 کان وٺي 04-2003 تائين سمنڊ ڏانهن پاڻيءَ جو ڇوڙ سراسري 35.2 ملين ايڪڙ فوٽ آهي. واپڊا جا انگ اکر اِهو پڻ ڏيکارين ٿا تہ سمنڊ ڏانهن گهٽ کان گهٽ ڇوڙ 01-2000 ۾ 0.79 ملين ايڪڙ فوٽ رهيو آهي. اهو ٿو ظاهر ٿئي تہ اڪابر ميمبرن طرفان ڏنل انگ اکر ڪنهن مناسب تصديق کانسواءِ ڏنا ويا آهن.

(2) ٽيڪنيڪل ڪميٽيءَ جي گڏجاڻين ۾ بحث مباحثن دوران سنڌ مان پنجن ڪميٽيءَ ميمبرن واپڊا جي 5.8 ملين ايڪڙ فوٽ وارن انگن جي پٺڀرائي ڪئي. پنجاب سان تعلق رکندڙ ٻن ميمبرن مظهر علي ۽ محمود الحسن صديقي ڄاڻايو تہ سمنڊ ۾ ڇوڙ جي ڪا ضرورت ناهي ۽ جيڪڏهن ڪوٽڙيءَ کان پاڻيءَ جو وهڪرو ڇڏڻو آهي تہ پوءِ سنڌ جي حصي مان هئڻ گهرجي. هاڻ مئي 2005 واري رپورٽ ۾ ٽيڪنيڪل ڪميٽيءَ جي سمورن سنڌ ميمبرن ڄاڻايو آهي تہ سمنڊ ڏانهن ڇوڙ لاءِ ٻڙي پاڻي مختص ڪيو وڃي.

(3) بعد ۾ آيل ويچار تہ ڪوٽڙيءَ کان پاڻيءَ جي ٻڙي ضرورت

آهي ۽ اهڙي ڪا ضرورت صوبي جي حصي مان پوري ڪئي ويجي وارو سنڌ ميمبرن جو موقف سمجهه ۾ نه اچڻ جوڳو آهي. پيرا 2 ۾ موجود ڪينال سرشتن لاءِ ٿاهه واري تفويض ۽ هر ڪينال لاءِ ڏهن ڏينهن وارا بيان ڳڏيل مفادن واري ڪائونسل (CCI) کان منظور ٿيل آهن. ان سان گڏوگڏ ٿاهه ۾ سمنڊ ڏانهن ڇوڙ لاءِ 10 ملين ايڪڙ فوٽ جو ڊار سان ڇاٽايل آهي، جنهن بابت ماهرن ذريعي اڀياس ٿيڻو آهي. وفاقي حڪومت سمورن صوبن جي راضپي وارا مول متا حاصل ڪرڻ کان پوءِ صلاحڪارن- عالمي ماهرن ذريعي اڀياس جو عمل شروع ڪري ڏنو آهي جنهن جي رپورٽ آڪٽوبر 2005 ۾ متوقع آهي. اِها حقيقت ته اهي اڀياس وفاقي حڪومت طرفان ڪرايا پيا وڃن، ظاهر ٿا ڪن ته صلاحڪارن ۽ عالمي ماهرن جي سفارشن جي بنياد تي سمنڊ ڏانهن ڇوڙ جي ضرورت موجود ڪينالن جي ورچ کان پوءِ درياءَ جي موجود ڪل وهڪرن مان پوري ٿيڻي آهي نه ڪي ڪنهن هڪ صوبي جي حصي مان.

(4) (5) هيءُ اسر مٿي پيرا (3)2.6.7.1 ۾ پڻ تفصيل سان بحث هيٺ آيل آهي. اُتي واضح ڪيل آهي ته سمنڊ ڏانهن 10 ملين ايڪڙ فوٽ ڇوڙ اختيار ڪرڻ وارو معاملو صلاحڪارن- عالمي ماهرن جي سفارشن ۽ انهن تي وفاقي حڪومت جي فيصلي ڪرڻ لاءِ ملتوي ڪيو ويو آهي.

اڏاوت هيٺ رٿائن لاءِ گهرجون:

هيٺيان انگ اکر واپڊا، ڪميٽيءَ جي سنڌ ميمبرن ۽ سردار احمد مغل گڏ گوٺن ۾ ڏيکاريا آهن:

جدول

اسم	پاڻيءَ جي حتمي موجودگيءَ جي ڳڻ ڳوت (ملين ايڪڙ فوٽ ۾)		
	واپڊا	ست ميمبر	سردار احمد مغل
1	2	3	4
اڏاوت هيٺ رٿائن لاءِ گهرجون	7.8 (ضميمو II.3)	0	11

واپڊا جو موقف

واپڊا پنهنجي پاڻيءَ جي موجودگيءَ واري ڳڻ ڳوت ۾ اڏاوت هيٺ رٿائن لاءِ پاڻيءَ جي ضرورت کي شامل ڪيو آهي پر هنن ڪجهه رٿون نظر انداز ڪيون آهن جن کي شامل ڪرڻ جي ضرورت آهي.

ستن ميمبرن جو موقف

(1) 27 نومبر 2004 تي ڪوئٽا ۾ ٽيڪنيڪل ڪميٽيءَ جي پنجين گڏجاڻيءَ ۾ مول متو نمبر 4(a) تي ويچار دوران ان تي يڪرائپ سان راضپو ڏيکاريو ويو ته اڏاوت هيٺ رٿائن لاءِ گهرجن کي پاڻيءَ جي موجودگيءَ جي ڳڻ ڳوت ۾ آندو وڃي ۽ واپڊا طرفان خارج ڪيل رٿائن لاءِ پڻ شق/ اندراج شامل ڪيو وڃي. بهر حال مئي 2005 واري ستن ميمبرن جي رپورٽ ۾ هنن اڏاوت هيٺ رٿائن لاءِ ڪا تفويض نه ڏيکاري آهي ۽ ڄاڻايو ته رٿائن لاءِ گهرج کي ناهه جي پيرا 2 تحت 12 ملين ايڪڙ فوٽ واري پاڻيءَ جي ناهه واري اضافي تفويض مان پورو ڪري سگهجي ٿو.

ٽيڪنيڪل ڪميٽيءَ جي چيئرمين جو موقف

(1) 4 سيپٽمبر 2004 تي ڪميٽيءَ کي پيش ڪيل اوپاري ۽ لهواري وهڪرن جي بنياد تي پاڻيءَ جي موجودگيءَ واري پنهنجي ڳڻ ڳوت (ضميمو 1 ۽ II-2) ۾ واپڊا اڏاوت هيٺ رٿائن لاءِ گهرجن کي شامل نه ڪيو آهي. بهرحال لهواري وهڪري جي بنياد تي پاڻي جي موجودگيءَ واري پنهنجي

آخري ڳڻ ڳوت (ضميمو 3-II) ۾ واپڊا اڏاوت هيٺ رٿائن لاءِ 7.8 ملين ايڪڙ فوٽ جي گهرج ضرور ڏيکاري آهي پر ان LBOD واري مڪمل ٽيل رٿا ۽ ڪم هلندڙ گومل زيم واري رٿا کي اڏاوت هيٺ رٿائن واري فهرست ۾ شامل نہ ڪيو آهي. ان ڪري انهن ٻنهي رٿائن جي گهرجن لاءِ ترتيبوار 2.2 ملين ايڪڙ فوٽ ۽ 1.0 ملين ايڪڙ فوٽ کي ڳڻ ڳوت ۾شامل ڪرڻ جي ضرورت آهي. ان کان سواءِ اڏاوت هيٺ رٿائن جي گهرجن کي اوپاري ۽ لهواري وهڪرن جي بنياد تي پاڻيءَ جي موجودگيءَ جي سمورين ڳڻ ڳوتن ۾ شامل ڪرڻ جي پڻ ضرورت آهي.

(2) 27 نومبر 2004 تي ڪوٺايل ٽيڪنيڪل ڪميٽيءَ گڏجاڻيءَ ۾ريڪرائيپ سان ٺئي ڪيو ويو تہ. "هن مرحلي تي اهو واضح ڪيو ويو تہ واپڊا 4 سيپٽمبر 2004 واري پنهنجي پريزنٽيشن جي صفحي نمبر 21 تي ڏنل جدول ۾ اٽل وارن ڪينالن وارين اڏاوت هيٺ رٿائن (ڪڇي ڪينال، رينِي ڪينال ۽ گريٽرٿل)، منگلا جي سطح وڌائڻ ۽ پٽ فيڊر توسيع لاءِ پاڻيءَ جي گهرج پنهنجي ڳڻ ڳوت ۾ ڏيکاري آهي. پاڻيءَ جي اِها گهرج اوپاري وهڪري واري ڳڻ ڳوت ۾ پڻ شامل ڪرڻ گهرجي. ان کان سواءِ مڪمل ڪيل رٿا LBOD (2.2 ملين ايڪڙ فوٽ)، گومل زيم (1.0 ملين ايڪڙ فوٽ) ۽ شهري ۽ صنعتي استعمال (5 ملين ايڪڙ فوٽ) کي پڻ اوپاري ۽ لهواري ٻنهي وهڪرن واري ڳڻ ڳوت ۾ شامل ڪرڻ گهرجي. ان تي يڪرائپ ٿي تہ انهن کي پاڻيءَ جي موجودگيءَ وارين ڳڻ ڳوتن ۾ شامل ڪيو وڃي."

ان ڪري عمل درآمد هيٺ نين رٿائن کي پاڻيءَ جي موجودگيءَ جي ڳڻ ڳوت ۾ شامل ڪيو وڃي ۽ واپڊا طرفان نظرانداز ڪيل رٿن جي درستگي ڪئي وڃي.

اِهو سمجهه ۾ نٿو اچي ته ڪهڙي ريت ستن ميمبرن پنهنجي مئي 2005 واري رپورٽ ۾ مختلف موقف ڏنا آهن.

(3) ستن ميمبرن جو موقف ته ٺاهه ۾ صوبن لاءِ پاڻيءَ جي 117.35 ملين ايڪڙ فوٽ تفويض ۾ مستقبل جون رٿائون پڻ شامل آهن، درست ناهي. اهو مقدار (117.35 ملين ايڪڙ فوٽ) پاڻي ٺاهه جي پيرا 2 تحت موجود ڪينالن لاءِ صوبن کي تفويض ڪيو ويو آهي ۽ گڏيل مفادن واري ڪائونسل (CCI) پنهنجي 16 سيپٽمبر 1991 واري گڏجاڻيءَ ۾ موجود ڪينال سرشتن مان هر هڪ کي ٽينڊرڊ ڏسڻ ڏيڻ واري فراهمي جي پڻ منظوري ڏني آهي.

(4) پاڪستان جا هاڻوڪا ڪينال سرشتا ٽي ڪروڙ ست لک ايڪڙ ايراضيءَ لاءِ استعمال ٿين ٿا جنهن کي برقرار رکڻو آهي. ٺاهه ۾ انهن لاءِ تفويض حصي کان انهن کي محروم نٿو ڪري سگهجي ۽ هاڻوڪن ڪينالن لاءِ تفويض پاڻي نين رٿائن جي استعمال لاءِ ڦيرائي نٿو سگهجي.

ٺاهه ۾ وراهيل پاڻي کان بچيل پاڻي جي ورچ

پاڻيءَ جي موجودگيءَ جي پنهنجي ڳڻ ڳوت ۾ واپڊا، ستن ڪميٽي ميمبرن ۽ سردار احمد مغل "متوازن پاڻي ٺاهه وچ" لاءِ هيٺيان انگ اکر اختيار ڪيا آهن: جدول

اسم	پاڻيءَ جي حتمي موجودگيءَ جي ڳڻ ڳوت (ملين ايڪڙ فوٽ)		
	واپڊا	ست ميمبر	سردار احمد مغل
1	2	3	4
متوازن پاڻي ٺاهه ورچ	117.35 (ضميمو (II.1) ۽ II.2)	105.4	117.4

واپڊا جو موقف

واپڊا پاڻي ٺاهه جي پيرا 2 جي حوالي سان 117.35 ملين ايڪڙ فوٽ جا انگ اکر ڏيکاريا آهن.

ستن ميمبرن جو موقف

ٽيڪنيڪل ڪميٽيءَ جي ويچار دوران ستن ميمبرن واپڊا جي ڳڻ ڳوت جي تائيد ڪئي. بهرحال، پنهنجي مئي 2005 واري رپورٽ ۾ هُنن 82-1977 واري عرصي لاءِ سرشتي جي استعمال واري سراسري 105.4 ملين ايڪڙ فوٽ وارا انگ اکر ڏيکاريا.

چيئرمين جو موقف

پاڻي ٺاهه ۾ ڪٿي به اهو واضح نه ڪيو ويو آهي ته ٺاهه جي پيرا 2 ۾ 117.35 ملين ايڪڙ فوٽ واري تفويض ۾ ڪو ترقياتي پاڱو/عنصر به شامل آهي. اِهي تفويض موجود ڪينالن واسطي آهن، جهڙي ريت مٿي پيرا 2.8.7.4 ۾ پڻ بحث هيٺ آندل آهي. ان تي زور ڏنو ويو آهي ته پاڻي ٺاهه احترام جوڳو آهي جهڙي ريت ٽيڪنيڪل ڪميٽيءَ جي پهرين گڏجاڻي ۾ پڻ يڪرائپ ڏيکاري وئي آهي. ان ڪري پاڻي ٺاهه جي تفويض تي مڪمل طور عمل در آمد ٿيڻ گهرجي.

شهري ۽ صنعتي استعمال

واپڊا، ستن ڪميٽي ميمبرن ۽ سردار احمد مغل طرفان ڳڻ ڳوت ۾ شهري ۽ صنعتي استعمال لاءِ تفويض هيٺين ريت ڏني وئي:

جدول

اسم	پاڻيءَ جي حتمي موجودگيءَ جي ڳڻ ڳوت (ملين ايڪڙ فوٽ)		
	واپڊا	ست ميمبر	سردار احمد مغل
1	2	3	4
شهري ۽ صنعتي استعمال	-	-	5.0

ان ڏس ۾ واپڊا يا ٽيڪنيڪل ڪميٽيءَ جي ستن ميمبرن ڪو به موقف ظاهر نه ڪيو.

چيئرمين جو موقف

(1) ٽيڪنيڪل ڪميٽيءَ ۾ ويچار دوران ان ڳالهه تي زور ڀريو ويو ته شهري ۽ صنعتي استعمال لاءِ گهرجن جي جاچ فراهم ڪئي وڃي. پختونخواهه سان تعلق رکندڙ ميمبر سردار محمد طارق ان ڏس ۾ اڳ ڀرو هوءَ سندس چوڻ هو ته "هاڻ سڄي دنيا اِهو لاڙو اچي رهيو آهي ته شهري ۽ صنعتي استعمال لاءِ ڪوٽا ڪي موجود مني پاڻيءَ 35 کان 40 سيڪڙو تائين ترجيحي بنيادن تي مختص ڪيو وڃي. هُن رٿيو ته پاڪستان جي وڌندڙ آبادي ۽ بهتر ٿيندڙ معيار زندگيءَ سبب اسان کي شهري ۽ صنعتي استعمال لاءِ جوڳو مقدار مختص ڪرڻ گهرجي. هُن وڌيڪ چيو ته ٽيوب ويلن جي بائي تي انحصار نٿو ڪري سگهجي ڇاڪاڻ ته زير زمين (جر جي) پاڻي جي سطح گهٽجي رهي آهي جڏهن ته پاڻيءَ جو معيار پڻ ابتر ٿي رهيو آهي، ان کان سواءِ ڪيترن ئي علائقن ۾ زيرزمين مٺو پاڻي ميسر ناهي."

(2) 27 نومبر 2004 تي ڪوٺايل ٽيڪنيڪل ڪميٽيءَ جي پنجين گڏجاڻيءَ ۾ ان تي به يڪرائپ ظاهر ڪئي وئي ته "شهري ۽ صنعتي استعمال (5 ملين ايڪڙ فوٽ) کي اوياري ۽ لهواري ٻنهي وهڪرن جي بنيادتي ڳڻ ڳوت ۾ شامل ڪيو وڃي."

(3) مئي 2005 واري ستن ميمبرن جي رپورٽ ۾، هنن پاڻيءَ جي موجودگيءَ جي ڳڻ ڳوت ۾ صنعتي ۽ شهري استعمال جي حوالي سان ڪو واضح موقف نه ڏنو آهي، جيتوڻيڪ سندن رپورٽ جي صفحي نمبر 37 تي پاڻيءَ جي موجودگيءَ جي ڳڻ ڳوت واري جدول ۾ ان لاءِ ڪاتفويض ناهي ۽ ڪنهن

وضاحت ڪان سواءِ اهو چاڻايو ويو آهي تہ هن اسم ڪي ترقيءَ واري باقي بچيل پاڻي فراهميءَ ۾ شامل ڪري سگهجي ٿو.

(4) شهري ۽ صنعتي استعمال لاءِ پاڻيءَ جي فراهمي واري تفويض انتهائي اهم آهي ۽ ان کي نظر انداز نٿو ڪري سگهجي. ان ڪري ان واسطي مناسب تفويض هئڻ گهرجي. سنڌ ميمبرن مان هڪ پختونخواهہ سان تعلق رکندڙ ميمبر سردار محمد طارق ڪميٽيءَ ۾ غور ويچار دوران رٿيو تہ شهري ۽ صنعتي استعمال لاءِ دريائن جي وهڪرن جو 35 کان 40 سيڪڙو مختص ڪيو وڃي. ان ڪري شهري ۽ صنعتي استعمال لاءِ تفويض مڪمل طور تي باجواز آهي جهڙي ريت 27 نومبر 2004 تي ٽيڪنيڪل ڪميٽيءَ جي پنجين گڏجاڻيءَ ۾ يڪرائپ سان طئي ڪيو ويو هو. اِهو سمجهہ ۾ اچڻ کان ٻاهر آهي تہ سنڌ ميمبرن ڪهڙي ريت هن اسم کي "ترقيءَ لاءِ باقي بچيل فراهمي" هيٺ رکڻ جو چيو آهي.

2.9 پاڻيءَ جي موجودگيءَ جي ڳڻ ڳوت جي هر جزي تي ڌارڌار موقفن مان پئدا ٿيندڙ مجموعي صورتحال تي ٻڌل ڪميٽي چيئرمين جو موقف

مستقبل ۾ پاڻيءَ جي موجودگيءَ جي ٺُز اڳڪٿي ڪرڻ ممڪن ناهي. اسين رڳو ماضيءَ ۾ دريائي وهڪرن جي موجود انگن اکرن جو اڀياس ڪري انهن جي آڌار تي مستقبل جي پيش منظر جي ڪٿ لڳائي سگهون ٿا.

اوڀاري ۽ لهواري وهڪري تي پاڻيءَ جي سراسري موجودگيءَ جا ڌار ڌار ڳڻ ڳوت ڪيا ويا آهن بهرحال ڪميٽيءَ جي سنڌ ميمبرن ۽ واپڊا پنهنجي ترجيح ڏيکاري آهي تہ پاڻيءَ جي ڳڻ ڳوت لهواري وهڪري تي آڌاريل ٿي سگهي ٿي. هيءُ پهلو مٿي پيرا 2.6.5 ۾ بحث هيٺ آندل آهي. بهر حال، سنڌ اڪابر ميمبرن جي موقفن جي پيش

نظر هن رپورٽ واسطي لهواري وهڪري واري پهلو تي ٻڌل پاٽيءَ جي موجودگيءَ جي ڳڻ ڳوت کي مد نظر رکيو ويو آهي.

جهڙي ريت پوين پيراگرافن ۾ بحث ڪيو ويو آهي، واپڊا، ٽيڪنيڪل ڪميٽيءَ جي ستن ميمبرن ۽ سردار احمد مغل طرفان پيش ڪيل پاٽيءَ جي موجودگيءَ جي انگن اکرن وارين ڳڻ ڳوتن ۾ وڏو تفاوت آهي. ٽيڪنيڪل ڪميٽيءَ جو چيئرمين اهڙي صورتحال ۾ لچي ٿو محسوس ڪري، ان ڪري هن ان مامري تي گهرو ويچار ڪيو آهي ۽ ان موقف جو آهي تہ واپڊا ۽ ستن ميمبرن جي انگن اکرن کي وڏ کان وڏ وزن ڏيڻ گهرجي جيتوڻيڪ پوين پيرا گرافن ۾ ڏنل سندس موقف هڪ ڌار بيهڪ ٿا رکن. ان ريت چيئرمين هيٺين پٽاندڙ لهواري وهڪري جي بنياد تي پاٽيءَ جي موجودگي جي هڪ نظر ثاني ڪيل جدول جوڙي آهي.

(a) مختلف پيرائن ۾ درج ڪيل چيئرمين جي مختلف متضاد موقفن جي باوجود واپڊا ۽ ست ميمبرن وچ ۾ يڪرائيپ وارن عنصرن/ جزن کي اختيار ڪري سگهجي ٿو.

واپڊا ۽ ستن ڪميٽي ميمبرن وچ ۾ يڪرائپ وارا اِهي عنصر/جزا هيٺ ڏجن ٿا:

پاڪستان اندر حاصل ٿيندڙ ايرندي درياءَ جا وهڪرا (حوالو پيرا 2.8.4.4)	3.53 ملين ايڪڙ فوٽ
ايرندي درياءَ جا وهڪرا (حوالو پيرا 2.8.4.4)	4.94 ملين ايڪڙ فوٽ
اولهندي دريائن تي پارتي ~ (حوالو پيرا 2.8.5.3)	2.00 ملين ايڪڙ فوٽ
ڪابل درياءَ تي افغانستان طرفان گهٽ مدتي امڪاني وهڪرا (حوالو پيرا 2.8.5.3)	0.50 ملين ايڪڙ فوٽ

CamScanner

مستقبل ۾ شهري ۽ صنعتي استعمال (حوالو پيرا 2.8.9.3)	0.00 ملين ايڪڙ فوٽ

(b) واپڊا ۽ ستن ڪميٽي ميمبرن جي ڏنل انگن اکرن ۾ تفاوت جي صورت ۾ چيئرمين واپڊا جا انگ اکر (هيٺ ڏنل) اختيار ڪيا آهن. ماسواءِ ڪوٽڙيءَ کان لهواري 10 ملين ايڪڙ فوٽ وارن انگن اکرن جي. ڇاڪاڻ ته اِهي صلاحڪارن/عالمي ماهرن جي اڀياس مڪمل ٿيڻ ۽ حڪومت جي ان بابت فيصلي تائين نہ بدلائي نٿا سگهجن.

(1) اڏاوت هيٺ رٿائن لاءِ گهرج (ضميمو II.3)	11.00 ملين ايڪڙ
(2) ناھ جي تفويض ۾ ڪوٽ (ضميمو II.1)	11.95 ملين ايڪڙ فوٽ

ٽيڪنيڪل ڪميٽيءَ جي چيئرمين طرفان (واپڊا، ستن ميمبرن ۽ سردار احمد مغل جي ڏنل انگن اکرن جي ڀيٽ ۾) ڏنل لهواري وهڪري جي بنياد تي پاڻيءَ جي موجودگيءَ بابت تيار ڪيل جدول هيٺ ڏجي ٿي. اِها جدول مڪمل طور تي واپڊا جي انگن اکرن تي آڌاريل آهي، ڪوٽڙيءَ سواءِ ڪان هيٺ سمنڊ ڏانهن ڇوڙ جي نمبر 2.3 جي.

جدول

(انگ اکر ملين ايڪڙ فوٽ ۾)

نمبر	اپٽار	پاڻيءَ جي موجودگي			
		واپڊا	ست ميمبر	سردار احمد مغل	چيئرمين (واپڊا جا انگ اکر، سواءِ نمبر 2.3 جي)
1	2	3	4	5	6

1	تربيلا کان پوءِ، 1976-7 کان (2002-03) ڪوٽڙي کان هيٺ وهڪرو	35.20	35.20	35.20	35.20
2	امڪاني لاٽ				
2.1	اولهندي دريائن تي پارتي استعمال	2.00	2.00	4.8	2.00
2.2	افغانستان طرفان ڪابل درياءَ تي امڪاني استعمال	0.50	0.50	4.0	0.50
2.3	ڪوٽڙيءَ کان سمنڊ ڏانهن چوڙ	5.80	-	10.00	10.00
2.4	اڏاوت هيٺ رٿائن لاءِ گهرج				
	(a) چاڙهه وارا ڪينال (ڪچي، ريٽي، گريٽرٿل)	4.8	-	4.8	4.8
	(b) منگلا جي سطح وڌائڻ	2.9		2.9	2.9
	(c) پٽ فيڊر جي توسيع	0.1		0.1	0.1
	(d) LBOD	2.2		2.2	2.2
	(e) گومل زيم ڊيم ذيلي	1.0		1.0	1.0
	ڪُل	11.0		11.00	11.00
2.5	تاهه جي تفويض ۾ لاٽ	11.95	-	12.00	11.95
2.6	مستقبل ۾ شهري ۽ صنعتي استعمال	-	-	5.0	-
3	ڪُل لاٽ (اسر 2.1 کان 2.6)	31.25	2.50	46.8	35.45
4	وڌيڪ ترقي لاءِ حتمي موجودگي (1 کان 3)	3.95	32.70	(-)11.60	(-) 0.25

* واپڊا طرفان ڪيل رٿائون ٽيڪنيڪل ڪميٽيءَ جي فيصلي موجب شامل ڪيون ويون آهن.

نوٽ: ايرندي دريائن جي حصي سبب ڪا به گهٽتائي نه ڪئي وئي آهي.

مٿين جدول ظاهر ٿي ڪري ته خود واپڊا جي ڪٿ موجب سراسري ساليانو بنياد تي اضافي پاڻي ميسر ٿي ناهي پر ان جو مطلب اِهو ناهي ته ڪو ذخيري لاءِ پاڻي بنهه موجود ئي ناهي. اِهو ورجايو ويو آهي ته چاڙهه وارن سالن ۾ ذخيري لاءِ اضافي پاڻي موجود آهي ۽ انهيءَ ئي اضافي پاڻيءَ کي محفوظ بڻائي ذخيرو ڪرڻو آهي بدقسمتيءَ سان سال به سال پاڻيءَ جي موجودگيءَ تي جوڳو ڌيان نه ڏريو ويو آهي جنهن ذريعي پاڻيءَ جي موجودگيءَ جي درست صورتحال پيش ٿي پئي سگهي.

2.10. لهواري وهڪري جي بنياد تي پاڻيءَ جي موجودگيءَ جو اندازو

تربيلا کان پوءِ وارن اٺاويهن سالن1976-77 کان 2002-03 دوران سمنڊ ڏانهن پاڻيءَ جي چوڙ جا انگ اکر ڏيڪاريندڙ هڪ جدول (ضميمو II.6) تيار ڪئي وئي آهي. اِهي انگ اکر ڏرڪي اچڻ واري انداز ۾ سهيڙيا ويا آهن. ان عرصي دوران سمنڊ ڏانهن پاڻيءَ جو سراسري چوڙ 34.65 ملين ايڪڙ فوٽ آهي. اِها جدول ڏيکاري ٿي ته ان دوران فقط يارهن سال سراسريءَ کان مٿي رهيا آهن جڏهن ته 17 سال ان کان گهٽ رهيا آهن. بهرحال وچولو قدر 29.68 ملين ايڪڙ فوٽ آهي جيڪو سراسري قدر کان 5 ملين ايڪڙ فوٽ گهٽ آهي.

انهيءَ جدول ۾ ستن سالن واري عرصي تحت چار ڀاڱن ۾ تجزيو ڪيو ويو آهي. اِهو تجزيو ڄاڻائي ٿو ته مٿانهين ترين ستن سالن واري عرصي ۾ سمنڊ ڏانهن چوڙ ڪل جو 50.70 سيڪڙو آهي، جڏهن ته هيٺانهين ترين ستن سالن واري عرصي ۾ چوڙ فقط 5.31 سيڪڙو آهي.

هڪ ٻي جدول (ضميمو II.7) تيار ڪئي وئي آهي، جنهن ۾ موجود اضافي وهڪرن کي قابو ڪرڻ لاءِ مستقبل جي رٿيل آبي ذخيرن جي صلاحيت کي جانچيو ويو آهي. انهيءَ جدول جو اڀياس ظاهر ڪري ٿو ته محفوظ ڪري سگهندڙ اضافي پاڻي 28 سالن مان فقط ڏهن سالن لاءِ ميسر آهي. اِهو اڀياس وڌيڪ ظاهر ڪري ٿو ته 6.0 ملين ايڪڙ فوٽ وارو ڊيم چاڙهه واري اضافي وهڪرن جو فقط 22

سيڪڙو ٿي جهڙي سگهي ٿو جڏهن ته 6.0 ملين ايڪڙ فوٽ وارو هڪ
ٻيو ڊيم اضافي 18 سيڪڙو چاڙهه وارو پاڻي جهڙي سگهندو. 6.0 ملين
ايڪڙ فوٽ وارا ٻه ڊيم گڏيل طور تي لڳ ڀڳ 41 سيڪڙو پاڻي جهڙي
سگهندا جڏهن ته اهي ڊيم ٺهڻ کان پوءِ به 59 سيڪڙو اضافي وهڪرا
ڪتب اچي نه سگهندا. اِهو اپياس اجا وڌيڪ ڄاڻائي ٿو ته 35 ملين
ايڪڙ فوٽ وارو ٽپائيندڙ ڊيم (Carry over) اضافي پاڻي جو 84 سيڪڙو
ڪتب آڻي سگهندو. اپياس موجب 6.0 ملين ايڪڙ فوٽ وارو هڪ
ڊيم 28 سالن مان چاڙهه وارن 10 سالن دوران ئي پرجي سگهجي ٿو
جڏهن ته ٻيو ڊيم 28 سالن مان ست سال پرجي سگهبو جڏهن ته اهو ٽن
سالن لاءِ جزوي طور پڻ پرجي سگهبو جڏهن ته ٽپائيندڙ ڊيم 28 سالن
مان ٽي سال پرجي سگهبو جڏهن ته 28 سالن مان ست سال جزوي طور
پرجي سگهبو.

(d) درياءَ جي وهڪري جي انگن اکرن واري متئين تجزئي مان
جيڪا ٻيهڪ سامهون اچي ٿي سا ظاهر ٿي ڪري ته چاڙهه وارن
عرصن ۾، جڏهن ذخيري ڪرڻ واسطي اضافي پاڻي اصل ۾ موجود
هوندو آهي، واپڊا، ستن ميمبرن ۽ سردار احمد مغل طرفان پاڻيءَ جي
موجودگيءَ جي ڳڻ ڳوت جي انفرادي جزن لاءِ مختلف انگ اکر اختيار
ڪرڻ جو ڪو گهڻو اثر نٿو پوي. چاڙهه وارن انهن گهڻي ڀاڱي سالن
دوران اجزاتي اسمن لاءِ پل ڪهڙا به قدر اختيار ڪجن، ذخيري ڪرڻ
لاءِ جوڳو اضافي پاڻي ميسر ٿي آهي. اضافي پاڻيءَ جي انهيءَ غير
تڪراري وڏي مقدار کي ٿي جهڙي ذخيرو ڪرڻ جي ضرورت آهي.

2.11 ذخيري لاءِ اضافي وهڪرن جي بين المندائتي ۽ بين الساليانِي منتقلي

ٽيڪنيڪل ڪميٽيءَ جي ستن ميمبرن مئي 2005 واري
پنهنجي رپورٽ ۾ اضافي پاڻيءَ جي ذخيري لاءِ هيٺيون درجي بنديون
ڄاڻايو آهن:

(1) خريف دوران اضافي پاڻيءَ جو ذخيرو، جيڪو ساڳئي سال جي ربيع واري مُند ۾ استعمال ڪجي.

(2) چاڙهه وارن سالن ۾ اضافي پاڻيءَ جو ذخيرو، جيڪو ايندڙ سالن دوران گهٽ وهڪري وارن سالن ۾ استعمال ڪجي.

اسان جا منگلا ۽ تربيلا وارا هاڻوڪا ذخيرا پهرين درجي ۾ اچن ٿا. اِهي خريف واري مُند دوران بين المندائتي اضافي پاڻيءَ کي ساڳئي سال جي ربيع واري مُند لاءِ ذخيرو ٿا ڪن. موجود ڊيمن جي گنجائش تقريباً 15.0 ملين ايڪڙ فوٽ آهي. اولهندي دريائن جا ربيع وارا سراسري وهڪرالڳ ڀڳ 23 ملين ايڪڙ فوٽ آهن. ان ريت منگلا ۽ تربيلا وارن آبي ذخيرن جي اڏاوت کان پوءِ ربيع واري مُند ۾ پاڻيءَ جي موجودگيءَ ۾ لڳ ڀڳ 65 سيڪڙو واڌ آئي آهي.

هن رپورٽ ۾ ڀنهي آبي ذخيرن جي اڏاوت کان پوءِ مند وار پاڻيءَ جو استعمال جاچڻ لاءِ تربيلا کان پوءِ واري عرصي لاءِ مند وار ڪينال جو چوڙ ويچار هيٺ آڻڻ مناسب ٿيندو.

1976-77 کان 2002-03 تائين تربيلا کان پوءِ مند وار ڪينال جو چوڙ ڏيکاريندڙ هڪ وچور (ضميمو 8-II) ڏنل آهي. اِهو وچور واپڊا طرفان 27 سيپٽمبر 2004 تي ڪوٺايل ٽيڪنيڪل ڪميٽيءَ جي ٿين گڏجاڻي ۾ پيش ڪيل جدول (ضميمو 7) ۾ ڏنل انگن اکرن تي ٻڌل آهي. جدول جو جائزو ظاهر ٿو ڪري ته تربيلا کان پوءِ وارن 27 سالن مان ربيع ۾ ڪينال وارا چوڙ چوڏهن سال پاڻيءَ ناهه جي تفويض جي 100 سيڪڙو کان وڌيڪ رهيا آهن. وڌيڪ 9 سالن ۾ ڪينال جا چوڙ پاڻي ناهه جي تفويض جي 90 سيڪڙو کان وڌيڪ رهيا. ان ريت ربيع ۾ ڪينال تربيلا کان پوءِ واري عرصي دوران پاڻي ناهه واري حصي کان وڌيڪ يا گهٽ ۾ گهٽ تفويض ڪيل حصي وارو پاڻي ڪڍندا رهيا آهن، بس رڳو گهٽ وهڪرن وارن سالن دوران ربيع دوران ڪوٽ جو منهن ڏسڻو پيو آهي.

ربيع دوران ڪينال وارن چوڙن جي ڀيٽ ۾ خريف دوران

وڏيڪ ڪوٽ پئي رهي آهي. تربيلا کان پوءِ وارن 27 سالن دوران هڪ به اهڙو سال نه آيو آهي جنهن ۾ خريف وارو چوٽ پاڻي ناهه جي تفويض ڪيل حصي کان وڌيو هجي. پنجن سالن ۾ خريف وارا چوٽ 80 سيڪڙو کان گهٽ رهيا آهن. 16 سالن دوران خريف وارا چوٽ 80 کان 90 سيڪڙو رهيا آهن. ان سڄي عرصي دوران فقط ڇهن سالن ۾ خريف وارا چوٽ 90 سيڪڙو کان وڌيڪ رهيا آهن.

مٿيان انگ اکر ظاهر ٿا ڪن ته موجود ڪينالن جون ربيع واريون گهرجون هاٽوڪن دريائي وهڪرن ۽ آبي ذخيرن سان مناسب ريت پوريون ٿين ٿيون. درحقيقت هڪ مند کان ٻي تائين منتقليءَ لاءِ اضافي پاڻي ميسر ئي ناهي، ۽ اضافي موجودگي چاڙهه وارن سالن کان خشڪ سالن تائين، فقط هڪ سال کان ٻئي تائين منتقلي واسطي ئي آهي. اضافي وهڪرا وڏي مقدار وارا پر گهٽ ورجاءُ وارا آهن. ان ڪري مستقبل جي ڊيمن ڪي پرڻ وارو مامرو هاٽوڪن ڊيمن جي پرجڻ واري صورتحال جي ڀيٽ ۾ ورلي ٿيندڙ هوندو. مستقبل جي آبي ذخيرن جي رٿابندي ۽ انهن جي عملي معيار جوڙڻ مهل انهيءَ پهلو کي مد نظر رکڻ گهرجي.

2.12 مستقبل جون اريگيشن رٿائون

2.12.1 رٿابندي ۽ ترقيات واري ڊويزن ۽ واپڊا جي پريزنٽيشنن موجب هيٺيون ٽي اريگيشن رٿائون منظور ڪيون ويون آهن، جن تي ڪم هلندڙ آهي:

نمبر	اريگيشن رٿا جو نالو	رٿيل لاڳت (روپين ۾)	گهربل پاڻي (ملين ايڪڙ فوٽ)
(1)	گريٽر ٿل ڪينال (پنجاب)	30.46 ارب	2.50
(2)	ڪڇي ڪينال (بلوچستان)	31.20 ارب	1.20
(3)	رئيني ڪينال (سنڌ)	18.86 ارب	1.10

ٽيڪنيڪل ڪميٽيءَ جي ستن ميمبرن پنهنجي مئي 2005 واري رپورٽ ۾ مستقبل جي آبپاشي رٿائن بابت پنهنجي ڪا به راءِ نہ ڏني آهي.

هيٺ ورجايل پاڻي ٺاهہ جو پيرا نمبر 4 پاڻيءَ جي فراهمي ۾ صوبن جي حصي کي واضح ٿو ڪري:

”دريائي پاڇي پاڻي“ (بشمول چاڙهہ واري سپلاءِ ۽ مستقبل جا ذخيرا) هيٺين ورهايو ويندو:

پنجاب	سنڌ	بلوچستان	پختونخواهہ	ڪُل
37	37	12	14	100 سيڪڙو

ٺاهہ ۾ مستقبل جي آبي ذخيرن ۽ آبپاشي رٿائن وچ ۾ تقابلي ترجيح ڏيڪاريل ناهي. بهرحال اهو پهلو ڪميٽيءَ جي 27 نومبر 2004 تي ڪوٺايل پنجين گڏجاڻيءَ ۾ ويچار هيٺ آيو ۽ ان تي پڪرائپ ظاهر ڪئي وئي تہ ”بچيل اضافي پاڻيءَ مان پهرين ترجيح مستقبل جي آبي ذخيرن کي ڏيڻ گهرجي جڏهن تہ چاڙهہ وارن ڪينالن کي ان کان پوءِ واري ترجيح تي رکيو ويجي.“

2.13 موجود اُسريل زرعي ۽ ساحلي ماحولياتي سرشتي جي پائيداري

جيڪڏهن اجا وڌيڪ بهتر نہ بہ ٻڌائي سگهجي تہ بہ هاڻوڪي ڪينال سرشتن ذريعي آبياري ٽيندڙ ٽي ڪروڙ ست لک ايڪڙ زراعت کي بر قرار ۽ سگهارو ڪرڻ اهميت جو حامل آهي. ان ڪري ٺاهہ تحت موجود ڪينالن لاءِ تفويض 117.35 ملين ايڪڙ فوٽ پاڻي کي محمل طور تي تحفظ فراهم ڪرڻ جي ضرورت آهي. گهٽ وهڪرن وارن سالن دوران ڪوٽ جو پورائو نون آبي ذخيرن ذريعي ڪري سگهجي ٿو.

ٺاهہ تحت موجود ڪينالن جي حصي (117.35 ملين ايڪڙ فوٽ) جي پورائي کان پوءِ ڪوٽڙيءَ کان هيٺ واري ضرورت، پاڻي ٺاهہ ۾ ڄاڻايل 10 ملين ايڪڙ فوٽ ٺائين يا هلنڊڙ اڀياسن جي نتيجن جي بنياد تي

حڪومت طرفان طئي ٿيندڙ مقدار پورو ڪرڻ پڻ اهم ۽ ضروري آهي.
مستقبل جي آبي ذخيرن ۽ آبپاشي رٿائن جهڙين نين رٿائن تي ٺاهه تحت تفويض موجود ڪينالن ۽ سمنڊ ڏانهن چوڙ واريون ضرورتون پوريون ڪرڻ کان پوءِ ئي ويچاريو وڃي.

2.14 تت ۽ سفارشون

1. واپڊا پنهنجي وجود ۾ اچڻ کان وٺي ڪڏهن به پاڻيءَ جي موجودگيءَ جي ڳڻ ڳوت کي پنهنجي سرگرمين جو هڪ مستقل عنصر نه بڻايو آهي، نه ئي وري پاڻيءَ جي موجودگيءَ جي ڳڻ ڳوت لاءِ ڪو معياري پئمانو جوڙيو اٿس. جيڪڏهن اهو ڪيو وڃي ها ته پئدا ٿيندڙ اختلافن کي نبيري سگهجي ها. ان کان سواءِ واپڊا پاڻيءَ جي موجودگيءَ بابت مختلف وقتن تي مختلف انگ اکر پيش ڪيا آهن جنهن عمل مونجهاري کي اڃا به وڌائي ڇڏيو آهي.
2. عام طور تي ڪنهن دريائي سرشتي ۾ موجود پاڻي ۽ ان جي استعمال جو مناسب ليکو چوکو ظاهر ڪرڻ لاءِ مٿانهين وهڪري جي بنياد تي پاڻيءَ جي موجودگيءَ جي ڳڻ ڳوت ڪئي ويندي آهي. لهواري وهڪري جي بنياد تي ڳڻ ڳوت فقط سمنڊ ڏانهن چوڙ کي ظاهر ڪري ٿي. بهر صورت ڳڻ ڳوت اوپاري وهڪري جي بنياد تي ڪجي يا لهواري وهڪري جي بنياد تي، جيڪڏهن پاڻيءَ جو درست ليکو چوکو ڪبو ته نتيجو ساڳيو ئي نڪرندو. هن رپورٽ لاءِ واپڊا ۽ ڪميٽيءَ جي ستن ميمبرن جي موقف جي تعظيم ۾ لهواري وهڪري واري انداز کي مدنظر رکيو ويو آهي.
3. واپڊا ۽ سردار احمد مغل پاڻيءَ جي موجودگيءَ جي مختلف ڳڻ ڳوت ڏيندي لهواري وهڪري جي بنياد تي ترتيبوار 7.15 ملين ايڪڙ فوٽ ۽ ڪاٽو 11.6 ملين ايڪڙ فوٽ سراسري پاڻي جي

موجودگي ڏيکاري آهي. ٽيڪنيڪل ڪميٽيءَ جي گڏجاڻين ۾ غور ويچار دوران ستن ميمبرن واپڊا جي ڳڻ ڳوت جي مڪمل پٺڀرائي ڪئي پر مئي 2005 واري پنهنجي رپورٽ ۾ هُنن لهواري وهڪري جي بنياد تي پاڻي جي موجودگيءَ جي پنهنجي ڌار ڳڻ ڳوت ڏيندي ان جو مقدار 32.70 ملين ايڪڙ فوٽ ڏيکاريو آهي. ڪميٽي چيئرمين هن رپورٽ ۾ هر اسم تي پنهنجي راءِ ڏني آهي.

4. هن رپورٽ ۾ پاڻيءَ جي موجودگيءَ جي ڳڻ ڳوت جي هر اسم تي چيئرمين جي راءِ ۽ موقف جي باوجود، چيئرمين پاڻيءَ جي سراسري موجودگيءَ جي ڳڻ ڳوت جي هڪ جدول تيار ڪئي آهي جيڪا سواءِ سمنڊ ڏانهن ڇوڙ لاءِ پاڻي ناهه ۾ ظاهر ڪيل 10 ملين ايڪڙ فوٽ، يا ماهرن- عالمي ماهرن جي هلندڙ اڀياس تحت طئي ٿيڻ جي، لڳ ڀڳ مڪمل طور تي واپڊا جي انگن اکرن تي آڌاريل آهي. چيئرمين جي انهيءَ ڳڻ ڳوت موجب پاڻيءَ جي حتمي موجودگي سراسري ساليانو بنياد تي ڪاٽو 0.25 ملين ايڪڙ فوٽ ٿئي ٿي.

5. سراسري ساليانو بنياد تي اضافي پاڻي جي اڻ موجودگيءَ جو مطلب اِهو ناهي تہ ڪو ذخيري لاءِ اضافي پاڻي بنهہ موجود ناهي. اولهندي دريائن واري پاڻيءَ جي موجودگيءَ جي انداز جي پيش نظر، ورلي چاڙهہ وارن سالن دوران اضافي پاڻيءَ جو وڏو مقدار ميسر آهي. انهيءَ پاڻيءَ کي ئي مستقبل جي آبي ذخيرن ۾ محفوظ ڪرڻ جي ضرورت آهي.

6. تربيلا کان پوءِ وارن سالن 77-1976 کان 03-2002 دوران پاڻيءَ جي موجودگيءَ جي انداز جو هڪ اڀياس ظاهر ٿو ڪري تہ 28 سالن واري عرصي دوران سمنڊ ڏانهن 50 سيڪڙو کان وڌيڪ ڇوڙ وڏن وهڪرن وارن ستن سالن ۾ ٿيو آهي جڏهن تہ انتهائي گهٽ وهڪرن وارن ستن سالن دوران اِهو ڇوڙ فقط

پنج سيڪڙو ٿي رهيو آهي. اِهو اِيپاس اِهو پڻ ڏيکاري ٿو تہ چاڙھہ وارن گھٽي پاڻي سالن دوران جڏهن ذخيرو ڪرڻ لاءِ پاڻيءَ جو وڏو مقدار موجود هجي ٿو. تہ اضافي پاڻيءَ جي موجودگيءَ جي پڻ گوت لاءِ مختلف قدر اختيار ڪرڻ سان ڪو گھڻو فرق نٿو پوي.

7. موجودگيءَ جي صورت ۾ اضافي پاڻي محفوظ ڪرڻ لاءِ مستقبل جي رٿيل آبي ذخيرن جو ست جانچڻ لاءِ هڪ اِيپاس پڻ ڪرايو ويو آهي. اِهو اِيپاس ظاهر ٿو ڪري تہ تربيلا ڪان پوءِ وارن 28 سالن مان فقط ڏھہ سال ئي ذخيرو ڪرڻ جوڳو اضافي پاڻي ميسر آهي. اِيپاس اِهو پڻ ظاهر ٿو ڪري تہ 6.0 ملين ايڪڙ فوٽ وارو ڊيم اضافي چاڙھہ وهڪرن جو فقط لڳ ڀڳ 22 سيڪڙو پاڻي ئي ذخيرو ڪري سگھندو جڏهن تہ 6.0 ملين ايڪڙ فوٽ وارو هڪ ٻيو ڊيم چاڙھہ وارن وهڪرن جو اضافي 18.9 سيڪڙو پاڻي ذخيرو ڪري سگھندو. 6.0 ملين ايڪڙ فوٽ وارا ٻئي ڊيم گڏيل طور تي 41 سيڪڙو پاڻي ذخيرو ڪري سگھندا پوءِ بہ 59 سيڪڙو وهڪرا ذخيرو ٿيڻ ڪان رهجي ويندا. اِيپاس وڏيڪ چاڻائي ٿو تہ 35 ملين ايڪڙ فوٽ وارو هڪ سال ڪان وڏيڪ پاڻي ڏينڊڙ ڊيم اضافي پاڻيءَ جو 84 سيڪڙو ڪتب آڻي سگھندو. اِيپاس موجب، 6.0 ملين ايڪڙ فوٽ وارو هڪ ڊيم 28 سالن مان 10 سال پرچي سگھبو جڏهن تہ 6.0 ملين ايڪڙ فوٽ وارو ٻيو ڊيم 28 سالن مان 7 سال مڪمل طور تي ۽ 3 سال جزوي طور تي پرچي سگھبو ۽ هڪ سال ڪان وڏيڪ پاڻي ڏينڊڙ ڊيم 28 سالن مان 3 سال مڪمل طور تي ۽ 7 سال جزوي طور تي پرچي سگھبو.

8. اولهندي دريائن جا سراسري ربيع وارا وهڪرا 23 ملين ايڪڙ فوٽ آهن. موجود ٻن آبي ذخيرن منگلا ۽ تربيلا جي گنجائش لڳ ڀڳ 15 ملين ايڪڙ فوٽ آهي. ان ريت منگلا ۽ تربيلا آبي

ذخيرن جي اڏاوت کان پوءِ ربيع دوران پاڻيءَ جي موجودگي لڳ ڀڳ 65 سيڪڙو وڌي وئي آهي. واپڊا طرفان فراهم ڪيل تربيلا کان پوءِ ڪينال چوڙ جي انگن اکرن وارو اپياس ڏيکاري ٿو ته ربيع دوران ڪينالن کي ٺاهه تحت انهن جي حصي کان وڌيڪ به پاڻي مليو آهي ۽ ربيع دوران فقط ڪجهه انتهائي خشڪ سالن دوران ٿي کوٽ رهي آهي. جڏهن ته خريف دوران ڪينال فراهمين ۾ وڌيڪ کوٽ رهي آهي. ان ريت ساڳئي سال ۾ خريف واري مُند کان ربيع واري مُند ۾ منتقليءَ لاءِ وڌيڪ اضافي پاڻي ميسر ناهي. وڌيڪ اِهو ته، موجود ڪينالن جون ربيع واريون گهرجون عمومي دريائي وهڪرن ۽ ٻن موجود آبي ذخيرن ذريعي مڪمل طور تي پوريون ٿي وڃن ٿيون.

9. مستقبل جي آبي ذخيرن جي ورلي چاڙهه وارن سالن ۾ اضافي پاڻي ذخيرو ڪري اينڊر گهٽ وهڪرن وارن سالن ۾ استعمال طور رٿابندي ڪرڻي پوندي. اِهي اضافي وهڪرا وڏي مقدار پر گهٽ معمول وارا آهن. ان ريت مستقبل جي ڊيمن جي پرجڻ وارو عمل ورلي ٿيندڙ عمل هوندو، ان جي ڀيٽ ۾ موجود ڊيم ڪنهن غير رواجي ليڪجنڊڙ سال ۾ گهٽ ۾ گهٽ جزوي پرجي سگهجن ٿا. مستقبل جي آبي ذخيرن جو اهم نڪتو ميسر هئڻ جي صورت ۾ اضافي چاڙهه واري پاڻيءَ جو وڏ کان وڏ مقدار ذخيرو ڪرڻ جي صلاحيت هئڻ گهرجي. مستقبل جي آبي ذخيرن واري پاڻيءَ جي ورهاست انهن جي پوري صلاحيت کي مدنظر رکندي نه پر اينڊر ڪيترن ئي گهٽ وهڪرن وارن سالن کي مدنظر رکندي ڪرڻ گهرجي.

10. نئي چاڙهه واريون آبپاشي رٿائون گريٽرٿل ڪينال، ڪچي ڪينال ۽ رِيٽي ڪينال اڏاوت هيٺ آهن. ٽيڪنيڪل ڪميٽيءَ ڀڪرائپ ڏيکاري آهي ته چاڙهه وارين رٿائن کي

مستقبل جي آبي ذخيرن جي پيٽ ۾ گهٽ ترجيح تي رکيو ويجي.

11. جيڪڏهن اجا بہ وڌيڪ بهتر نہ بہ ٻٽائي سگهجي تہ بہ هاڻوڪي ڪينال سرشتن ذريعي آبياري ٿيندڙ ٽي ڪروڙ ست لک ايڪڙ زراعت کي برقرار رکڻ ۾ سگهارو بنائڻ اهميت جوڳو آهي. ان ڪري ناهہ تحت موجود ڪينالن لاءِ تفويض ٿيل 117.35 ملين ايڪڙ فوٽ پاڻيءَ کي مڪمل طور تي تحفظ فراهم ڪرڻ جي ضرورت آهي. ڪوٽڙيءَ کان هيٺ جي ضرورتن لاءِ پاڻي ناهہ ۾ جاٽايل طور 10 ملين ايڪڙ فوٽ يا هلندڙ اپياس جي نتيجي جي بـُنياد تي حڪومت طرفان مقرر ٿيندڙ ڪو بہ مقدار پڻ فراهم ڪيو ويجي. باقي پاڻي جڏهن بہ موجود هجي، ذخيرو ڪيو ويجي.

مول متو 5(a)

مول متو (a)_5: منگلا آبي ذخيري کي پرڻ واري پئماني جو جائزو۽ ان ڏس ۾ سفارشون مرتب ڪرڻ.

3.1 آبي ذخيري جي ڪم ڪار/ وهنوار جي پئماني جي اهميت

جڏهن به ڪنهن درياءَ تي ڪو آبي ذخيرو اڏيو ويندو آهي ته ان جو عملي پئمانو جوڙڻ اهم ٿئي ٿو. اهڙا پئمانا ڪنهن آبي ذخيري جي اڏاوت جي رٿابندي دوران يا گهٽ ۾ گهٽ آبي ذخيري جي عملي طور تي شروع ٿيڻ کان اڳ ۾ جوڳي انداز ۾ واضح ڪيا وڃن. منگلا آبي ذخيرو 38 سال اڳ 1967ع ۾ مڪمل ٿيو پر اڃ ڏينهن تائين ان جو عملي پئمانو طئي نه ٿي سگهيو آهي.

آبي ذخيرا پاڻيءَ جون بينڪون آهن جتي اِهو اضافي هئڻ واري عرصي دوران محفوظ ڪيو ويندو آهي ته جيئن کوٽ وارن ڏينهن ۾ ڪم اچي سگهي. ڪنهن آبي ذخيري جي عملي وهنوار جو طئي ڪندي انهيءَ بنيادي شرط کي نظر انداز نه ڪرڻ گهرجي.

منگلا آبي ذخيري جي واضح عملي وهنوار نه هئڻ ڪري، ان کي هنگامي انداز ۾ هلايو ويو آهي، نتيجي طور کوٽ واري عرصي دوران منگلا آبي ذخيري ۾ پاڻيءَ جو ذخيرو ڪرڻ تي لهواري وهڪري وارن صوبن سدائين پنهنجي ڳڻتين ۽ عدم اطمينان جو اظهار ڪيو آهي. ان کان سواءِ منگلا آبي ذخيري جي غير اطمينان بخش انتظام سبب مستقبل جي آبي ذخيرن جي اڏاوت خلاف پڻ آواز اٿاريو پئي ويو آهي. ان ڪري ئي هن مول متي کي جانچڻ ۽ جائزي لاءِ شامل ڪيو ويو آهي.

3.2 مول متي 5(a) تي پريزنٽيشنون ۽ غور ويچار

3.2.1 مول متي 5(a) تي ارسا ۽ واپڊا طرفان 23 نومبر 2004 تي ڪوئايل ٽيڪنيڪل ڪميٽيءَ جي پنجين گڏجاڻيءَ جي ايندڙ ويهڪن ۾ مول متو تفصيلي طور غور ويچار هيٺ آندو ويو جيڪو عمل 20 کان 22 ڊسمبر 2004 تي ڪوئايل ڇهين گڏجاڻيءَ ۾ پڻ جاري رهيو. سنڌ جي ميمبر سردار احمد مغل انهن پريزنٽيشنن تي لکت ۾ راءِ پيش ڪئي. ارسا ۽ واپڊا پنهنجون وراڻيون ڏنيون. سردار احمد مغل انهن وراڻين تي پنهنجو جوابي موقف ڏنو. انهن جوابي موقفن کي ٻه ارسا ۽ واپڊا پنهنجي وراڻي ڏني.

3.3 مول متو 5(a) سان لاڳاپيل نڪتن تي واپڊا/ ارسا ۽ سنڌ ڪميٽي ميمبرن جا موقف ۽ ٽيڪنيڪل ڪميٽيءَ جي چيئرمين جي راءِ

30 جون تائين منگلا آبي ذخيري جو 80 سيڪڙو ڀرڻ

ارسا/واپڊا جا موقف

واپڊا ۽ ارسا جو موقف هو ته منگلا آبي ذخيرو هر سال 30 جون تائين 80 سيڪڙو ڀرڻو پوندو جيڪا سطح 1180 ٽئي تي ئي صورت ۾ اهو پرجي نه سگهبو. انهن ڄاڻايو ته جهلم اگ ۾ چڙهندڙ درياءَ آهي ۽ شروعاتي خريف (اپريل کان جون) دوران وڏيڪ وهڪرا تين تا جيڪي مُند جو 57 سيڪڙو آهن، ۽ پوياڙي خريف (جولاءِ کان سيپٽمبر) ۾ گهٽ وهڪرا تين تا جيڪي 43 سيڪڙو آهن. پنهنجي پريز نٽيشنن ۾، واپڊا ۽ ارسا هڪ جدول پڻ شامل ڪئي جنهن ۾ انهن منگلا ڊيم جي تاريخ مان نو سال 1970، 1971، 1974، 1979، 1985، 1999، 2000، 2001 ۽ 2004 درج ڪيا آهن جن دوران وڌ کان وڌ سطح 1202 ايس پي ڊي حاصل تي نه سگهي ڄاڪاڻ ته آبي ذخيري جي سطح 30 جون تي 1180 ايس پي ڊي کان گهٽ هئي.

ڪميٽيءَ جي سنڌ ميمبرن جو موقف

ٽيڪنيڪل ڪميٽيءَ جي سنڌ ميمبرن پنهنجي مئي 2005

واري رپورٽ ۾ واپڊا/ ارسا واري موقف جي پٺڀرائي ڪئي. هنن پڻ انهن نون سالن جي فهرست ڏني آهي جن دوران آبي ذخيري جي 1202 ايس پي ڊيءَ واري وڌ ڪان وڌ سطح حاصل نہ ٿي سگهي چاڪاڻ تہ آبي ذخيري جي سطح 30 جون تي 1180 ايس پي ڊي کان گهٽ هئي. ستن ميمبرن وڌيڪ ڄاڻايو تہ منگلا جي جزوي طور تي ڀرڻ سبب ربيع وارين مُندن دوران اترئين پنجاب جي ڪينالن ۾ پاڻيءَ جي جوڳي کوٽ رهي.

ٽيڪنيڪل ڪميٽيءَ جي چيئرمين جي راءِ

(1) اهو غير حقيقي ۽ غير عملي مفروضو آهي تہ جيڪڏهن ڪو آبي ذخيرو تعمير ڪيو ويو آهي تہ پوءِ ان کي موجود ڪينال سرشتن جي موجود ضرورتن کي مدنظر رکڻ کان سواءِ بہ کوٽ واري عرصي دوران ڀرڻ ضروري آهي. آبي ذخيرا پاڻيءَ جون بينڪون آهن جتي پاڻي اوڏي مهل ذخيرو ڪيو ويندو آهي جڏهن اِهو ايندڙ کوٽ واري عرصي ۾ استعمال ڪرڻ لاءِ اضافي مقدار ۾ ميسر هجي. جيڪڏهن جهلم درياءَ جا وهڪرا اهڙا آهن جو جولاءِ کان سيپٽمبر جي پيٽ ۾ اپريل کان جون تائين وڌيڪ پاڻي ميسر آهي تہ يقيني طور تي اپريل کان جون تائين پاڻي ذخيرو ڪري سگهجي ٿو پر سنڌو درياءَ واري سرشتي تي ڪينالن جي حصي/موجود ضرورتن جي پورائي کان پوءِ ٿي.

(2) غور ويچار دوران، واپڊا ڄاڻايو تہ ڪينال سرشتن جي 80 سيڪڙو گهرجن جي پورائي کان پوءِ منگلا ۾ پاڻي ذخيرو ڪيو ويندو آهي پر منگلا آبي ذخيري جي انتظام ۾ اِن پٿماني تي بہ عمل نہ ڪيو ويو آهي.

(3) ٽيڪنيڪل ڪميٽيءَ جي ستن ميمبرن منگلا جي نہ ڀرجي سگهڻ وارن نون سالن دوران اتر پنجاب جي ڪينالن ۾ ربيع دوران پاڻيءَ جي کوٽ جو حوالو ڏنو آهي پر هنن ساڳئي

عرصي دوران ٻنهي صوبن ۾ پيش اينڊز ڪوٽ تي ڪوڙيان ٿي نه ڏٺو آهي. بهرحال واپڊا جي پريزنٽيشن مان حاصل ٿيندڙ واسطيدار انگن اکرن (ضميمو II.9) جو اڀياس ڄاڻائي ٿو ته انهن نون سالن مان پنج سال يعني 1971، 1974، 1979، 1985 ۽ 2001 ۾ جڏهن منگلا 1202 واري وڌ کان وڌ سطح تائين ڀرجي نه سگهيو هو ۽ به اينڊز ربيع مند جي 31 مارچ تائين ذخيرو ڪيل پاڻيءَ جو مڪمل استعمال نه ٿي سگهيو هو. ان کان سواءِ انهن نون سالن جا ڪينالي ڇوڙ جا انگ اکر اهو پڻ ظاهر ٿا ڪن ته انهن مان ڪجهه سالن ۾ پنجاب طرفان ربيع ناهه تفويض کان وڌيڪ پاڻي استعمال ڪيو ويو. يقيني طور تي، انتهائي خشڪ عرصا پڻ رهندا آيا آهن، خاص طور تي سال 2000 کان پوءِ. پر اِها سوڪهڙي سبب سڄي ملڪ سان درپيش صورتحال هئي جيڪا سمورن واسطيدارن کي گڏجي سڏجي ونڊبٽي هئي.

منگلا آبي ذخيري کي ڀرڻ جو پٿمانو

واپڊا/ ارسا جو موقف

(1) واپڊا يا ارسا طرفان منگلا آبي ذخيري کي ڀرڻ جو ڪو جوڳو ۽ تفصيلي پٿمانو طئي نه ڪيو ويو آهي زير اهڙو پٿمانو ارسا جي مشاورتي ڪميٽي سال به سال جي بنياد تي طئي ٿي ڪري. اهو به ڄاڻايو ويو ته منگلا آبي ذخيري جي سطح وڌائڻ کان پوءِ به ساڳئي پٿماني تي عمل جاري رهندو.

(2) ٽيڪنيڪل ڪميٽيءَ جي غور ويچار دوران واپڊا ۽ ارسا منگلا آبي ذخيري جي ڀرڻ واسطي ڪو مخصوص پٿمانو نه رٿيو.

سنڌ ميمبرن جو موقف

پنهنجي مئي 2005 واري رپورٽ ۾ ٽيڪنيڪل ڪميٽيءَ جي سنڌ ميمبرن ڄاڻايو ته:

"ارسا طرفان لاڳيتو جاري پسمورن واسطيدارن جي ادراڪ سان منگلا ۽ تربيلا ذخيرن جي ڀرڻ، انهن جي هيٺاهين ڏانهن وهڪري ۽ سنڌو زون ۽ منگلا زون ڪينالن ۾ ورهاست واري پاليسي ۾ وهنوار اطمينان جوڳو ڪندي رهي آهي. منگلا ڊيم ڀرڻ لاءِ پڻماني ۾ ڪنهن تبديلي يا ڦير گهير جي ضرورت ناهي."

سردار احمد مغل جي راءِ

ستن ميمبرن جي مئي 2005 واري رپورٽ سان ڳنڍيل پنهنجي نوٽ ۾ سردار احمد مغل چاڻايو ته:

"موجود آبي ذخيرن ۽ لنڪ ڪينالن سان گڏوگڏ مستقبل جي آبي ذخيرن جي وهنوار وارا پڻمانا واضح طور تي طئي ڪيا وڃن ۽ قانوني ضمانتون فراهم ڪيون وڃن ۽ انهن پڻمانن جي مڪمل طور تي پوراڻي جي خاطريءَ لاءِ ڪو ادارو ذميوار هئڻ گهرجي. هڪ اهم پڻمانو اهو هئڻ گهرجي ته سمورن صوبن کي ڳاهه تحت تفويض حصي جي پوراڻي تائين پاڻي ذخيرو ڪرڻ جي اجازت نه هئڻ گهرجي."

چيئرمين جي راءِ

اِها انتهائي رنجائيندڙ ڳالهه آهي ته منگلا آبي ذخيرن جي ڀرڻ واري پڻماني جي اهميت جو ادراڪ نه ڪيو ويو آهي. اِهو ڊيم 38 سال اڳ تعمير ڪيو ويو هو پر اڃا تائين ان جي وهنوار جو پڻمانو نه جوڙيو ويو آهي ۽ ان جو انتظام عارضي/ هنگامي بنيادن جي آڌار تي ڪيو پيو وڃي. اِها حقيقت نه هيءَ مون مٿو ٽيڪنيڪل ڪميٽيءَ جي ذميواريءَ ۾ آندو ويو ظاهر ٿو ڪري ته حڪومت انهيءَ مسئلي کي سنجيدگيءَ سان ٿي ليکي جيڪو ڏيان لهڻي ٿو. بهرحال، اِها اچرج جوڳي ڳالهه آهي ته نه رڳو هيل تائين عملي پڻماني کي خارج نه ڪرڻ کي عملي شڪل نه ڏني وئي آهي پر هاڻ به واپڊا/ ارسا عملي پڻماني/ وهنوار جو ڪو مسودو رٿڻ کان ڪيٻائين ٿا. اِهو ضروري آهي ته جيڪڏهن ڪنهن به سببن يا عذرن ڪري جوڳو عملي پڻمانو هڪدم تيار ٿئي نٿو سگهي ته به منگلا آبي ذخيري کي ڀرڻ لاءِ گهٽ ۾ گهٽ

سونهان اصول ڪنهن دير کان سواءِ جوڙيا ۽ لاڳو ڪيا وڃن.

منگلا آبي ذخيري پرڻ لاءِ ڪينال جي ڪوٽ کي سنڌن با اختيار حصي جي 80 سيڪڙو تائين محدود ڪرڻ

واپڊا جو موقف

واپڊا طرفان اِهو ڄاڻايو ويو ته گهٽ وهڪري دوران، اِها خاطري ڪئي ويندي رهي آهي ته ڪينالن تي ضرورت جي 80 سيڪڙو کان وڌيڪ جو دٻاءُ نه وڌو ڇاڪاڻ ته ان نڪتي کان اڳتي اپت/چوڙ تي جوڳو اثر پوندو.

ستن ميمبرن جو موقف

ستن ميمبرن پنهنجي مئي 2005 واري رپورٽ ۾ ان ڏس ۾ ڪا به ڳالهه نه ڪئي آهي.

ٽيڪنيڪل ڪميٽيءَ جي چيئرمين جي راءِ

واپڊا ڄاڻايو آهي ته گهٽ وهڪرن وارن عرصن دوران ڪينالن تي سنڌن ضرورت جي 80 سيڪڙو کان وڌيڪ (ڪوٽ کي 20 سيڪڙو تائين محدود رکڻ) دٻاءُ ۾ نٿو رکيو وڃي. اِها هڪ مناسب صورت لڳي ٿي. واپڊا ۽ ارسا طرفان پنهنجي پريزنٽيشنن ۾ فراهم ڪيل انگ اکر ظاهر ٿا ڪن ته ان کان گهٽي ڪوٽ (60 سيڪڙو تائين) رهي آهي ۽ پوءِ به منگلا کي ان دوران پريو ويو آهي. اِهو ظاهر ٿو ڪري ته ڪينالن ۾ انتهائي ڪوٽ واري عرصن دوران به اُرهه زورائي واري انداز ۾ منگلا پرڻ جو عمل ڪيو ويو آهي.

سنڌ طاس ناهه 1960 تحت منگلا آبي ذخيري جو وهنوار هڪ متبادل طور

ارسا/واپڊا جو موقف

مول متو نمبر 5 (a) تي ارسا واپڊا جي پريزنٽيشنن دوران منگلا آبي ذخيري جي عمل/ وهنوار جي سنڌ طاس ناهه 1960 سان ڪنهن به قسم جي تعلق جو ڪو ذڪر نه ڪيو ويو. بهرحال، غور ويچار دوران

پنجاب جي ميمبر محمود الحسن صديقي نڪتو اٿاريو ته منگلا سنڌ طاس ٺاهه تحت هڪ متبادل آهي ان ڪري ان جو انتظام ۽ عمل/ وهنوار ان تحت ئي هلايو وڃي. واپڊا پڻ پوءِ واري مرحلي ۾ ساڳيو نڪتو اُٿاريو.

سنڌ ميمبرن جو موقف

پنهنجي مئي 2005 واري رپورٽ ۾ ٽيڪنيڪل ڪميٽيءَ جي سنڌ ميمبرن سنڌ طاس ٺاهه تحت منگلا ڊيم پيرڻ ۽ ان جي وهنوار جي حوالي سان هيٺيان نڪتا اُٿاريا:

(1) منگلا ڊيم سنڌ طاس ٺاهه 1960 تحت هڪ متبادل ڊيم طور ٺاهيو ويو هو. ان جو بناوتي بنياد ۽ عملي پئمانو متبادل رٿا تحت بناوت ۽ رٿابندي دستاويزن ۾ طئي ڪيا ۽ جوڙيا ويا هئا.

(2) متاهون انتظامي زون مڪمل طور تي چناب ۽ جهلم دريائن جي وهڪرن ۽ منگلا جي ذخيري تي انحصار ڪري ٿو. اِهو سنڌو درياءَ مان ڪا به مدد حاصل نٿو ڪري سگهي.

(3) متبادل واري ڪم جي تڪميل ڪان پوءِ پاڪستان جي ڪينالن کي پاڻيءَ جي فراهميءَ جي نئين وسيلي موجب ٻن زونن جهلم چناب زون (منگلا ڪمانڊ) ۽ سنڌو زون (تربيلا ڪمانڊ) ۾ ورهايو ويو.

(4) رسول کان مٿي متاهون سنڌو لنڪ مهيا ڪندي سنڌو- جهلم چناب دريائن کي هڪ واحد درياءَ ۾ مربوط ڪرڻ لاءِ ايائتو ٿي سگهي ٿو. اهو اوائلي خريف جي مُنڍ واري پوک ۾ سنڌ جي ڪينالن لاءِ لاڀائتو ٿي سگهي ٿو. واحد درياءَ وارو انتظام/ وهنوار سنڌ جي ڪينالن کي آڳاٽي فراهمي سان گڏوگڏ پنجاب جي ڪينالن جي متاهين سرشتي کي ٽيڪو ڏئي سگهي ٿو.

ٽيڪنيڪل ڪميٽيءَ جي چيئرمين جي راءِ

(1) اِهو درست آهي ته منگلا ڊيم سنڌ طاس پاڻي ٺاهه 1960/

سنڌ طاس ترقياتي فنڊ ناهہ تحت متبادل طور تعمير ٿيو هو. هيءَ دستاويز ڄاڻائين ٿا تہ انهيءَ متبادل جي اڏاوت پاڪستان ۾ موجود آبپاشي استعمال جي پورائي لاءِ سنڌو سرشتي جي ٽن اولهندي دريائن (سنڌو، جهلم ۽ چناب) جي پاڻيءَ جي منتقلي/ فراهميءَ لاءِ هڪ متبادل هو نتيجي طور ٽن اڀرندي دريائن (راوي، بياس ۽ ستلج) جي پاڻيءَ جو مڪمل وهڪرو آبپاشيءَ جي واڌويجهہ لاءِ ڀارت ۾ ويٺو هو.

(2) مٿيون وچور واضح طور تي ظاهر ٿو ڪري تہ منگلا ڊيم ۽ ٻيا متبادل ڪم پاڪستان کي اڀرندي دريائن جي پاڻيءَ جي ٿيل نقصان جي ازالي لاءِ تعمير ڪيا ويا هئا. ناهہ جي وقت ٽن اڀرندي دريائن جو ساليانو وهڪرو لڳ ڀڳ 33 ملين ايڪڙ فوٽ هو، جنهن مان ڀارت لڳ ڀڳ 8 ملين ايڪڙ فوٽ پاڻي استعمال ڪري رهيو هو. باقي پاڻي (25 ملين ايڪڙ فوٽ) پاڪستان وهي ايندو هو جيڪو هاڻ ميسر ناهي. جهلم ۽ چناب دريائن جو ساليانو وهڪرو ترتيبوار لڳ ڀڳ 23 ملين ايڪڙ فوٽ ۽ 26 ملين ايڪڙ فوٽ رهيو آهي. ان ريت اڀرندي دريائن سميت پاڪستان ايندڙ معاون ندين جو ڪُل وهڪرو 74 ملين ايڪڙ فوٽ (25+23+26) هو. صوبن وچ ۾ پاڻي ناهہ تي صحيحون سنڌ طاس ناهہ 1960ع کان ڪو ٽيهہ سال پوءِ 1991 ۾ ٿيون. پاڻي ناهہ تحت پنجاب جي معاون ايراضين (جن ۾ اڳي اڀرندي دريائن کان پاڻي حاصل ڪندڙ علائقا بہ شامل آهن) جو حصو 43.33 ملين ايڪڙ فوٽ (پنجاب جو ڪُل حصو 55.94 کاٽو سنڌو درياءَ جي مرڪزي وهڪري تي پنجاب جي ڪينالن لاءِ 12.61) آهي. ان ريت پنجاب جي معاون ايراضين کي ناهہ تحت حصي جي فراهميءَ کان پوءِ ٻاڇي پاڻي (74-43=31 ملين ايڪڙ فوٽ) پنجند کان هيٺ نيڪال تي ٿيوءِ سنڌ طاس ناهہ کان

اڳ وارن پيچڙيءَ جي صوبن کي ميسر ٿي ٿيو. ناهه ڪان پوءِ ۽ پيچڙيءَ وارا صوبا انهيءَ پاڻيءَ کان محروم ٿي ويا آهن. ان ڪري اهو نٿو چئي سگهجي ته اپرندي دريائن جي پارت جي حوالي ٿيڻ جو فقط هڪ مخصوص علائقي/ ايراضي کي ئي نقصان رسيو آهي. يقيناً اهو درست آهي ته راوي ۽ ستلج دريائن تي قائم بيراجن کي فراهميءَ جو اصلوڪو ذريعو ڪٽجي ويو هو ۽ ان ڪري اولهندي دريائن تي لنڪ ڪينالن جي اڏاوت ذريعي نئون ذريعو فراهم ڪرڻو هو. اولهندي دريائن تي قائم ٽينڊز انهن نون ذريعن جي پاڻيءَ جي اضافي مقدار ۾ ڪوٽ کي پاڻي ناهه 1991 جي شقن پٽاندر پاڪستان ۾ سمورن ڪينالن کي گڏجي سڏجي ونڊڻو هو. ناهه کان اڳ يا پوءِ تعمير ٿيل ڪنهن به ڪينال کي ڪا به مراعات حاصل ناهي.

(3) ستن ميمبرن چاڻايو آهي ته منگلا ڊيم جي بناوت جو بنياد ۽ عملي وهنوار متبادل رٿا تحت بناوت ۽ رٿابندي دستاويزن ۾ واضح ڪيو ويو آهي. پر واپڊا/ ارسا نه ئي وري معزز ميمبرن انهيءَ عملي وهنوار جي ڪا نقل فراهم ڪئي آهي. جيڪڏهن اِهي آهن ته يقيني طور تي اِهو طئي نه ڪندا هوندا ته ڪوٽ وارن عرصن دوران به ڊيم کي ڀريو ويندو.

(4) ستن ميمبرن اِهو چاڻايو آهي ته مٿانهون آبپاشي زون مڪمل طور تي جهلم ۽ چناب دريائن جي وهڪرن تي انحصار ڪري ٿو ۽ منگلا ڊيم غلط تاثر ڏئي رهيو آهي ته جهلم ۽ چناب جو پاڻي انهن ايراضين جي ضرورتن پورائو ڪرڻ کان قاصر آهي. پر جهلم ۽ چناب دريائن ۾ موجود دريائي وهڪرن جي مقدار بابت ڪي به انگ اکر نه ڏنا ويا آهن. جهلم ۽ چناب دريائن ۾ اپرندي دريائن جي حصيداريءَ جي دريائي وهڪرن جي انگن اکرن تي مٿاڇري

نظر ظاهر تي ڪري ته انهن دريائن ۾ نه رڳو پنجاب جي متاهين معاون ايراضين پر اپرندي دريائن جي ڪينالن سميت هيٺانهين معاون ايراضين جون ضرورتون پوريون ڪرڻ لاءِ پڻ جوڳو پاڻي موجود آهي.

(5) سنڌ ميمبرن جو اهو بيان درست ناهي ته متبادل ڪم جي تڪميل کان پوءِ پاڪستان جي ڪينالن کي انهن جي فراهميءَ واري ذريعي پٺاندر ٻن زونن، جهلم چناب زون (منگلا ڪمانڊ) ۽ سنڌو زون (تربيلا ڪمانڊ) ۾ ورهايو ويو. سنڌ طاس ناهه ۾ اهڙي ڪنهن زون ناهڻ جي ڳالهه نه ڪئي وئي هئي. 1991 وارو پاڻي ناهه سڄي پاڪستان جي سطح تي صوبي وار ۽ منڊ وار تفويض ۽ گڏيل مفادن واري ڪائونسل طرفان منظوري ڏنل 10 روزانو ڪينال وار فراهمي ڪري ٿو. پاڻي ناهه ۾ اِهو ڪٿي به ڄاڻايو نه ويو آهي ته پاڪستان جي ڪينالن کي ٻن زونن ۾ ورهايو ويو آهي. ان ڪري ٽن اولهندي دريائن ۾ موجود سمورو پاڻي، بشمول اپرندي دريائن کان اينڊڙ ڪو به پاڻي ڪوٽ ۽ اضافي بڻهي صورتن ۾ پاڻي ناهه ۾ تفويض هي موجب سمورن صوبن ۾ ورهائجڻو آهي.

(6) سنڌو جهلم چناب درياءَ موجود ڪينال سرشتي جي اڏاوت سبب اڳيئي مڪمل طور ڳنڍيل ته ڇا ضرورت کان وڌيڪ ڳنڍيل آهن. اِهو ڪينال سرشتو سمورن دريائن ۾ موجود پاڻيءَ جي خاص طور تي ڪوٽ وارن عرصن دوران مناسب ورهاست جي سهولت ٿو فراهم ڪري. سنڌو کان معاون ايراضيءَ (چشما جهلم ۽ ٽي پي لنڪ ڪينال) تائين موجود لنڪ ڪينالن جي منتقلي واري گنجائش سنڌ طاس ترقياتي فنڊ ناهه جي شقن تحت ۽ انهيءَ بد ترين صورتحال جي پيش نظر ته سنڌو ۾ سمورو پاڻي آهي جڏهن ته معاون

ندين ۾ پاڻي بلڪل ناهي، ته پڌل آهي. انهن حالتن ۾ رسول کان مٿي ڪنهن به مٿانهين سنڌو لنڪ لاءِ ڪو به جواز نٿو پيدا ٿئي ڇاڪاڻ ته جهلم ۽ چناب دريائن ۾ نه رڳو مٿانهين پنجاب جي ايراضين پر پوئيڙيءَ وارين معاون ايراضين جي پورائي لاءِ پڻ ڪافي پاڻي موجود آهي. ان کان سواءِ سنڌو جي مرڪزي وهڪري ۾ معاون ايراضين کي منتقل ڪرڻ لاءِ پاڻي جو ڪو لامحدود مقدار به موجود ناهي.

(7) اهو اچرج جوڳو آهي ته مٿانهين سنڌو لنڪ وارو تصور پيش ڪندي اهو ڇو ويو آهي ته اهو سنڌ جي ڪينالن کي لاڀ رسائيندو! اها سوچ عجيب و غريب ۽ اچرج ۾ وجهندڙ آهي. اهو رڳو دماغ کي ڏونڌاڙڻ جوڳو آهي ته سنڌو جي مرڪزي پيٽ تي ڪينالن جون ضرورتون پوريون ڪرڻ لاءِ سنڌو درياءَ ۾ موجود پاڻيءَ کي ڪنهن رڪاوٽ کانسواءِ وهڻ ڏئو وڃڻ بدران ان کي رڳو رسول لنڪ ذريعي ڦيرائي هڪ وڏو فاصلو طئي ڪرائي سنڌو جي پوئيڙيءَ وارين ايراضين ڏانهن مُنتقل ڪيو وڃي. بهر صورت، انهيءَ "شاندار" تصور جاڪي به ٽيڪنيڪل تفصيل فراهم نه ڪيا ويا آهن.

3.4. منگلا آبي ذخيرن بابت ڪجھ وڌيڪ اهم پهلو

پريزنٽيشن دوران، واپڊا 68-1967 کان05-2004 وارن 38 سالن دوران منگلا ڊيم جي وڌ کان وڌ ذخيري واري سطح ۽ گهٽ کان گهٽ سطح جا تفصيل ڏنا آهن. اِها جدول (ضميمو II.9) ڏيکاري ٿي ته 38 سالن مان 27 سال منگلا ڊيم ۾ ذخيرو ڪيل پاڻي ربيع واري مُند دوران مڪمل طور تي استعمال ٿي نه سگهيو. اڻ استعمال ٿيل باقي پاڻي 31 مارچ تي ٻن موقعن تي 2 ملين ايڪڙ فوٽ کان وڌيڪ جڏهن ته 15 ٻين موقعن تي 1 ملين ايڪڙ فوٽ کان وڌيڪ هو. اِهو منگلا ڊيم جو وهنوار هنگامي انداز ۾ هلائڻ کي ظاهر ٿو ڪري.

پريزنٽيشنن ۾ واپڊا/ارسا منگلا آبي ذخيري جي اسپل ويز جي وهنوار جا پڙ انگ اکر پيش ڪيا. واپڊا/ ارسا کان اِهي انگ اکر حاصل ڪرڻ جو مقصد آبي ذخيري جي وڌ کان وڌ سطح تائين ذخيرو ڪرڻ کان پوءِ پاڻيءَ جي ڇلڪيل مقدار بابت ڄاڻڻ هو. واپڊا/ ارسا طرفان ڏنل انگ اکر ڪا واضح راءِ نٿا ڏين ته آبي ذخيري جي پرجڻ کان پوءِ آگسٽ/سيپٽمبر مهينن ۾ ڪيترو پاڻي ڇلڪيو. بهرحال، سنڌ جي ميمبر سردار احمد مغل 20 ڊسمبر 2004 تي ڪوٽايل ٽيڪنيڪل ڪميٽيءَ جي گڏجاڻي ۾ سال 1968 کان 1992 (25 سال) تائين منگلا آبي ذخيري جي وهنوار بابت هڪ جدول پيش ڪئي جنهن جو نقل ضميمي II.10 ۾ ڏنل آهي. اِها جدول ظاهر تي ڪري ته جيتوڻيڪ اپريل کان جون (ايستائين جو مارچ ۾ به) دوران ڪوٽ وارن عرصن ۾ منگلا ڊيم ۾ پاڻي ذخيرو ڪيو ويو پر ساڳين سالن جي جولاءِ ۽ آگسٽ دوران پاڻي ضايع ڪيو ويو جڏهن ته اِهو ذخيرو ڪرڻ گهربو هو. 1968 کان 1992 تائين وارن 25 سالن دوران، ويهن سالن ۾ جولاءِ آگسٽ دوران 1 ملين ايڪڙ فوٽ کان وڌيڪ پاڻي ضايع ٿيو. اٺن سالن دوران جولاءِ ۽ آگسٽ ۾ 5 ملين ايڪڙ فوٽ کان وڌيڪ پاڻي ضايع ٿيو. اِهو اچرج جوڳو آهي ته ڪوٽ واري عرصي دوران پاڻي ذخيرو ڪيو ويو جڏهن ته اضافي هيٺڙ جي عرصي دوران ڇلڪايو ويو. اِها آبي ذخيري جي وهنوار جي بنيادي اصولن جي نفي آهي. سردار احمد مغل طرفان ورهايل انهيءَ جدول تي واپڊا، ارسا يا ڪنهن به ڪميٽيءَ ميمبر ڪاراءِ نه ڏني آهي.

3.5 منگلا آبي ذخيري جي عملي وهنوار لاءِ سونهان اصول

جهڙي ريت مٿين پيرائن ۾ بحث ڪيو ويو آهي، واپڊا يا ارسا طرفان اڃا تائين منگلا آبي ذخيري جو ڪو جوڳو عملي پئمانو طئي نه ڪيو ويو آهي، جيتوڻيڪ ان جي اڏاوت کي 38 سال لنگهي چڪا آهن ۽ آبي ذخيري جو وهنوار هنگامي انداز ۾ هلايو تو وڃي اها افسوس

جي ڳالهه آهي ته هن مرحلي تي به، واپڊا ۽ ارسا ٻئي اهڙو ڪو پئمانو تيار ڪرڻ کان ڪن ٽار ڪري رهيا آهن، جيتوڻيڪ هيءَ مخصوص مول متو ٽيڪنيڪل ڪميٽيءَ کي جائزي لاءِ پيش ڪيو ويو آهي. ڪميٽيءَ جي ستن ميمبرن پڻ منگلا آبي ذخيري کي ڀرڻ جي پئماني بابت ڪارڊ نه ڏني آهي. ڪميٽي چيئرمين ان کي انتهائي اهم تو ليکي ته منگلا آبي ذخيري جي ڀرڻ لاءِ واضح ۽ تز پئمانو جوڙيو وڃي چاڪاڻ ته هن آبي ذخيري جو مناسب وهنوار نون آبي ذخيرن جي اڏاوت تي هيٺانهين وارن صوبن جي خدشن کي دور ڪرڻ ۾ مدد ڏئي سگهن ٿا. ان ڪري ڪميٽي چيئرمين منگلا آبي ذخيري جي ڀرڻ لاءِ هيٺيان سونهان اصول رٿي ٿو:

1. ڪنهن آبي ذخيري جي وهنوار جو بنيادي اصول اهو آهي ته اِهو پاڻي جمع ڪندڙ هڪ بينڪ آهي جيڪو اضافي هئڻ مهل پاڻي ذخيرو ڪري ايندڙ ڪوٽ وارن عرصن دوران استعمال هيٺ ٿو آڻي. پاڻي ٺاهه موجب چئني صوبن جي حصي جي پورائي ۽ گڏيل مفادن واري ڪائونسل طرفان منظور ڪيل ڏهه روزانو بيانن واري شرط جي مڪمل پورائي تائين منگلا آبي ذخيري ۾ پاڻي ذخيرو نه ڪيو وڃي.
2. ڪوٽ واري عرصي ۾ جيڪڏهن منگلا آبي ذخيري ۾ پاڻي ذخيرو ڪرڻ اٽڪر ۽ مهلائتو ليکجي ته سمورن صوبن جي يڪرائپ واري رضامنديءَ سان ڪينالن جي حصي کي پاڻي ٺاهه تحت حصي جي 80 سيڪڙو کان نه گهٽايو ويندو.
3. منگلا سنڌ طاس ٺاهه تحت هڪ متبادل طور تعمير ڪيو ويو هو پر ٺاهه اپرندي دريائن جي پاڻيءَ تي انحصار ڪندڙ موجود آبپاشي استعمالن جي پورائي لاءِ اولهندي دريائن جي پاڻيءَ جي منتقليءَ لاءِ ٿي متبادل اڏڻ جو تصور ڏنو هو. ان ڪري منگلا يا ڪو ٻيو متبادل ڪنهن مخصوص ايراضي يا علائقي لاءِ ٿي ناهن. متبادلن جي اڏاوت کان پوءِ، اولهندي دريائن ۾

موجود پاڻي 1991 واري پاڻي ٺاهه تحت سمورن ڪينالن ۾ متناسب ريٽ ورهائجڻو آهي.

4. جيڪڏهن منگلا ۾ جوڳو ذخيرو ڪيل پاڻي موجود آهي ته اهو اوائلي خريف (اپريل مئي) ۾ هيٺاهين وهڪري وارن صوبن کي ڏنو وڃي، جڏهن سنڌو درياءَ جا مرڪزي وهڪرا انهن جي گهٽ ۾ گهٽ ضرورت به پوري ڪرڻ کان قاصر هجن ٿا.

5. مٿيان سونهان منگلا ڊيم جي سطح وڌائڻ کان پوءِ به لاڳو رهندا.

3.6 تت ۽ سفارشون

1. منگلا آبي ذخيرو 38 سال اڳ تعمير ڪيو ويو پر هيل تائين ان جو ڪو جوڳو عملي پئمانو نه جوڙيو ويو آهي. واپڊا ۽ ارسا آبي ذخيري جو عملي پئمانو رٿڻ کان به ڪيٻائي رهيا آهن. منگلا جي وهنوارن ۽ گڏوگڏ مستقبل جي آبي ذخيرن بابت واسطيدارن جي خدشن کي ختم ڪرڻ لاءِ آبي ذخيري جو عملي پئمانو جوڙڻ ضروري آهي.

2. واپڊا جو موقف ته ڪوٽ وارن عرصن ۾، ڪينالن تي انهن جي ضرورت جي 80 سيڪڙو کان وڌيڪ (20 سيڪڙو ڪوٽ) دٻاءُ نه وڌو وڃي، مناسب ڳالهه آهي، پر ان کي عملي طور تي لاڳو نه ڪيو ويو آهي ۽ منگلا جي پرجڻ مهل ڪينالن کي 60 سيڪڙو کان وڌيڪ گهٽايو ويو آهي.

3. منگلا سنڌ طاس ٺاهه تحت هڪ متبادل طور تعمير ڪيو ويو هو پر ٺاهه اپرندي دريائن جي پاڻيءَ تي انحصار ڪندڙ موجود آبپاشي استعمالن جي پورائي لاءِ الهندي دريائن جي پاڻيءَ جي منتقليءَ لاءِ ٿي متبادل اڏڻ جو تصور ڏنو هو. ان ڪري منگلا يا ڪو بيو متبادل ڪنهن مخصوص ايراضي يا علائقي لاءِ ٿي ناهن. متبادلن جي اڏاوت کان پوءِ، اولهندي دريائن ۾ موجود

پاڻي 1991 واري پاڻي ٺاهہ تحت سمورن ڪينالن ۾ منصفاڻي ريت ورهائجڻو آهي.

4. متاثهين ۽ هيٺانهين معاون ايراضي بشمول اڳي ايرندي دريائن کان پاڻي حاصل ڪندڙن جي، جوں ضرورتون پوريون ڪرڻ ۽ سطح ۾ توسيع ڪان پوءِ بہ منگلا ۾ ذخيرو ڪرڻ واسطي خريف جي مند ۾ جهلم ۽ چناب دريائن ۾ جوڳو پاڻي موجود آهي.

5. سنڌو درياءَ تي ڪنهن اضافي لنڪ ڪينال جو ڪو بہ جوازناهي ڇاڪاڻ تہ موجوده ڪينالن کي سنڌ طاس ترقياتي فنڊ ٺاهہ تحت پنهنجي ست جو تعين ٿيل آهي. سنڌو درياءَ جي مرڪزي وهڪري ۾ معاون ايراضين ڏانهن منتقليءَ واسطي لامحدود پاڻي موجود ناهي. ان جي ابتڙ سنڌو درياءَ جي مرڪزي وهڪري تي جهلم ۽ چناب دريائن جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ دٻاءَ آهي.

6. منگلا ڊيم ۾ ڪوٽ وارن عرصن دوران پاڻي ذخيرو ڪري ان جي اضافي ٽيڙ مهل ڇلڪايو/ضايع ڪيو ويو آهي. ان ڪانسواءِ منگلا ۾ ذخيرو ڪيل پاڻي ڪيترن ئي سالن ۾ ايندڙ ربيع راري مُند ۾ مڪمل طور تي استعمال نہ ڪيو ويو آهي. اها انتهائي افسوس جوڳي ڳالهہ آهي.

7. منگلا آبي ذخيري جي عملي پٽماني لاءِ هيٺيان سونهان اصول رٿيا ٿا وڃن:

(i) ڪنهن آبي ذخيري جي وهنوار جو بنيادي اصول تہ اِهو پاڻي جمع ڪندڙ هڪ بينڪ جيان آهي جيڪو اضافي هئڻ مهل پاڻي ذخيرو ڪري ايندڙ ڪوٽ وارن عرصن دوران استعمال هيٺ ثو آڻي ڪي مقدم رکيو وڃي. پاڻي ٺاهہ ۾ ڇٽني صوبن جي تفويض حصي جي مڪمل پورائي تائين منگلا آبي ذخيري ۾ پاڻي ذخيرو نہ ڪيو وڃي.

(ii) جيڪڏهن ڪوٽ واري عرصي ۾ منگلا آبي ذخيري ۾ پاڻي ذخيرو ڪرڻ اٽڪل ٽئي مهلائنتو ليڪجي ته ڪينالن جو حصو پاڻي ٿاهه جي 80 سيڪڙو کان نه گهٽايو ويجي.

(iii) جيڪڏهن منگلا ۾ جوڳو ذخيرو ڪيل پاڻي موجود آهي ته اِهو اوائلي خريف (اپريل مئي)۾ هيٺانهن وهڪرن وارن صوبن کي فراهم ڪيو وڃي جڏهن سنڌو درياءَ جا دريائي وهڪرا انهن جي گهٽ کان گهٽ ضرورت به پوري ڪرڻ کان قاصر هوندا آهن.

(iv) مٿيان سونهان منگلا ڊيم جي سطح وڌائڻ کان پوءِ به لاڳو رهندا.

4. مول متو نمبر 5(b) "لنڪ ڪينالن ۾ مستقبل جي آبي ذخيرن جي عملي پئماني جو جائزو"

4.1 لنڪ ڪينالن ۾ مستقبل جي آبي ذخيرن جو ضابطو

هيٺانهين معاون ايراضين جي آبپاشي سرشتي کي ڳنڍڻ لاءِ سنڌو درياءَ مان ٻه لنڪ ڪينال ڪڍيا ويا آهن. اهي ڪينال هيءُ آهن:

لنڪ ڪينال	گنجائش
(1) چشما - جهلم (سي. پي)	(22000 ڪيوسڪ)
(2) تونسا - پنجند (ٽي. جي)	(12000 ڪيوسڪ)

انهن لنڪ ڪينالن جي وهنوار تي، خاص طور تي ڪوٽ وارن عرصن ۾ مختلف خدشن جو اظهار ڪيو ويو آهي، ان ڪري انهن لنڪ ڪينالن جي عملي پئماني جو جائزو وٺڻ ضروري آهي.

هن وقت پاڪستان ۾ ٻه اهم/ وڏا آبي ذخيرا منگلا ۽ تربيلا آهن جيڪي ترتيبوار 1967 ۽ 1977 کان عمل هيٺ آهن. انهن آبي ذخيرن خاص طور تي منگلا آبي ذخيري بابت مختلف خدشا ظاهر ٿيندا رهيا آهن. ٽيڪنيڪل ڪميٽيءَ انهي پهلو جو مول متو نمبر 5(a) تحت جائزو ورتو آهي.

اهو ادراڪ ڪيو ويو آهي ته اولهندي دريائن ۾ موجود هيٺ مهل اضافي پاڻي استعمال ڪرڻ واسطي وڌيڪ آبي ذخيرا تعميرا ڪرڻا پوندا. ان ڪري مستقبل جي آبي ذخيرن جو عملي پئمانو جوڙڻ ضروري ليکيو ويو ته جيئن انهن جي ضابطن کي بنيادي اصولن ۽ شفاف انداز ۾ عمل هيٺ آڻي سگهجي. ان ڪري هن مول متي کي

لنڪ ڪينالن ۽ مستقبل جي آبي ذخيرن جي عملي پئماني جي جائزي وٺڻ لاءِ شامل ڪيو ويو آهي.

4.2 ارسا ۽ واپڊا جون پريزنٽيشنون ۽ مول متو نمبر (b)5 تي غور ويچار

ارسا ۽ واپڊا طرفان مول متو نمبر (b)5 تي پريزنٽيشنون 23 نومبر 2004 تي ڪوٺايل ٽيڪنيڪل ڪميٽيءَ جي پنجين گڏجاڻيءَ ۾ ڏنيون ويون. مول متي تي غور ويچار 24 نومبر 2004 تي ڪوٺايل پنجين گڏجاڻيءَ جي ايندڙ ويهڪن ۽ ان جي تسلسل ۾ 20 کان 22 ڊسمبر 2004 تي ڪوٺايل ڪميٽيءَ جي ڇهين گڏجاڻيءَ دوران ڪيو ويو. سنڌ جي ميمبر سردار احمد مغل پنهنجي راءِ لکت ۾ ڏني جنهن تي واپڊا/ ارسا پنهنجي موٽ ڏني. هُن واپڊا ۽ ارسا جي وراڻين جي موٽ ڏني جنهن تي پڻ واپڊا - ارسا طرفان جواب ڏنو ويو.

4.3 مول متو نمبر (b)5 سان لاڳاپيل نڪتن تي واپڊا/ ارسا ۽ ستن ڪميٽي ميمبرن جو موقف ۽ چيئرمين جي راءِ

واپڊا/ ارسا جو موقف

(1) پنجاب جي حصي مان چشما جهلم ۽ تونسا پنجند ڪينالن جو وهنوار:

ارسا ڄاڻايو آهي ته اهي ڪينال پنجاب صوبي طرفان تفويض ڪيل حصي مان جي بنياد تي هلايا ٿا وڃن. واپڊا ڄاڻايو ته چشما جهلم لنڪ ڪينال کان سواءِ جيڪو ارسا طرفان لکت ۾ درخواست تي واپڊا طرفان هلايو ٿو وڃي، سمورا لنڪ ڪينال صوبا ٿا هلائين.

(2) ڪوٽ وارن عرصن ۾ چشما جهلم ۽ تونسا پنجند لنڪ ڪينالن جو وهنوار ۽ منگلا آبي ذخيرن ۾ پاڻيءَ جو ذخيرو ڪرڻ مهل انهن ڪينالن جو وهنوار:

ارسا چيو آهي ته صوبن ۾ پاڻي انهن جي حصي موجب ورهايو ٿو وڃي. چشما جهلم ۽ تونسا پنجند لنڪ ڪينالن جووهنوار انڪري

باجواز آهي ڇاڪاڻ ته صوبا پنهنجي حصي جو ٿي پاڻي ٿا ڪڻن. واپڊا
ڄاڻايو آهي ته گهٽ وهڪري وارن عرصن ۾ منگلا کي لنڪ ڪينالن
جا استعمال هڪ جوڳي حد تائين گهٽائي ڇڏيو ويندو آهي.

(3) چشما- جهلم ۽ تونسا پنجند لنڪ ڪينال سنڌ طاس ٺاهه 1960 تحت تعمير ڪيا ويا آهن:

واپڊا ۽ ارسا ڄاڻايو آهي ته چشما جهلم ۽ تونسا پنجند لنڪ ڪينال سنڌ طاس ٺاهه تحت تعمير ڪيا ويا آهن واپڊا اِهو پڻ ڄاڻايو آهي ته پاڻي ٺاهه تحت 10 روزانو حصن ۾ هڪ جيترو پاڻي ورهايو ٿو وڃي. ارسا اِهو پڻ ڄاڻايو ته اِهي لنڪ ڪينال پاڻيءَ ٺاهه تحت صوبن جي تفويض حصي موجب هلايا ٿا وڃن.

(4) چشما جهلم ۽ تونسا-پنجند لنڪ ڪينالن جا ڊزائين چوڙ:

چشما جهلم لنڪ ڪينال جو ڊزائين چوڙ 22000 ڪيوسڪ ۽ تونسا پنجند لنڪ ڪينال جو 12000 ڪيوسڪ آهي. ارسا ڄاڻايو آهي ته اهي ڊزائين چوڙ فقط قياسي آهن ۽ انهن ڪينالن جي حقيقي وهنوار جو انحصار دريائن ۾ پاڻيءَ جي حقيقي موجودگيءَ ۽ پاڻي ٺاهه تحت منصفاڻي ورهاست واري اصول تي هجي ٿو.

(5) مستقبل جي آبي ذخيرن جو عملي پئمانو:

ارسا ۽ واپڊا طرفان مستقبل جي آبي ذخيرن واسطي عملي پئماني لاءِ ڪا به تجويز/ رٿ نه ڏني وئي آهي. ارسا ڄاڻايو آهي ته مستقبل جي آبي ذخيرن جو وهنوار ارسا صلاحڪاري ڪميٽيءَ جي سفارشن جي روشنيءَ ۾ درياءَ جي آبي اِيپاس ۽ پاڻيءَ جي موجودگيءَ کي پيش نظر رکي هلايو ويندو. واپڊا ڄاڻايو آهي ته مستقبل جا آبي ذخيرا آبپاشيءَ وارين ضرورتن، بجليءَ جي پئداوار جي گهرجن ۽ ڊيمن مان لٽ ڪڍڻ کي مد نظر رکندي هلايا ويندا.

ڪميٽي جي سٽن ميمبرن جو موقف

(1) پاڻي ٺاهه 1960 جي پوئواري تحت، سنڌ طاس عيوضو رٿا تحت بين الدريائي لنڪ ڪينال متبادل طور تعمير ڪيا

ويا. اهي لنڪ ڪينال رٿيل ڊيزائين ٽيل ۽ انهن جو توازن ۽ مڪمل فراهميءَ واري گنجائش طئي ٿيل ڳالهيون هيون انهن پائيدار ۽ مددگار ڪينالن ذريعي انهن پراڻن ڪينالن ذريعي آبياري ٽينڊڙ زمينن کي پاڻي رسايو ويو جن جا آزاديءَ کان اڳ وارا هيڊ واٽر/ ريورو اٿر ذريعا پارٽي ڪنٽرول هيٺ اچي ويا، انهن جو عملي پئمانو ۽ وهڪري جو مقدار انهن جي ڊيزائين رپورٽن ۾ 10 روزانو/ماهوار عرصي ۾ متعين ڪيو ويو.

(2) پاڻي ناهه جي لاڳو ٿيڻ کان وٺي اِهي سنڌو درياءَ وارا لنڪ ڪينال ارسا طرفان طئي ڪيل پنجاب جي حصي موجب ئي هلايا ٿا وڃن. هي ڪينال پنهنجي ڊيزائين رپورٽ ۽ حقيقي وهنوار موجب، متبادل فراهمي ڪندڙ ناتي سدا وهندڙ ڪينال آهن.

(3) سنڌو درياءَ پاڻيءَ جي ناهه جي پوئواري موجب جهلم ۽ چناب دريائن بشمول منگلا آبي ذخيري استعمال جوڳي پاڻي کي متبادل فراهمين ۽ متاهن لنڪن ذريعي ايرندي درياءَ ڏانهن منتقلي طور استعمال هيٺ آندو ويو. راوي ۽ ستلج دريائن جو پاڻي پارت جي حوالي ڪيو ويو. تہ پوءِ پنجند کان نڪرندڙ پراڻن ڪينالن جو ذريعو تبديل ٿيو ۽ انهن ڪينالن کي پرڻ جو بار سنڌو درياءَ جي وهڪري ۽ ذخيرو ڪرڻ تي پيو. ترموءِ پنجند کي چناب جهلم دريائن مان فراهمي کان آجو ليکيو ويو ۽ انهن جو انحصار سنڌو درياءَ جي ہن لنڪ ڪينالن ذريعي سنڌو جي پاڻيءَ تي ٿيو.

(4) چشما جهلم، تونسا پنجند لنڪ ڪينالن جي ڊيزائين رپورٽ ڪٽ لڳائي تہ چشما جهلم لنڪ خريف ۾ 6.28 ملين ايڪڙ فوٽ ۽ ربيع ۾ 4.82 ايڪڙ فوٽ جڏهن تہ تونسا پنجند لنڪ خريف ۾ 3.84 ملين ايڪڙ فوٽ ۽ ربيع ۾ 1.09

ملين ايڪڙ فوٽ سنڌو درياءَ ۾ وهڪري/ ذخيري واري فراهمي مان ڪٽي سگهن ٿا.

(5) سنڌ جي ميمبرن وڏيڪ ڄاڻايو تہ سنڌ اُنهيءَ راءِ جو اظهار ڪيو آهي تہ چشما جهلم ۽ تونسا پنجند لنڪ ڪينال فقط چاڙهہ واري پاڻيءَ جا ڪينال هئا ۽ اهي سنڌو درياءَ ۾ اضافي پاڻي هئڻ مهل هلايا وڃن. وڏيڪ خيال ظاهر ڪيا ويا تہ اِهي بئي ڪينال منگلا آبي ذخيرن ۾ پاڻي ذخيرو ڪرڻ ۽ سنڌ جي ڪينالن ۾ پاڻيءَ جي کوٽ مهل نہ هلايا وڃن، اِها راءِ سنڌو درياءَ جي پاڻيءَ بابت ٿاهہ سان ٺهڪندڙ ناهي.

(6) ٽيڪنيڪل ڪميٽيءَ جي سنڌ جي ميمبرن مستقبل جي آبي ذخيرن جي عملي پٿماني بابت ڪا بہ راءِ نہ ڏني آهي.

ٽيڪنيڪل ڪميٽيءَ جي چيئرمين جي راءِ

(1) ارسا ۽ واپڊا مول متو نمبر (5(b تي پنهنجي پريزنٽيشنن ۾ سنڌو درياءَ جي پاڻيءَ بابت ڪو حوالو نہ ڏنو آهي. بهرحال اِهو نڪتو بعد ۾ اُٿاريو ويو. ڪميٽيءَ جي سنڌ جي ميمبرن پڻ ان نڪتي تي زور ڏنو. اِهو درست آهي تہ لنڪ ڪينال بشمول چشما جهلم ۽ تونسا پنجند لنڪ سنڌو درياءَ جي پاڻيءَ واري ٿاهہ 1960 جي پوئواريءَ ۾ تعمير ڪيا ويا. اِهو ٿاهہ ٽن ايرندي دريائن جي آبپاشي مقصدن لاءِ ڀارت جي حوالي ٿيڻ کان پوءِ پاڪستان ۾ آبپاشيءَ جي هاٺوڪين ضرورتن کي پورو ڪرڻ لاءِ ٽن اولهندي دريائن (سنڌو، جهلم ۽ چناب) مان پاڻيءَ جي منتقلي لاءِ متبادل طور تعمير ڪرڻ جو موقعو ٿو فراهم ڪري. ان ريت اِهو ٿاهہ ايرندي دريائن تي انحصار ڪندڙ ايراضي جو بار ٽن اولهندي دريائن تي ٿو وجهي. بهرحال چشما جهلم ۽ تونسا پنجند لنڪ ڪينالن جا ڊيزائن سنڌو درياءَ جي پاڻي واري ٿاهہ يا سنڌو طاس ترقياتي فنڊ ٿاهہ جو حصو ناهن. اِهي ڊيزائين

بعد ۾ تيار ڪيا ويا. اِهو ضرور نوٽ ڪرڻ گهرجي ته سنڌو درياءَ جي سرشتي وارن سمورن صوبن ۾ ڪينالن، بشمول لنڪ ڪينالن جي، پوءِ پل اِهي سنڌو درياءَ جي پاڻيءَ واري ناهه تحت ٺاهيا ويا هجن، ان ڪان اڳ يا پوءِ ۽ سمورن جا چوڙ وارا ڊيزائن ۽ پئمانا جا ڊيزائن رهيا آهن. ڪنهن به ڪينال کي ڪا به مراعات حاصل ناهي، ان ڪري سمورن موجود ڪينالن بشمول لنڪ ڪينال جي، کي پاڻي ناهه تحت پنهنجي حصي موجب اولهندي دريائن جي موجود پاڻيءَ جو منصفاڻو حصو ملڻو آهي. ان ڪري اِهو اهم آهي ته چشما جهلم ۽ تونسا پنجند لنڪ ڪينالن لاءِ هڪ حقيقت پسند ۽ شفاف عملي پئمانو هئڻ گهرجي. مول متو 5(b) تحت اِهو ذمو ٽيڪنيڪل ڪميٽيءَ کي سونپيو ويو.

(2) ارسا ۽ واپڊا ڄاڻايو آهي ته چشما جهلم ۽ تونسا پنجند ڪينال پاڻي ناهه تحت پنجاب جي حصي مان هلايا ٿا وڃن. ڪميٽيءَ جي ستن ميمبرن پڻ ساڳي ڳالهه ڪئي آهي بهرحال اِهو واضح آهي ته عملي طور تي انهيءَ اصول جي ايمانداري ۽ شفافيت سان پوئواري نٿي ڪئي وڃي.

(3) تونسا پنجند ۽ چشما جهلم لنڪ ڪينال نه سجو سال وهندڙ ڪينال آهن ۽ نه ئي چاڙهه وارا ڪينال پر اِهي ڪنهن به مرحلي تي ٽن اولهندي دريائن سنڌو، جهلم ۽ چناب ۾ پاڻيءَ جي موجودگيءَ جي صورت ۾ پنجاب جي هيٺانهين معاون ايراضين کي سنڌو درياءَ مان پاڻيءَ جي منتقلي جو اوزار/ ذريعو آهن. جيڪڏهن سنڌو درياءَ ۾ ان جي مرڪزي ڪينالن جي حصي کان وڌيڪ پاڻي آهي ۽ ساڳئي وقت جهلم چناب ۾ معاون ڪينالن جي حصي کان گهٽ پاڻي آهي ته پوءِ يقيني طور تي لنڪ نيڪالن ذريعي منتقلي سان ڪوٽ کي منهن ڏئي سگهجي ٿو.

(4) ٽيڪنيڪل ڪميٽيءَ جي ستن ميمبرن ڇاڇاڻيو آهي ته سنڌ درياءَ جي پاڻين واري ڻاهه جي پوئواري تحت منگلا ذخيري سميت جهلم ۽ چناب دريائن جو استعمال جوڳو پاڻي متبادل فراهمي تحت ڪپايو ۽ مٿانهن لنڪن ذريعي ايرندي دريائي ڪينالن ڏانهن منتقل ڪيو ويو. پر انهيءَ بيان جي پنيرائي ۾ درياءَ جي وهڪرن جي انگن اکرن مان ڪي ثبوت پيش نه ڪيا ويا آهن. درست صورتحال ڇاڻڻ لاءِ جهلم چناب سرشتي جي معاون ڪينالن جي پاڻيءَ ڻاهه جي حصي جي ڀيٽ ۾ جهلم ۽ چناب دريائن ۽ ايرندي دريائن جي سراسري وهڪرن واري حصيداري تي ٻڌل هڪ جدول هيٺ ڏجي ٿي:

جدول

جهلم چناب سرشتي جي معاون ڪينالن جي پاڻيءَ ڻاهه واري حصي جي ڀيٽ ۾ جهلم ۽ چناب دريائن ۽ ايرندي دريائن جا سراسري وهڪرا (واپڊا جي انگن اکرن تي ٻڌل)

نمبر	ذريعو	خريف		ربيع	
		1922-03 (ملين ايڪڙ فوٽ)	تربيلا کان پوءِ (ملين ايڪڙ فوٽ)	1922-03 (ملين ايڪڙ فوٽ)	تربيلا کان پوءِ (ملين ايڪڙ فوٽ)
1	2	3	4	5	6
1	جهلم درياءَ	17.99	17.99	4.81	5.07
2	چناب درياءَ	21.39	-22.22	4.38	4.77
3	ايرندي دريائن جو حصو	4.31 (تربيلا کانپوءِ)	4.31	0.63 (تربيلا کانپوءِ)	0.63
4	پاڪستان ۾ پيدا ٿيل	2.35 (تربيلا	2.35	1.18 (تربيلا	1.18

		(ڪانپوءِ)		(ڪانپوءِ)	
5	ڪُل وهڪرا	46.04	46.87	11.00	11.65
6	پاڻي ناھ تحت حصو: (1) جهلم چناب سرشتو (هيٺيون زون) بشمول اپرنڊي درياءَ جا ڪينال.	19.466	10.796		
	(2) جهلم چناب سرشتو (هيٺيون زون) بشمول اپرنڊي درياءَ جا ڪينال.	8.62	4.27		
	ڪُل (جهلم چناب) سرشتو	28.086	15.066		
7	سرشتي جا زيان	1.50	-	-	-
8	منگلا جي پرائي		-		
	(1) موجوده	4.50			
	(2) سطح وڏائڻ کان پوءِ اضافي	2.90	-		
9	جهلم - چناب سرشتي ۾ پاڻي جي ڪُل گهرج	36.986	15.066		

(5) مٿين جدول مان اِهو واضح آهي تہ جهلم چناب دريائن جا وهڪرا منگلا آبي ذخيري جي سطح وڏائڻ کان پوءِ متانهين ۽ هيٺانهين زونن ٻنهي جي معاون ايراضين (بشمول اپرنڊي دريائي ڪينالن جي) جون خريف دوران پاڻيءَ جون ضرورتون پوريون ڪرڻ لاءِ ڪافي آهن. ان ڪري خريف دوران تونسا پنجند ۽ چشما جهلم لنڪ ڪينالن ذريعي هيٺانهين معاون ايراضين کي پاڻي فراهم ڪرڻ جو ڪو جواز پيدا نٿو ٿئي. بهرحال، ربيع دوران جهلم ۽ چناب دريائن ۾ دريائي فراهمي پنجاب جي فقط متاهين معاون ايراضين لاءِ ئي ڪافي هجي ٿي، جيڪڏهن هيٺانهيون معاون ايراضيون جهلم چناب دريائن مان ربيع جو پاڻي بہ حاصل ڪنديون تہ پوءِ ڪنهن حد تائين ڪوٽ ٽينڊي جيڪا ذخيرن مان پوري ڪرڻي پوندي.

(6) چشما جهلم ۽ تونسا پنجند لنڪو ذريعي سنڌو درياءَ سان ڳنڍيل هيٺاهين پنجاب جي معاون ايراضين کي سنڌو درياءَ جي مرڪزي پيٽ تي مستقل بارطور نہ ليکيو وڃي. جيڪڏهن انهيءَ غير حقيقي قياس تي ڳنڍ ٻڌي وئي تہ پوءِ سنڌ درياءَ تي نوان آبي ذخيرا تعمير ڪرڻ واريون رٿون جوکم جو شڪار ٿي وينديون ڇاڪاڻ تہ اُن صورت ۾ سنڌو درياءَ جي مرڪزي پيٽ ۾ ذخيرو ڪرڻ لاءِ اضافي پاڻي بچندوئي ڪونہ.

(7) ٽيڪنيڪل ڪميٽيءَ جي ستن ميمبرن طرفان چشما جهلم ۽ تونسا پنجند لنڪ ڪينال جي ضرورت لاءِ ڏيکاريل پاڻيءَ جي ڪٿ تاهہ تحت تفويض حصي کان مختلف آهي. جهڙي ريت هيٺين جدول ۾ ڏيکاريو ويو آهي:

جدول

انگ اکر (ملين ايڪڙ فوٽ ۾)

لنڪ ڪينال	ست ميمبر		تاهہ ۾ تفويض	
	خريف	ربيع	خريف	ربيع
1	2	3	4	5
چشما-جهلم لنڪ سي وي سي (لوئر) تريمو	6.28	4.82 11.10	5.22	2.75 7.97
تونسا-پنجند لنڪ پنجند	3.84	1.09 4.93 16.03	3.40	1.52 4.92

=12.89

(8) جهڙي ريت مٿي پيرا (3) ۾ واضح ڪيو ويو آهي تہ تونسا پنجند ۽ چشماجهلم لنڪ ڪينال نہ سڄو سال وهندڙ ڪينال آهن ۽ نہ ئي چاڙهہ وار ڪينال آهن پر اهي ڪنهن بہ مرحلي تي ٽن اولهندي دريائن سنڌو، جهلم ۽ چناب ۾

پاڻي جي موجودگيءَ جي صورت ۾ پنجاب جي هيٺانهين معاون ايراضين کي سنڌو درياءَ جي پاڻيءَ جي فراهميءَ جو اوزار / ذريعو آهن. بهر صورت عام حالتن ۾ خريف واري مُند دوران انهن لنڪ ڪينالن ذريعي پاڻيءَ جي منتقلي گهربل نه هوندي آهي.

(9) واپڊا جي پريزنٽيشن ۾ ڏيکاريل انگن اکرن موجب تونسا- پنجند ۽ چشما جهلم لنڪ ڪينال اپريل کان مئي وارن ڪوٽ جي عرصن ۾ هلايا ويا جڏهن ته ساڳئي وقت منگلا آبي ذخيري ۾ پاڻي ذخيرو ڪيو ويو (ضميمو II.1) ظاهر ٿو ڪري ته معاون ايراضين ۾ ڪوٽ ۾ نه هئي. ارسا، واپڊا يا ستن ميمبرن طرفان ان نوعيت جي ضابطي جو ڪو به سبب نه ٻڌايو آهي. اِها هنگامي نوعيت جي ڪرت انتهائي افسوس جوڳي آهي.

4.4 لنڪ ڪينالن ۽ مستقبل جي آبي ذخيرن جي عملي پئماني واسطي سونهان

نه واپڊا ۽ نه ئي وري ارسا لنڪ ڪينالن ۽ مستقبل جي آبي ذخيرن جي عملي پئماني لاءِ ڪارٽ ڏني آهي. ڪميٽيءَ جي ستن ميمبرن ته پنهنجي مئي 2005 واري رپورٽ ۾ ان ڏس ۾ ڪو اشارو ئي نه ڏنو آهي.پر اِهو ضروري آهي ته لنڪ ڪينالن ۽ مستقبل جي آبي ذخيرن لاءِ واضح ۽ تُز عملي پئمانو جوڙيو وڃي جهڙي ريت مول متي ۾ سامهون آندو ويو آهي.

A_ لنڪ ڪينالن (چشما جهلم ۽ تونسا پنجند لنڪ جي وهنوار واسطي سونهان اصول

1. گڏيل مفادن واري ڪائونسل جي منظوري ماٿيل 10 روزانو بيانن پٽاندڙ سنڌو درياءَ تي ڪينالن جي پاڻي ناهه موجب

حصي جي پورائي تائين ڪٽهن به 10 روزائي ميعاد ۾ چشما جهلم ۽ تونسا پنجند لنڪ ڪينالن ذريعي هيٺانهين معاون ايراضين کي سنڌو درياءَ جي مرڪزي پيٽ مان ڪو به پاڻي منتقل نه ڪيو ويجي.

2. عام حالتن ۾ خريف واري مُند دوران چشما جهلم ۽ تونسا پنجند لنڪ ڪينال ذريعي سنڌو درياءَ کان هيٺانهن معاون ڪينال ڏانهن پاڻيءَ جي منتقلي جي ضرورت نٿي هجي ڇاڪاڻ ته ان مُند دوران جهلم ۽ چناب دريائن ۾ عام طور تي جوڳو پاڻي موجود هجي ٿو. بهر صورت، جهلم ۽ چناب دريائن (بشمول منگلا آبي ذخيرو) ۾ جوڳو پاڻي ميسر نه هئڻ جي صورت ۾، گڏيل مفادن واري ڪائونسل طرفان منظور ڪيل 10 روزائي بيانن تحت، هيٺانهين معاون ڪينالن جي پاڻي ناهه تحت حصي جي پورائي کان پوءِ چشما جهلم/ تونسا پنجند لنڪ ڪينالن ذريعي سنڌو درياءَ جي مرڪزي پيٽ کان پاڻي هيٺانهن معاون ڪينالن ڏانهن منتقل ڪري سگهجي ٿو.

3. منگلا آبي ذخيري ۾ پاڻي ذخيرو ڪرڻ دوران چشما جهلم ۽ تونسا پنجند لنڪ ڪينال ذريعي هيٺانهن معاون ڪينالن ڏانهن سنڌو درياءَ جي مرڪزي پيٽ جو پاڻي منتقل نه ڪيو ويجي.

4. چشما جهلم ۽ تونسا پنجند لنڪ ڪينال بين الصوبائي ڪينال آهن ۽ ان ريت ئي هلايا وڃن نه ڪي هڪ صوبي جي فرمائش جي بنياد تي.

B. مستقبل جي آبي ذخيرن جي وهنوار لاءِ سونهان اصول

1. مستقبل جي آبي ذخيرن ۾ گڏيل مفادن واري ڪائونسل طرفان منظوري ورتل پاڻي ناهه تحت سنڌن 10 روزائي واري تلويض جي بنياد تي صوبن جي ضرورتن جي پورائي ۽

سمنڊ ڏانهن ڇوڙ جي ضرورت (10 ملين ايڪڙ فوٽ) يا ماهرن/ بين الاقوامي ماهرن طرفان ٽينڊڙ اڀياسن جي روشنيءَ ۾ وفاقي حڪومت طرفان نظر ثاني ڪيل مقدار جي پورائي ڪان پوءِ ئي ڪيو ويجي.

2. مستقبل جي آبي ذخيرن ۾ پاڻي ڀرڻ وارو عمل عام طور تي تربيلا آبي ذخيري جي 1550 فوٽ واري وڌ کان وڌ حد حاصل ڪرڻ کان پوءِ ئي شروع ٿيندو. بهرحال ڪنهن مخصوص وقت تي غير معمولي حالتن ۾ جڏهن تربيلا آبي ذخيري ۾ سولائي سان ذخيرو ڪرڻ کان وڌيڪ پاڻي ميسر هجي ته اضافي مقدار کي ڪنهن نئين آبي ذخيري ۾ ذخيرو ڪري سگهجي ٿو.

3. آبي ذخيرن کي ڀرڻ وارو عمل جون جولاءِ مهينن دوران لٽ جي نيڪال وارين ضرورتن کي مدنظر رکي ڪيوويندو.

4. مستقبل جي آبي ذخيرن ۾ ذخيرو ڪيل پاڻي ڇڏڻ لاءِ هيٺين ترجيحن کي آڏو رکيو ويندو:

(i) ذخيرو ڪيل پاڻي سڀ کان پهرين گڏيل مفادن واري ڪائونسل طرفان منظور ڪيل ڪينال وار صوبائي حصي تي ٻڌل 10 روزانو واري پاڻي ٺاهه جي تفويض حصي جي پورائي لاءِ استعمال ڪيو ويندو.

(ii) باقي پاڻي صوبن ۾ ٺاهه جي پيرا نمبر 4 ۾ واضح ڪيل شرح پنجاب، سنڌ، پختونخواهه ۽ بلوچستان لاءِ ترتيبوار37، 37، 14 ۽ 12 تحت ورهايو ويندو.

5. مستقبل جي آبي ذخيرن مان پاڻي انهن جي مڪمل گنجائش ۽ پٺاندڙن پر متوقع ساليانې موجودگي جي بنياد تي ورهايو ويندو. جنهن دوران اِهو مد نظر رکيو ويندو ته ٿي سگهي ٿو ته آبي ذخيرا مٿان هر سال پرجي نه سگهجن ۽ اِهي هڪ ٻئي پويان اينڊڙ ڪيترن ئي سالن تائين پرجڻ کان

وانجهيل پڻ رهي سگهن ٿا.

6. مٿيان سونهان اصول سنڌو درياءَ جي سرشتي ۽ ان جي معاونن تي سمورن آبي ذخيرن، سواءِ شهري علائقن کي پاڻي واري فراهمي جهڙن غير زرعي مقصدن واسطي ٺهندڙ ننڍن آبي ذخيرن جي، لاڳو ٿيندا.

4.5 تت ۽ سفارشون

1. ارسا چاتايو آهي تہ چشما جهلم ۽ تونسا پنجند لنڪس جا طئي ڪيل چوڙ فقط قياسي آهن ۽ انهن ڪينالن جو اصل وهنوار دريائن ۾ پاڻيءَ جي حقيقي موجودگي ۽ هر 10 روزانو عرصي ۾ پاڻي ناهہ تفويض موجب پاڻيءَ جي مساوي ورهاست واري اصول تي دارومدار رکي ٿو. بهرصورت عملي طور تي انهيءَ اصول جي پوئواري نٿي ڪئي وڃي.

2. اِهو چاتايو ويو آهي تہ چشما-جهلم ۽ تونسا پنجند لنڪ ڪينال سنڌو درياءَ جي پاڻيءَ واري ناهہ تحت متبادل ڏانچن طور تعمير ڪيا ويا آهن ۽ انهن جا ڪي طئي ٿيل چوڙ آهن. بهر صورت سنڌو درياءَ واري سرشتي جي هر هڪ ڪينال جا پنهنجا طئي ٿيل چوڙ آهن. ناهہ تحت راوي ۽ ستلج دريائن تي جن جون فراهميون بند ٿي ويون، قائم ڪينالن کي نوان وسيلا فراهم ڪيا ويا پر انهن ڪينالن کي پاڻي ناهہ جي شقن تحت اولهندي دريائن ۾ موجود پاڻيءَ جي منصفاڻي ورڇ ۾ حصيداري ملڻي آهي. ڪنهن بہ ڪينال، پوءِ پل اِهو ناهہ کان اڳ تعمير ٿيل هجي يا ان کان پوءِ، کي ڪا مراعتي حيثيت حاصل ناهي.

3. اِهو درست ناهي تہ جهلم ۽ چناب دريائن جو پاڻي مٿاهين معاون ايراضين جي ڪينالن ۾ ڪپايو ويو آهي. خريف دوران، جهلم ۽ چناب دريائن ۾ نہ رڳو مٿاهين معاون

ايراضين لاءِ پر هيٺاهين معاون ايراضين ۽ سطح وڏائڻ ڪان پوءِ به منگلا آبي ذخيري لاءِ جوگهو پاڻي موجود هوندو آهي. ان ڪري معمول وارين حالتن ۾ خريف دوران چشما-جهلم ۽ تونسا-پنجند لنڪ ڪينال هلائڻ جو ڪو جواز نٿو رهي.

4. چشما-جهلم ۽ تونسا پنجند لنڪ ذريعي سنڌو درياءَ سان ڳنڍيل پنجاب جي هيٺانهين معاون ايراضين کي سنڌو درياءَ جي مرڪزي وهڪري تي مستقل بار ليکي نٿو سگهجي. جيڪڏهن انهيءَ غير حقيقي قياس تي ڳڻپ ڏني وڃي ته پوءِ سنڌو درياءَ تي نوان آبي ذخيرا ناهڻ وارين رٿون ڏڪيڙ جو شڪار بڻبيون چاڪاڻ ته ان صورت ۾ سنڌو درياءَ جي مرڪزي وهڪري ۾ ذخيرو ڪرڻ لاءِ اضافي پاڻي هوندوئي نه.

5. چشما-جهلم ۽ تونسا-پنجند بين الصوبائي ڪينال آهن ۽ انهن کي ان ريت ئي هلايو وڃي. ارسا انهن کي هڪ صوبي جي فرمائش/گهرج پٽاندرنه هلائي پر انهن ڪينالن کي سڄي پاڪستان جي بنياد تي، پاڻي ناهه تحت پاڻيءَ جي منصفاڻي ورهاست تحت هلايو وڃي.

6. واپڊا ۽ ارسا لنڪ ڪينالن جي وهنوار واسطي ڪو به مسودو نه رٿيو آهي، نه ئي انهن اهڙو ڪو مسودو مستقبل جي آبي ذخيرن لاءِ رٿيو آهي. هن ڪميٽيءَ کي زير نظر مول متي تحت انهن پئمانن جي جاچ جي ذميواري سونپي وئي. ان ڪري لنڪ ڪينالن ۽ آبي ذخيرن جي وهنوار واسطي سونهان اصول جوڙيا وڃن. هيٺيان سونهان اصول رٿيا ٿا وڃن:

A_ لنڪ ڪينالن (چشما_جهلم ۽ تونسا_پنجند لنڪ) جي وهنوار لاءِ سونهان اصول

1. گڏيل مفادن واري ڪائونسل جي منظوري ماٽيل 10 روزانو بيانن موجب سنڌو درياءَ تي ڪينالن جي پاڻي

ڏاهه موجب حصي جي پورائي ٿائين ڪنهن بہ 10-روزاني ميعاد ۾ چشما جهلم ۽ يا تونسا- پنجند لنڪ ڪينال ذريعي هيٺانهين معاون ايراضين کي سنڌو درياءَ جي مرڪزي پيٽ مان ڪو بہ پاڻي فراهم نہ ڪيو ويجي.

II. عام حالتن ۾ خريف واري مُند دوران چشما-جهلم ۽ تونسا-پنجند لنڪ ڪينالن ذريعي سنڌو درياءَ کان هيٺانهن معاون ڪينالن کي پاڻيءَ جي فراهمي جي ضرورت نہ هوندي ڇاڪاڻ تہ ان مُند ۾ جهلم ۽ چناب دريائن ۾ عام طور تي جوڳو پاڻي موجود هجي ٿو بهر صورت، جهلم چناب دريائن (بشمول منگلا آبي ذخيرو ۾ جوڳو پاڻي ميسر نہ هئڻ جي صورت ۾ گڏيل مفادن واري ڪائونسل طرفان منظور ڪيل 10 روزاني بيانن تحت، هيٺانهن معاون ڪينالن جي پاڻي ڏاهه تحت حصي جي پورائي کان پوءِ چشما-جهلم ۽ تونسا-پنجند لنڪ ڪينالن ذريعي سنڌو درياءَ جي مرڪزي پيٽ کان پاڻي هيٺانهن معاون ڪينالن ڏانهن منتقل ڪري سگهجي ٿو.

III. منگلا آبي ذخيري ۾ پاڻي ذخيرو ڪرڻ دوران چشما-جهلم ۽ تونسا-پنجند لنڪ ڪينالن ذريعي سنڌو درياءَ جي مرڪزي وهڪري کان هيٺانهن معاون ڪينالن ڏانهن پاڻي منتقل نہ ڪيو وڃي.

IV. چشما- جهلم ۽ تونسا-پنجند لنڪ ڪينال بين الصوبائي ڪينال آهن ۽ انهن کي انهيءَ طور ئي هلايو وڃي نہ ڪي فقط هڪ صوبي جي خواهش تحت.

B. مستقبل جي آبي ذخيرن جي وهنوار لاءِ سونهان اصول

I. مستقبل جي آبي ذخيرن ۾ گڏيل مفادن واري ڪائونسل طرفان منظور ڪيل پاڻي ٺاهه تحت 10 روزاني واري تفويض جي بنياد تي صوبن جي حصي ۽ سمنڊ ڏانهن ڇوڙ (10 ملين ايڪڙ فوٽ) واري ضرورت يا صلاحڪارن/بين الاقوامي ماهرن جي پينل طرفان ڪيل اڀياس جي نتيجن جي آڌار تي ٿيندڙ وفاقي حڪومت جي طئي ڪيل نظر ثاني مقدار جي پورائي ڪان پوءِ ئي پاڻي ذخيرو ڪيو ويندو.

II. سنڌو درياءَ تي مستقبل جي آبي ذخيرن کي ڀرڻ وارو عمومي عمل تربيلا آبي ذخيري جي 1550 فوٽ واري وڌ کان وڌ سطح حاصل ڪرڻ کان پوءِ ئي شروع ڪيو ويندو. بهرصورت غير معمولي حالتن ۾ جڏهن ڪنهن مخصوص مرحلي تي وڌيڪ پاڻي ميسر هجي ته تربيلا آبي ذخيري ۾ پاڻي ذخيرو ڪري سگهجي ٿو. جڏهن ته اضافي مقدار نئين آبي ذخيري ۾ ذخيرو ڪري سگهجي ٿو.

III. آبي ذخيرن جو وهنوار جون جولاءِ واري عرصي دوران ڊيم مان لٽ نيڪال ڪرڻ جي ضرورتن کي مناسب ريت مدنظر رکي ڪيو ويندو.

IV. مستقبل جي آبي ذخيرن ۾ ذخيرو ڪيل پاڻي ڇڏڻ لاءِ هيٺين ترجيحن کي مدنظر رکيو ويندو:

V. ذخيرو ڪيل پاڻي سڀ کان پهرين گڏيل مفادن واري ڪائونسل جي منظور ڪيل ڪينال وار صوبائي حصي تي ٻڌل 10 روزائو واري پاڻي ٺاهه جي تفويض حصي جي پورائي لاءِ استعمال ڪيو ويندو.

VI. ٻاڇي پاڻي صوبن ۾ ٺاهه جي پيرا نمبر 4 ۾ واضح ڪيل شرح تحت پنجاب، سنڌ، پختو نخواهه ۽ بلوچستان ۾

ترتيبوار 14،37،37 ۽ 12 جي حساب سان ورهايو
ويندو.

VII. مستقبل جي آبي ذخيرن مان پاڻي انهن جي مڪمل گنجائش پٽاندر نہ پرمتوقع ساليانِي موجودگي جي بنياد تي ورهايو ويندو، جنهن دوران اِهو مدنظر رکيو ويندو تہ ٿي سگهي ٿو تہ آبي ذخيرا هر سال نہ ڀرجي سگهن ۽ اهي لاڳيتو ڪيترن ئي سالن تائين ڀرجي نہ سگهن.

VIII. مٿيان سونهان اصول سنڌو درياءَ جي سرشتي ۽ ان جي معاون وجودن ڪي سمورن آبي ذخيرن، سواءِ شهري علائقن جي پاڻي واري فراهميءَ جهڙن غير زرعي مقصدن واسطي ٺهندڙنندن آبي ذخيرن تي لاڳو ٿيندا.

مول متو نمبر 2

”مستقبل جي گهرجن واسطي ڊيم/آبي ذخيرا تعمير ڪرڻ جي ضرورت جي ڪٽ ڪرڻ ۽ تربيلا ۽ منگلا ڊيمن جي لٽجڻ سبب پاڻيءَ جي کوٽ کي منهن ڏيڻ ۽ مستقبل جي آبي ذخيرن جي ترتيب رٿڻ.“

5.1 ڊيم/آبي ذخيرا تعمير ڪرڻ جي ضرورت

ملڪ جي وڌندڙ آبادي جي خوراڪ ۽ توانائي وارين گهرجن جي پورائي لاءِ دريائن جو پاڇي پاڻي ذخيرو ڪرڻ ۽ سنڀالڻ پر آڻڻ واسطي آبي ذخيرن جي ضرورت آهي. آبي ذخيرا هائيڊرو پاور (پاڻيءَ مان بجلي پيدا ڪرڻ) جي پئداواري ست هئڻ سبب پڻ گهربل آهن.

آبي ذخيرن جي اڏاوت پاڻيءَ جي موجودگيءَ جي ست/گنجائش تي انحصار ڪري ٿي. اِها پاڻيءَ جي موجودگيءَ جي انداز/وهنوار تي پڻ انحصار رکي ٿي. اِهي انداز/وهنوار هن رپورٽ جي مول متو نمبر (a)4 ۾ جانچيا ۽ بحث هيٺ آندا ويا آهن. مستقبل جي آبي ذخيرن واسطي رٿابندي ڪندي انهن ڳالهين ۽ ماهرن کي پيش نظر رکڻ دانشمندي ليکبي.

هن وقت اسان وٽ پاڪستان ۾ ٻه وڏا آبي ذخيرا منگلا ۽ تربيلا آهن. لٽ سبب انهن جي ذخيرو ڪرڻ واري گنجائش ۾ گهٽتائي اچي رهي آهي. اِها خاطري ڪرڻ اهم آهي ته مستقبل جي آبي ذخيرن ۾ لٽ وارو عمل ممڪن حد تائين گهٽايو وڃي ۽ آبي ذخيرن جي بناوت ۾ لٽ نيڪال ڪرڻ جا جوڳا انتظام رکيا وڃن.

منگلا آبي ذخيري جي وهنوار بابت ڪي خدشا ظاهر ڪيا ويا

آهن. ان ڪري منگلا ڊيم جي وهنوار جو جائزو وٺڻ ضروري آهي ۽ گڏوگڏ مستقبل جي آبي ذخيرن جو عملي پئمانو رٿڻ پڻ ضروري آهي. اِهو هن رپورٽ جي مول متو نمبر 5(a) ۽ 5(b) تحت ڪيو ويو آهي.

مستقبل جي آبي ذخيرن/ڊيمن جي ترتيب اضافي پاڻي ميسر هئڻ جي صورت ۾ ان کي وڏ کان وڏ ذخيرو ڪرڻ جهڙن اهم عنصرن تحت جوڙي وڃي. ان جو انحصار گهٽ کان گهٽ خرچ تي وڏ کان وڏ لاڀ پرائڻ تي پڻ هوندو.

5.2 واپڊا طرفان مول متو نمبر 2 تي پريز نٽيشن ۽ رٿابندي ۽ ترقيات واري ڊويزن طرفان وراڻي

واپڊا 11 جنوري 2005 تي ڪوٺايل ٽيڪنيڪل ڪميٽيءَ جي ستين گڏجاڻيءَ ۾ مول متو نمبر 2 تي پنهنجي پريز نٽيشن ڏني. مول متي تي غور ويچار ستين گڏجاڻيءَ جي ايندڙ ويهڪ ۽ ڪميٽيءَ جي اٺين گڏجاڻيءَ ۾ ڪيو ويو.

سنڌ جي ميمبر سردار احمد مغل واپڊا جي پريزنٽيشن تي پنهنجي راءِ ڏني جنهن تي واپڊا پنهنجي وراڻي ڏني.

پنجاب جي ميمبر چوڌري مظهر علي ياشا ۽ ڪالاباغ ڊيمن ۽ انهن جي ترجيحن بابت اڳواٽ پنهنجو هڪ نوٽ جمع ڪرايو هو. ڪميٽيءَ ان نوٽ کي پڻ ويچار هيٺ آندو. ان کان سواءِ پنجاب جي ميمبر ايم ايچ صديقيءَ پڻ هڪ نوٽ اُماڻيو هو جيڪو پڻ ڪميٽيءَ ويچار هيٺ آندو.

رٿابندي ۽ ترقيات واري ڊويزن مول متو نمبر 2 سان لاڳاپيل نڪتن تي پنهنجي وراڻيءَ سان گڏ تاريخ 6 جنوري 2005 وارو پنهنجو نوٽ داخل ڪرايو. رٿابندي ۽ ترقيات واري ڊويزن مستقبل جي ذخيرن سميت پاڻي واري شعبي لاءِ مالياتي تفويض بابت تفصيل پڻ 10 جنوري 2005 تي جمع ڪرايا.

5.3 مول متو نمبر 2 بابت پريزنٽيشينن ۽ غورويچار مان آئندڙ نڪتن تي واپڊا، ڪميٽيءَ جي ستن ميمبرن جا موقف ۽ ڪميٽي چيئرمين جي راءِ

آبي ذخيرن جي ضرورت

واپڊا جو موقف

(1) تيزيءَ سان وڌندڙ آباديءَ لاءِ خوراڪ ۽ توانائي وارين ضرورتون پوريون ڪرڻ لاءِ آبي ذخيرن جي ضرورت آهي. موجود آبي ذخيرن جي تيزيءَ سان ٿيندڙ ابتريءَ کي منهن ڏيڻ ۽ سمنڊ ڏانهن چاڙهه وارن وهڪرن جي ڪنٽرول کان ٻاهر وڌن مقدارن کي جهٽڻ واسطي پڻ انهن جي ضرورت آهي. وڌيڪ اِهو به ته مستقبل جي آبي ذخيرن کي اثرائتو ۽ مڪمل طور تي ضابطي هيٺ رکڻ ۽ پاڻي/توانائي وارن لاڳين کي وڌ کان وڌ حد تائين وڌائڻ جي پڻ ضرورت آهي.

(2) آبي ذخيري مان پاڻيءَ جي جوڳي فراهميءَ کان سواءِ ڪنهن به فصل جي مڪمل اُپت حاصل نٿي ڪري سگهجي.

ٽيڪنيڪل ڪميٽيءَ جي ستن ميمبرن جو موقف

پنهنجي مئي 2005 واري رپورٽ ۾، ٽيڪنيڪل ڪميٽيءَ جي ستن ميمبرن مستقبل جي آبي ذخيرن لاءِ ضرورت جي ڏس ۾ واپڊا جي موقف جي پنيرائي ڪئي آهي. ستن ميمبرن اِهو پڻ ڄاڻايو آهي ته ذخيري وارا دريائي ڊيم پاڻي محفوظ ڪندڙ ڍانچا آهن ۽ اِهي پاڻي استعمال نٿا ڪن. هُنن وڌيڪ ڄاڻايو آهي ته پاڪستان ۾ موجود ذخيري جي گنجائش ساليانې دريائي وهڪرن جي 10 سيڪڙو کان گهٽ آهي جڏهن ته عالمي سطح تي اِها شرح 40 سيڪڙو آهي. هُنن وڌيڪ ڄاڻايو ته مصر ۾ نيل درياءَ تي اسوان ڊيم جي گنجائش نيل درياءَ جي ساليانې وهڪرن جي هيٺ کان به وڌيڪ آهي جيڪو عمل سو ڪهڙي وارن سالن ۾ اِهو مصر کي وڏي ڀٽ ٿئي ٿو.

ٽيڪنيڪل ڪميٽيءَ جي چيئرمين جي راءِ

(1) ان ۾ ڪوشڪ ناهي تہ خوراڪ ۽ پارڻ جي وڌندڙ ضرورتن جي پورائي ۽ گڏوگڏ هائيڊرو پاور جي پئداوار واسطي آبي ذخيرن جي اڏاوت ضروري آهي. بهر حال، پاڪستان ۾ مستقبل جي آبي ذخيرن جي اڏاوت اولهندي دريائن ۾ پاڻي جي امڪاني موجودگيءَ کي مد نظر رکي ڪرڻ گهرجي. انهن لاءِ سونهان اصول اهڙا هجن جو جڏهن بہ پاڇي پاڻي ميسر هجي ان جو هر هڪ ڦڙو محفوظ ڪيو وڃي. اِهو 22 نومبر 2004 تي ڪوٽايل ٽيڪنيڪل ڪميٽيءَ جي پنجين گڏجاڻيءَ ۾ ريڪرائيپ سان طئي ڪيو ويو.

(2) آبي ذخيرن کي لٽ وارن اثرن جي تلافي ڪرڻ جي ضرورت آهي. لٽ جي نيڪال ۾ ترجت گهٽائڻ وارن اُپائن واري هڪ اهل وهنوار جي ضرورت آهي. هن پهلو تي ايندڙ پيرا گرافن ۾ وڌيڪ بحث ڪيو ويندو.

(3) اِهو درست آهي تہ آبي ذخيرا پاڻي محفوظ ڪرڻ وارا ڍانچا آهن ۽ اِهي پاڻي استعمال نٿا ڪن. بهر صورت، اِهي اضافي پاڻي اوڏي مهل محفوظ تا ڪن جڏهن اِهو موجود هوندو آهي. ان ڪري ذخيري واسطي اضافي پاڻيءَ جي موجودگيءَ جي ڪٿ لڳائڻ ضروري ٿيندو. اِهو پهلو مول متو نمبر 4(a) ۾ ويچار هيٺ آندل آهي. ڪميٽيءَ جي سٽن ميمبرن ڪنهن هڪ بہ درياءَ جي طاس اپياس جا تفصيل ڏيڻ کان سواءِ دريائي وهڪرن جي 40 سيڪڙو جي ذخيري واري گنجائش ڪرڻ جي عالمي لاڙي جي ڳالهہ ڪئي آهي. ذخيرو ڪرڻ واري گنجائش هر دريائي طاس ۾ ڌار ڌار ٿئي ٿي. ان جو انحصار آبي خاصيتن، دريائي وهڪرن جي ساليانيءَ ۽ ڊگهي عرصي واري انداز، پاڻيءَ جي استعمال جي هاڻوڪي انداز، دريائي طاس جي جاگرافيائي خاصيت

وغيره تي هجي ٿو. سنڌ ميمبرن طرفان حوالو ڏنل اسوان ڊيم جو مثال ورلي اينڊڙ چاڙهه دوران اضافي پاڻيءَ جي اينڊڙ سوڪهڙي وارن سالن ۾ استعمال لاءِ ڪنهن آبي ذخيري جي اهليت/ گنجائش جي اهميت واضح ٿو ڪري. بهرحال اِهو ضرور نوٽ ڪرڻ گهرجي ته ذخيرا ڪنهن سڌي سنواٽي شرح تي دريائي وهڪرن جي ڪنهن مخصوص سراسري انگ جي تصديق لاءِ ئي رٿجي يا اڏجي نٿا سگهجن پر اِهي ڪنهن مخصوص دريائي طاس جي گهرجن موجب رٿابندي هيٺ آندا ويندا آهن.

آبي ذخيرن جو لٽجڻ

واپڊا جو موقف

واپڊا طرفان پريزنٽيشن ۾ پيش ڪيل انگن اکرن موجب ٽن هاٺوڪن آبي ذخيرن (تربيلا، منگلا ۽ چشما) جي ڪُل ذخيري واري گنجائش لٽجڻ سبب 18.37 ملين ايڪڙ فوٽ کان گهٽجي 13.82 ملين ايڪڙ فوٽ جڏهن ته روان ذخيري واري گنجائش ۾ 15.74 ملين ايڪڙ فوٽ کان گهٽجي 12.54 ملين ايڪڙ فوٽ رهجي وئي آهي. ان ريت ڪُل ذخيري واري گنجائش ۾ 4.55 ملين ايڪڙ فوٽ جڏهن ته روان ذخيري واري گنجائش ۾ 3.20 ملين ايڪڙ فوٽ گهٽتائي آئي آهي. منگلا ڊيم ۾ روان ذخيري جو ساليانو سراسري نقصان لڳ ڀڳ 0.021 ملين ايڪڙ فوٽ في سال جڏهن ته تربيلا آبي ذخيري ۾ اِهو نقصان 0.065 ملين ايڪڙ فوٽ ساليانو آهي. تربيلا ڊيم ۾ لٽجڻ جي شرح واپڊا جي ڏنل انگن اکرن موجب، ان جي ڊيزائين واري مرحلي تي ڪيل اڳ ڪٿي کان وڌيڪ جڏهن ته منگلا ڊيم ۾ لٽجڻ وارو عمل ان جي ڊيزائين واري مرحلي تي ڪيل اڳ ڪٿي کان گهٽ آهي. واپڊا جي ڪٿ موجب لٽجڻ جي هاٺوڪي شرح سان تربيلا ڊيم جو 25 سيڪڙو روان ذخيري واري گنجائش 2010 تائين گهٽجي ويندي جڏهن

2020 ۾ اِهو عمل 31 سيڪڙو تي چڪو هوندو. منگلا 2010 تائين 17 سيڪڙو ۽ 2020 تائين 22 سيڪڙو روان ذخيري واري گنجائش وڃائي چڪو هوندو.

ٽيڪنيڪل ڪميٽيءَ جي سنڌ ميمبرن جو موقف

مئي 2005 واري پنهنجي رپورٽ ۾ ٽيڪنيڪل ڪميٽيءَ جي سنڌ ميمبرن آبي ذخيرن جي لٽجڻ تي ڪو ٻيو تُز موقف پيش نه ڪيو آهي.

ٽيڪنيڪل ڪميٽيءَ جي چيئرمين جي راءِ

واپڊا طرفان پيش ڪيل آبي ذخيرن جي لٽجڻ وارا انگ اکر اندراج ڪيل انگن اکرن تي ٻڌل آهن. روان ذخيري واري گنجائش ۾ لٽجڻ وارو مقدار استعمال جوڳي پاڻي جي ڪُل موجودگيءَ بابت چاڻڻ لاءِ وڏيڪ واسطيدار هجي ٿو. موجود ٽن آبي ذخيرن ۾ اِهو 3.2 ملين ايڪڙ فوٽ آهي. 3.2 ملين ايڪڙ فوٽ جو اِهو زيان هن وقت منگلا جي سطح وڌائڻ ذريعي لڳ ڀڳ متوازن ٿي ويندو.

تربيلا ڊيم جي لٽجڻ تي TAMS جي رپورٽ

واپڊا جو موقف

(a) واپڊا ڄاڻايو آهي ته TAMS هڪ برطانوي اداري ايچ آر ويلنگفورڊ سان گڏجي 1988 ۾ هڪ تفصيلي انتظامي اڀياس ڪيو. ان اڀياس جون اهم سفارشون هيٺين ريت آهن:

(1) ساڄي ڪپ تي سرنگهن جي جذب ڪرڻ واري جاين کي محفوظ بنائڻ لاءِ 2008 تائين پاڻيءَ اندر هڪ بند تعمير ڪيو وڃي. بند جو ڪنٽو 1381 فوٽن (AMSL) تي هئڻ گهرجي.

(2) سال 2015 تائين لٽ جي نيڪال واسطي هڪ متبادل واهه/دڳ تعمير ڪيو وڃي. اِهو متبادل دڳ معاون نيڪال دڳ ۽ سروس جي وچ ۾ ڏاهيل چئن نين سرنگهن تي ٻڌل هئڻ گهرجي.

(3) لٽ وارو پاڻي نين سرنگهن ڏانهن منتقل ڪرڻ واسطي جذب ڪندڙ واهه جي کاٽيءَ واسطي انتهائي وڏي گنجائش رکندڙ لٽ ڪيڏندڙ مشينون حاصل ڪيون وڃن.

(b) واپڊا وڏيڪ چاڻايو ته:

(1) TAMS طرفان انهن اپائن تي ايندڙ خرچ جي ڪٿ 663 ملين امريڪي ڊالر لڳائي وئي.

(2) واپڊا TAMS جي سفارشن سان سهمت نه هئي ان ڪري اِهي لاڳو نه ٿي سگهيون.

(3) بهرحال، واپڊا چاڻايو ته ڪين تربيلا ڊيم جي لٽجڻ واري مسئلي جو مڪمل ادراڪ آهي ۽ آبي ذخيري جي زندگي وڌائڻ لاءِ سمورا ممڪن ڏڳ قلهوريا پيا وڃن. واپڊا لٽ ڪيڏڻ واري ماهري تي هڪ عالمي سيمينار ڪوٺائڻ جي رٿابندي پڻ ڪري رهي آهي.

ٽيڪنيڪل ڪميٽيءَ جي ميمبرن جو موقف

مئي 2005 واري پنهنجي رپورٽ ۾، ٽيڪنيڪل ڪميٽيءَ جي ستن ميمبرن TAMS جي رپورٽ ۽ تربيلا آبي ذخيري جي لٽجڻ واري صورتحال تي ڪنٽرول ڪرڻ/گهٽائڻ بابت ڪاراءِ نه ڏني آهي. بهرحال، ستن ميمبرن جي رپورٽ سان ڳنڍيل پنهنجي نوٽ ۾ سردار احمد مغل چاڻايو آهي ته تربيلا ڊيم جي لٽجڻ جو ڪو حل قلهو ريو وڃي ۽ TAMS رپورٽ رد نه ڪرڻ گهرجي.

ٽيڪنيڪل ڪميٽيءَ جي چيئرمين جي راءِ

ٽيڪنيڪل ڪميٽيءَ جي گڏجاڻين ۾ ان موضوع تي بحث مباحثي دوران چيئرمين هيٺيان مشاهدا پيش ڪيا:

(i) ايپاس ضروري ليکيو ويو ۽ خود واپڊا ئي TAMS کي اِهو ڪم سونپيو ۽ واپڊا يقيني طور تي ايپاس دوران ان ڪان پوءِ ماهرن جي اندازي سندن سفارشن تي بحث مباحثو ڪيو هوندو.

(ii) واپڊا کي ڪنهن ڦير گهير سان يا ان کان سواءِ، TAMS جون سموريون يا ڪجهه سفارشون قبول ڪرڻ يا نہ ڪرڻ جي ڏس ۾ پنهنجي سرپا ڪنهن مٿاهين سطح تي ڪجهه واضح/ تز فيصلا ڪرڻ کپندا هئا.

(iii) واپڊا کي اِهو واضح طور تي ڄاڻائڻ کپندو هو تہ تربيلا جي لٽجڻ واري مسئلي بابت وڌيڪ اڀياسن جي ضرورت آهي يا نہ ۽ ڇا اسان کي هاڻوڪي صورتحال سان ئي گهارڻو پوندو.

(iv) سندس ٻي ڳڻتي تربيلا جي لٽجڻ بابت هيءَ آهي تہ ڇا ان جو ڪو درمان بہ آهي يا نہ. واپڊا کي هيل تائين ڪا حتمي حڪمت عملي پيش ڪرڻ کپندي هئي. جيڪڏهن TAMS واري رپورٽ جوڳي يا مناسب نہ ٿي لڳي تہ پوءِ اِها ڪنهن شروعاتي مرحلي تي ڇو نہ روڪرائي وئي.

(v) اهو محسوس ڪيو ويو تہ تربيلا آبي ذخيري جي لٽجڻ وارو مسئلو واپڊا جي رٿيل سيمينار ڪوٺائڻ سان حل نہ ٿيندو. TAMS هڪ عالمي ساک وارو ادارو آهي ۽ ان ڪري ئي واپڊا ان کي تربيلا آبي ذخيري جي لٽجڻ واري مسئلي جو اڀياس ڪرڻ ۽ ان ڏس ۾ ڪي حل رٿڻ لاءِ رابطو ڪيو. جيڪڏهن واپڊا TAMSجي سوچ مان مڪمل طور تي مطمئن نہ هئي تہ پوءِ ان کي مشاورتي ڪم دوران پنهنجي نقطي نظر کان واقف ڪرڻ کپندو هو. جيڪڏهن مشاورتي عرصي ختم ٿيڻ کان پوءِ بہ اطمينان جوڳا نتيجا سامهون نہ آيا هئا تہ اِنهيءَ عرصي کي ڪي تز ۽ مثبت نتيجا اخذ ٿيڻ تائين وڌائي سگهڻ کي ترجيح ڏني وڃي ها. اِها انتهائي افسوس جوڳي ڳالهہ آهي تہ 1998 ۾ جمع ڪرايل ماهرن جي انهيءَ اهم رپورٽ کي اڃا تائين رسمي طور تي قبول يا رد نہ ڪيو ويو آهي.

(vi) انهن خدشن جو اظهار ڪيو ويو آهي تہ تربيلا آبي ذخيري

جي لٽجڻ، ان جي خاتمي/نيڪال جي اوزارن جي غير مناسب عمل/ وهنوار سبب ٿي آهي. جيئوٽيڪ واپڊا انهيءَ نقطي نظر کي قبول نہ ڪيو آهي پر ان هوندي بہ لڳي ٿو تہ ڪا نہ ڪا گڙٻڙ ضرور آهي.

(vii) تربيلا هڪ قومي اثاثو آهي ۽ ان جي لٽجڻ وارو مسئلو انتهائي ڳڻتيءَ جوڳو مامرو هئڻ گهرجي. يقيني طور تي اِهو ڪو اهڙو مسئلو ناهي، جنهن جو ڪو حل ڪڍي نہ سگهجي.

واپڊا ويزن 2025 پروگرام

واپڊا جو موقف

واپڊا ڄاڻايو آهي تہ ويزن 2025 پروگرام سنڌو درياءَ جي سرشتي تي 59.43 ملين ايڪڙ فوٽ جي ست وارو هڪ آبي ذخيرو فراهم ڪري ٿو. انهن وڌيڪ ڄاڻايو آهي تہ 59.43 ملين ايڪڙ فوٽ ذخيري ڪرڻ جي ڪُل ست آهي جنهن کي سرشتي تي تيار ڪري سگهجي ٿو. رٿابنديءَ جي اپياسن جي مڪمل ٿيڻ تي مرحليوار بنياد تي فقط انتهائي اهميت رکندڙ رٿائون ئي عمل در آمد لاءِ چونڊيون وينديون.

ٽيڪنيڪل ڪميٽيءَ جي ستن ميمبرن جو موقف

مئي 2005 واري پنهنجي رپورٽ ۾ ٽيڪنيڪل ڪميٽيءَ جي ستن ميمبرن واپڊا جي موقف جي پٺڀرائي ڪئي آهي.

ٽيڪنيڪل ڪميٽيءَ جي چيئرمين جي راءِ

واپڊا سنڌو درياءَ جي سرشتي تي ذخيري لاءِ 59.43 ملين ايڪڙ فوٽ جي ست هئڻ جي ڳالهہ ڪئي آهي پر هنن پاٽيءَ جي موجودگيءَ جي ڳڻ ڳوٽ شامل نہ ڪئي آهي ۽ نہ ئي وري ويزن 2025 پروگرام واري دستاويز ۾ ان جو ڪو ذڪر ڪيو اٿن. ان کان سواءِ هنن دستاويز ۾ اِهو بہ نہ ڄاڻايو آهي تہ 59.43 ملين ايڪڙ فوٽ جي ذخيري وارو ست فقط موجود ذخيري جي ماڳن جي نشاندهي ٿو ڪري ۽ اصل عمل در آمد پاٽيءَ جي موجودگيءَ سان مشروط هوندو. اِها افسوس

جوڳي ڳالهه آهي تہ پاڻيءَ جي موجودگيءَ جي ڳڻ ڳوت جي اهميت کي مدنظر نہ رکيو ويو آهي.

ڊيمن بابت عالمي ڪميشن جي رپورٽ

رٿابنديءَ ۽ ترقيات واري ڊويزن جو موقف

رٿابنديءَ ۽ ترقيات واري ڊويزن چاڻايو آهي تہ ڊيمن بابت عالمي ڪميشن (WCD) رپورٽ ۾ سفارش ڪيل پئمانن/شرطن جي قومي پاليسين ۽ قانونن جي روشنيءَ ۾ پوئواري ڪئي ويندي.

واپڊا جو موقف

(a) ڊيم ۽ ترقي رپورٽ سال 2000ع هيٺين انداز رٿيو آهي:

- عوامي قبوليت حاصل ڪرڻ
- جوڳن موقعن جي ڪٿ
- موجود ڊيمن کي مخاطب ڪرڻ
- درياءَ ۾ گذر سفر جي ذريعن جي پائيداري
- حقدارين کي تسليم ڪرڻ ۽ لاڀ ورهائڻ
- تعميل/تڪميل جي خاطري ڪرڻ
- امن، ترقي ۽ تحفظ لاءِ دريائن ۾ حصيداري

(b) ڊيم ۽ ترقي رپورٽ 2000ع کي گهٽي ياڳي اُسرندڙ ملڪن تسليم نہ ڪيو آهي.

(c) پاڪستان ڪيترن ٻئي اُسرندڙ ملڪن ڪان وڌيڪ ابتر صورتحال جو شڪار آهي ۽ جيڪڏهن هڪدم ۾ ڊيم تعمير نہ ڪيا ويا تہ اسين ملڪ جي ترقي ۽ ماحوليات وڃائي ويهنداسين.

(d) ڊيمن بابت عالمي ڪميشن جي رپورٽ سفارش ڪندڙ نوعيت واري هئي ۽ عالمي ورهاست جي حصي طور پاڪستان حڪومت کي پڻ ان جي ڪاپي ڏني وئي.

ٽيڪنيڪل ڪميٽيءَ جي ستن ميمبرن جو موقف

مئي 2005 واري پنهنجي رپورٽ ۾ ٽيڪنيڪل ڪميٽيءَ جي

سندن ميمبرن ڊيمن بابت عالمي ڪميشن جي رپورٽ تي پنهنجي خطا
به راءِ نه ڏني آهي.

ٽيڪنيڪل ڪميٽيءَ جي چيئرمين جي راءِ

(i) نومبر 2000 واري پنهنجي رپورٽ ۾ ڊيمن بابت عالمي ڪميشن سڄي دنيا مان هيل تائين پرايل تجربن جي آڌار تي ڊيمن جي اڏاوت جي مختلف پهلوئن جي اُڀاريو ۽ جانچ پڙتال ڪئي آهي. رپورٽ مثبت ۽ منفي ٻنهي پهلوئن کي اڳڀرو ڪيو آهي. ان حتمي طور تي اها ڳالهه نه ڪئي آهي ته ڊيمن جي اڏاوت ٺيڪ گهرجي يا نه.

(ii) ڊيمن بابت عالمي ڪميشن آبي ذخيرن لاءِ پنج بنيادي اصول واضح ڪيا آهن:

- انصاف پرور
- اهليت پرور
- شراڪتي فيصلي سازي
- پائيداري
- پڇاڻو/ احتساب

اهي بنيادي اصول ۽ ڳڻوڳڏ واپڊا جي پنهنجي موقف ۾ جاچيل اهڙا آهن جو ڪو به انهن کي نظر انداز نٿو ڪري سگهي.

(iii) واپڊا ۽ پاڻيءَ ۽ بجليءَ واري وزارت کي سال 2000 ۾ ڊيمن بابت عالمي ڪميشن جي رپورٽ موصول ٿي پر ڪنهن به مناسب سطح تي ان جي سفارشن تي ڪو به واضح فيصلو نه ڪيو ويو آهي. اها انتهائي افسوسناڪ ڳالهه آهي.

سو ڪهڙي واري عرصي ۾ لاڳيتو ڪيترن ئي سالن تائين پورجي نه سگهڻ باوجود آبي ذخيرا اڏڻ
رٿابندي ۽ ترقيات واري پويزن جو موقف
پاڻيءَ جي آمله وسيلن جي بهتر ۽ اهل استعمال واسطي آبي

ذخيرا گهربل آهن.

واپڊا جو موقف

هن وقت بلاشڪ اضافي ذخيري واسطي پاڻي موجودآهي. ڀريون اِهو تہ سراسري 34.7 ملين ايڪڙ فوٽ پاڻي سمنڊ ڏانهن ڇوڙ ڪري رهيو آهي. ٻيو تہ لٽجڻ سبب اسين موجود ذخيرن جو لڳ ڀڳ 5 ملين ايڪڙ فوٽ ضايع ڪري رهيا آهيون جيڪو سمنڊ برد ٿو ٿي وڃي. ڌرتيءَ جي وڌندڙ گرمائش واري وايو منڊل سبب ايندڙ ماحولياتي تبديليون خطرناڪ ڏڪر ۽ ٻوڏون آڻي رهيون آهن. پر جيئن تہ اسان وٽ اِهي آبي ذخيري لاءِ ڪو مناسب ماڳ موجود ناهي تنهن ڪري اسان کي سنڌو درياءَ جي مرڪزي پيٽ ۽ ان جي معاون وهڪرن تي وڏا ڪان وڏا ڊيم اڏڻ گهرجن.

ٽيڪنيڪل ڪميٽيءَ جي ستن ميمبرن جو موقف

مئي 2005 واري پنهنجي رپورٽ ۾ ٽيڪنيڪل ڪميٽيءَ جي ستن ميمبرن هن نڪتي بابت پنهنجو ڪو واضح موقف نہ ڏنو آهي. بهر حال 22 نومبر 2004 تي ڪوٽڙي پنهنجي پنجين گڏجاڻيءَ ۾ ٽيڪنيڪل ڪميٽيءَ فيصلو ڪيو تہ پاڻي جو هر اضافي ڦڙو جڏهن بہ ميسر هجي، ذخيرو ڪيو وڃي.

ٽيڪنيڪل ڪميٽيءَ جي چيئرمين جي راءِ

مول متو نمبر 4(a) ۾ واضح ڪيو ويو آهي، پاڻيءَ جو موجودگيءَ واري صورتحال تي غور ڪندي اِهو ذهن نشين ڪرڻ گهرجي تہ منگلا ۽ تربيلا ڊيمن جي اڏاوت کان پوءِ بين الصوبائي منتقليءَ (ساڳئي سال خريف کان ربيع) واسطي اضافي پاڻي ميسر ئي ناهي. هن وقت اضافي پاڻي فقط ڪڏهن ڪڏهن ايندڙ ٻوڏن مان حاصل ٿئي ٿو. اِهي اضافي وهڪرا وڏي مقدار وارا پر گهٽ تعداد وارا آهن. انهن حالتن ۾، مستقبل جا ڊيم تي سگهي ٿو تہ هر سال ڀرجي نہ سگهن ۽ در اصل تي سگهي ٿو تہ سوڪهڙي واري عرصي دوران لاڳيتو ڪيترن ئي سالن تائين اِهي اڻ ڀريل بہ رهي سگهن ٿا. ان

ريت مستقبل جي ڊيمن جي پرجڻ وارو مامرو هڪ ورلي عمل هوندو، جنهن جي پيٽ ۾ موجود ڊيم ڪاغير معمولي صورتحال ليڪجنڊڙ سال ۾ بہ گهٽ ۾ گهٽ جزوي طور تي ضرور پربا آهن.ان ڪري مستقبل جي آبي ذخيرن جي عملي وهنوار لاءِ انهيءَ پهلو کي ضرور مد نظر رکڻ گهرجي.

هڪ سال سال کان وڌيڪ پاڻي ڏيندڙ ڊيم جي ڪٽ جي اڀياس لاءِ گهربل وقت.

واپڊا جو موقف

(1) ڪنهن وڏي ڊيم جي ڪٽ/ اڏاوت لاءِ جوڳو اڀياس انتهائي ڏگهو عرصو لهڻي. اهڙو اڀياس بنيادي پڙتال اڀياس کان اڳ وارا مامرا، تفصيلي ڪٽ وارو اڀياس ۽ ڊيزائين/ٽينڊر دستاويزن وارن مرحلن ۾ تيار ڪيو ويندو آهي جنهن ۾ چئن کان پنجن سالن جو عرصو لڳي وڃي ٿو. جيئن تہ اهڙن اڀياسن تي وڏو خرچ پکو ٿئي ٿو، ان ڪري ايندڙ مرحلي ۾ داخل ٿيڻ کان اڳ رٿا جي عمل جوڳي هئڻ جي خاطري ڪئي ويندي آهي. سنڌو درياءَ تي فقط ڪنز راهہ/ اسڪردو ڊيم ئي ڪجهہ حلقن طرفان امڪاني هڪ سال سال کان وڌيڪ پاڻي ڏيندڙ آبي ذخيري طور واضح ڪيو ويو آهي. انهيءَ ڊيم جي اڀياس کان اڳ وارن مامرن جو اڀياس ستر ملين جي لاڳت سان سيپٽمبر 2003ع ۾ هٿ ۾ کنيو ويو جنهن کي هن سالن ۾ مڪمل ٿيڻو هو. هيل تائين جاگرافيائي بيهڪ وارا سروي ۽ ماحولياتي اثرن جي ڪٽ وارا اڀياس ڪيا ويا آهن، جن ظاهر ڪيو آهي تہ:

(2) اسڪردو/ ڪنز راهہ ڊيم واري ماڳ سان نئين سر بحاليءَ جا وڏا مامرا درپيش آهن، جيڪي سياسي حوالي سان، ان جي عمل پذيري شڪ ۾ رکيا وڃن.

(3) ڪنهن هڪ سال سال کان وڌيڪ پاڻي ڏيندڙ ڊيم جو مقصد ٽنهي ڊيمن يعني ڪالاباغ، ڀاشا ۽ اکوڙيءَ جي اڏاوت سان به حاصل ڪري سگهجي ٿو.

ٽيڪنيڪل ڪميٽيءَ جي ستن ميمبرن جو موقف

مئي 2005 واري پنهنجي رپورٽ ۾ ٽيڪنيڪل ڪميٽيءَ جي ستن ميمبرن هن پهلوءَ تي پنهنجي ڪا به راءِ نه ڏني آهي.

ٽيڪنيڪل ڪميٽيءَ جي چيئرمين جي راءِ

(1) سنڌ درياءَ واري سرشتي جي هائيڊرولاجي ۽ فقط وڏي چاڙهه وارن سالن دوران ٿي اضافي پاڻيءَ جي موجودگيءَ جو ذڪر ڪندڙ مول متو نمبر 4(a) تحت بحث هيٺ آندل مستقبل جي آبي ذخيرن لاءِ پاڻيءَ جي موجودگيءَ واري صورتحال تي غور ويچار ڪندي چئبو ته ڪنهن هڪ سال کان وڌيڪ پاڻي ڏيندڙ ڊيم جي ڪٽ وارو ايپاس واپڊا کي گهٽو اڳ ڪرائڻ گهرجندو هو. بهر صورت، جهڙي ريت واپڊا ٻڌايو آهي ته ڪنز راهه/ اسڪردو ڊيم جي ڪٽ کان اڳ وارن ماڊرن جو ايپاس سيپٽمبر 2003 ۾ شروع ٿيو آهي جيڪو امڪاني طور تي سيپٽمبر 2005 ۾ مڪمل ٿيندو. اِهو ضروري آهي ته تفصيلي ڪٽ ايپاس پڻ ڪنهن دير کان سواءِ ڪيو وڃي. رٿا جا سمورا مثبت ۽ منفي پهلو تفصيل سان پروڙيا وڃن ۽ هن رٿا لاءِ اعليٰ ترين حڪومتي سطح تي واضح ۽ تڪڙ فيصلا ڪيا وڃن. جيڪو هڪ سال سال کان وڌيڪ پاڻي ڏيندڙ ڊيم لاءِ شايد واحد ماڳ آهي. اِهو به آڏو رکڻ گهرجي ته مستقبل جي ڊيمن لاءِ اهم ترين پئمانو اِهو ئي رکڻ گهرجي ته ميسر هنڌ جي صورت ۾ پاڻيءَ جو وڌ کان وڌ مقدار سنڀارڻو ۽ ذخيرو ڪرڻو آهي. اسڪردو/ڪنزراهه ڊيم ۾ لڳ ڀڳ 35 ملين ايڪڙ فوٽ واري وڏي ذخيري جي گنجائش آهي جيڪو اضافي پاڻيءَ جي وڏي حصي کي

ذخيرو ڪرڻ جو اهل بڻائي سگهي ٿو.

(2) واپڊا ڪي ڪٽ تيار ڪرڻ/ٽيڻ ڪان اڳ ئي هڪ سال سال ڪان وڏيڪ پاڻي ڏيندڙ ڊيم جي منفي پهلوئن تي ڌيان نہ لڳائڻ گهرجي. اهڙو رويو انهيءَ اهم ڊيم/ماڳ ڏانهن سندس جانبدار انداز کي ٿو ظاهر ڪري.

(3) واپڊا ڄاڻايو آهي تہ هڪ سال سال ڪان وڏيڪ پاڻي ڏيندڙ ڊيم جو مقصد ٽي ڊيم اڏڻ سان - اصل ٽي سگهي ٿو پر ان ۾ هنن انهن جي لاڳت ۽ وقت کي مد نظر نہ رکيو آهي. ان ڪان سواءِ ڪالاباغ ياشا ۽ اکوڙي تي رٿيل ٽن ڊيمن جي ڪُل گنجائش لڳ ڀڳ 18 ملين ايڪڙ فوٽ هوندي جيڪا اسڪردو/ڪتزراهہ تي هڪ سال ڪان وڏيڪ پاڻي ڏيندڙ ڊيم جي اڌ جيتري گنجائش آهي. واضح ٿو ٿئي تہ ڪيترائي ننڍا ڊيم وڏي گنجائش واري هڪ سال ڪان وڏيڪ پاڻي ڏيندڙ ڊيم جو متبادل نٿا ٿي سگهن، جيڪو اسان جي حالتن ۾ گهربل آهي.

آبي ذخيرن جي ترتيب مستقبل جي آبي ذخيرن جي رٿابندي، ترجيحن ۽ ترتيب جو بنياد

رٿابندي ۽ ترقيات واري ڊويزن جو موقف

(i) پاڻيءَ جي املهہ وسيلن جي بهتر ۽ اهل استعمال لاءِ آبي ذخيرا گهربل آهن.

(ii) ترجيحن ۽ ترتيب جو انحصار پاڻي ۽ توانائي جي گهرجن ۽ عمل در آمد لاءِ سنيرت جو انحصار ڪٽ، رٿابندي ۽ ڊيزائين جي بنياد تي آهي.

واپڊا جو موقف

(i) ستلج، بياس، راوي ۽ چناب دريائن تي پاڪستان ۾ ڊيم لاءِ ڪو مناسب ماڳ ناهي-جهلم درياءَ تي ڊيم لاءِ واحد

مناسب ماڳ منگلا تي آهي جنهن کي اڳتي وڌ ڪان وڌ گنجائش تي استعمال ڪيو پيو وڃي.

(ii) سنڌو درياءَ تي وڏو وڃ خريف ۾ اضافي پاڻي ۽ ان جي نسبتاً خاطري رڻي ٿي تہ منگلا ۽ تربيلا ڪان پوءِ مستقبل جا آبي ذخيرا سنڌو درياءَ تي ئي قائم ٿيڻ گهرجن. نتيجي طور، گذريل پنجاهہ سالن دوران سنڌو درياءَ تي هيٺين اهم ماڳن تي اهڙا آبي ذخيرا ٺاهڻ لاءِ نشاندهي ڪئي وئي آهي:

(a) ڪالاباغ

(b) ڀاشا-ديامير

(c) اسڪردو

(d) يوگو (شيوڪ)

(e) اڪوڙي (تربيلا ڪان پوءِ واهہ/چينل)

(iii) مٿيان ست پريا ماڳ پوين ڪيترن ئي سالن دوران غور هيٺ آندا ويا ۽ انهن مان ڪي رٿابندي ۽ ڊيزائين جي مختلف مرحلن ۾ آهن.

(iv) ماڳ. نمونو هڪ سال ان وڏيڪ پاڻي ڏيندڙ يا نہ ڏيندڙ ۽ هر رٿا جي هائيڊرولاجيءَ سان گڏوگڏ ميسر هئڻ جي صورت ۾ وڌ ڪان وڌ اضافي پاڻي ذخيرو ڪرڻ واري گنجائش پڻ سونهين عنصر جو اهم پهلو هئڻ گهرجي.

ٽيڪنيڪل ڪميٽيءَ جي ستن ميمبرن جو موقف

مئي 2005 واري پنهنجي رپورٽ ۾ ٽيڪنيڪل ڪميٽيءَ جي ستن ميمبرن چيو آهي تہ پاڪستان ۾ دريائي پاڻي ذخيرو ڪرڻ جا فقط ڪجهہ ئي سٺا ۽ جوڳا ماڳ آهن. هر ماڳ جانچ پڙتال ۽ اپياس ڪان پوءِ وڌ ڪان وڌ استعمال ٿيڻ گهرجي. اسان جي مٺي پاڻيءَ جي دريائي وهڪرن جو هر قرو استعمال ڪرڻ پيداوار لاءِ گهٽ خرچ ۽ سماجي مجبوري آهي. پاليسيءَ کي مستقبل جي ڊيمن جي اڏاوت لاءِ چاٿايل/ امڪاني ماڳن جي ڪٽ وارن گهٽڻ اپياسن جي رٿابنديءَ

پريو هئڻ گهرجي. ٽڪڙي ضرورت درياءَ تي يا درياءَ کان پري ذخيرن جي ترجيح طئي ڪرڻ ۽ غير متحرڪ (جيئن جو تيئن) رکڻ واري حالت جا نيئر ٽوڙڻ جي آهي.

ٽيڪنيڪل ڪميٽيءَ جي ميمبر سردار احمد مغل جو موقف

مئي 2005 واري ستن ميمبرن جي رپورٽ سان ڳنڍيل پنهنجي نوٽ ۾ سردار احمد مغل ڄاڻايو ته ڊيمن جي ترجيح هيٺين بنيادن تي هئڻ گهرجي:

(i) انتهائي ڦرندڙ گهرندڙ دريائي اضافي پاڻي جو وڏ کان وڏو حصو جهٽڻ جي صلاحيت

(ii) گهٽ کان گهٽ خرچ تي ذخيرو ڪرڻ ۽ توانائي جي اُپت جا وڏ کان وڏ لاڀ

(iii) غير تڪراري رٿائن کي ترجيح ڏني وڃي. ڪالاباغ ڊيم جي اونچائي وارن ڪابي ۽ ساڄي پاسي وارن ڪينالن لاءِ سرنگهن جي شديد مخالفت ٿي آهي. انهن جي اڏاوت دوران چوڙ وارا سل نه ڏنا وڃن. ڊيم مان ڪنهن به قسم جي رخ ڦيرائڻ جي اجازت نه هئڻ گهرجي.

(iv) عمل در آمد لاءِ راضپو/تياري

ٽيڪنيڪل ڪميٽيءَ جي چيئرمين جي راءِ

ڊيم جي رٿابندي، ترجيح ۽ ترتيب لاءِ بنيادي پئمانو هيٺين ريت هئڻ گهرجي:

(i) جڏهن به ميسر هجي اضافي پاڻيءَ جو وڏ کان وڏ مقدار جهٽڻ جي صلاحيت. واپڊا به اهڙي ئي رٿ ڏني آهي.

(ii) گهٽ کان گهٽ لاڳت تي پاڻي ذخيرو ڪرڻ ۽ توانائي جي اُپت جا وڏ کان وڏ لاڀ حاصل ڪرڻ.

(iii) گهٽ گنجائش وارا اينڊز وهڪرا ته جيئن لٽجڻ واري مسئلي کي گهٽائي سگهجي.

(iv) عمل در آمد لاءِ تيار هئڻ

(v) آبپاشي واري پاڻي ۽ توانائي جي کاپو ايراضين جي ويجهو هجڻ

(vi) ڊيمر بابت خدشن کي مدنظر رکڻ

مستقبل جي آبي ذخيرن ۽ انهن جي ترتيب واسطي موجود موقعا

رٿابندي ۽ ترقيات واري ڊويزن جو موقف

رٿابندي ۽ ترقيات واري ڊويزن هن پهلوتي ڪا ڌار راءِ نه ڏني آهي. بهرحال، آبي ذخيرن جي رٿابنديءَ بابت ان جي عمومي راءِ مٿي پيرا نمبر ۾ ڏني وئي آهي.

واپڊا جو موقف

واپڊا جو موقف مٿين (a) 5.3.8.1 وارو ئي آهي. بهرحال واپڊا هر آبي ذخيري تي پنهنجا موقف ڏنا آهن جيڪي ايندڙ پيراگرافن ۾ سامهون آيل آهن.

ٽيڪنيڪل ڪميٽيءَ جي ستن ميمبرن جو موقف

مئي 2005 واري پنهنجي رپورٽ ۾ ستن ميمبرن ڄاڻايو آهي ته سنڌو درياءَ تي ڀاشا ۽ ڪالاباغ ذخيرن وارا ٻه موجود متبادل زير نظر آهن. اِهي ٻئي گهڻ مقصدي ڊيم مڪمل طور تي آزاد يا ڇنا ڀيٽيءَ ۾ آهن جهڙي ريت انتهائي زور ڏيندي ظاهر ڪيو ويو آهي. 12 ملين ايڪڙ فوٽ جي ڪٺيل گنجائش وارا اِهي ٻئي آبي ذخيرا هڪ ٻئي جا معاون آهن ۽ خوراڪ جي تحفظ ۽ معاشي واڌ ويجهه لاءِ وڌندڙ ضرورتون پوريون ڪرڻ ۾ ڀاڳي ڀائيوار ٿي سگهن ٿا.

ٽيڪنيڪل ڪميٽيءَ جي چيئرمين جي راءِ

واپڊا سنڌو درياءَ جي مرڪزي پيٽ تي آبي ذخيرن لاءِ هيٺيان ٽي ماڳ رٿيا آهن:

(1) ڪالاباغ

(2) ڀاشا ۽

(3) اسڪردو/ڪاٽزراهه

هيٺ پيرا ماڳ درياءَ ڪان پري وارو ذخيرو اڪوڙيءَ تي درج ڪيو ويو آهي. ڪالاباغ ڊيم جي ڪٽ وارو اپياس 1988 ۾ ڪيو ويو. ڀاشا ڊيم جي ڪٽ وارو اپياس 2004 ۾ ڪيو ويو. اسڪردو/ڪاٽزراهه جو ڪٽ ڪان اڳ وارو اپياس سيپٽمبر 2003 ۾ شروع ڪيو ويو ۽ ان جي سيپٽمبر 2005 ۾ مڪمل ٿيڻ جي توقع آهي. مٿي پيرا نمبر (a)5.3.8.1 ۾ رٿيل ڊيمن جي رٿابندي، ترجيح ۽ ترتيب لاءِ بنيادن کي آڌر ڪندي انهن ٽنهي ڊيمن مان ترجيحي ترتيب جوڙڻي پوندي.

5.4 ڪالاباغ ڊيم

واپڊا جو موقف

(a) واپڊا ڄاڻايو آهي ته ڪالاباغ ڊيم جي ڪٽ جو آخري اپياس 88-1984 ۾ ٿيو. ان جو وڏيڪ ڄاڻائڻ آهي ته انهيءَ اپياس تي نظر ثاني جي ضرورت ناهي.

(b) 1984 واري ڪٽ رپورٽ ۾ ڪالاباغ ڊيم رٿا تي لاڳت 6 ارب امريڪي ڊالر ڄاڻائي وئي هئي جڏهن ته واپڊا ڪالاباغ ڊيم رٿا جي پنهنجي آخري لاڳت جي ڪٽ پڻ 6 ارب آمريڪي ڊالر ئي ڄاڻائي آهي. واپڊا واضح ڪيو آهي ته توانائي جي پئداوار ۾ ڪتب ايندڙ اوزارن جي عالمي قيمت ۾ لاٿ آئي آهي ۽ ان ڪري ڪالاباغ ڊيم رٿا جي ڪٿيل لاڳت ۾ پڻ گهٽتائي آئي آهي.

(c) واپڊا ڪالاباغ رٿا جي روان ذخيري جي گنجائش 6.1 ملين ايڪڙ فوٽ ظاهر ڪئي آهي. هُنن ڪالاباغ ڊيم جي هائيڊرو پاور اُپت جي گنجائش 3600 ميگا واٽ ڄاڻائي آهي.

(d) واپڊا ڄاڻايو آهي ته رٿا جي ڪٽ، ڊيزائين ۽ ٽينڊر دستاويز تيار آهن. ان رٿا جي اڏاوت جو ڪم فوري طور تي شروع ڪري سگهجي ٿو. ان جي اڏاوت ۾ 6 سال لڳندا ۽ 2010 ۾ مڪمل ٿي سگهي ٿو.

(e) سنڌو درياءَ جي ميدان ۾ لهڻ کان اڳ ڪالاباغ سڀ کان هيٺانهون ذخيري وارو ماڳ آهي.

ٽيڪنيڪل ڪميٽيءَ جي ستن ميمبرن جو موقف

مئي 2005 واري پنهنجي رپورٽ ۾ ٽيڪنيڪل ڪميٽيءَ جي ستن ميمبرن ڄاڻايو آهي ته:

(a) تفصيلي سر زمين جي جانچ لڏي وئي جڏهن ته هڪ ارب رپين کان وڌيڪ خرچ سان تفصيلي ڊيزائين، هائيڊرولڪ ۽ ڪمپيوٽر نمونا اڀياس ڪيا ويا.

(b) ٽيڪنيڪل ڪميٽيءَ جي ميمبر شمس الملڪ پنهنجو اضافي موقف ڏنو آهي ته ڪالاباغ تي ٽيڪنيڪل جانچ، جائزي يا تجزئي جو ڪو ڪم باقي نه رهيو آهي.

(c) ڊيم جي روان ذخيري واري گنجائش 6.1 ملين ايڪڙ فوٽ جڏهن ته هائڊرو پاور اُپت جي گنجائش 3600 ميگاواٽ هوندي.

(d) ستن ميمبرن وڌيڪ ڄاڻايو آهي ته:

i. ڪالاباغ ڊيم واحد رٿا آهي جيڪا عمل در آمد لاءِ تيار آهي ۽ ڇهن کان ستن سالن ۾ مڪمل ٿي سگهي ٿي.

ii. ڪالاباغ ڊيم سنڌو درياءَ جي چوماسي وارن وهڪرن / ٻوڏن ۽ ڪابل ۽ سوان دريائن جي مٿاهين وهڪري جي معاون جو پاڻي ذخيرو ڪندو. سنڌو درياءَ ساليانو سراسري وهڪرو ڪالاباغ تي 90 ملين ايڪڙ فوٽ، تربيلا تي 60 ملين ايڪڙ فوٽ ۽ پاشاتي 50 ملين ايڪڙ فوٽ آهي. وڌيڪ اِهو ڄاڻايو ويو آهي ته پاڪستان ۾ ڪابل درياءَ جي پاڻيءَ تي هٿ پير نه هڻڻ سان، اسان جو ميٽون شريڪ سدائين درياءَ ۾ پنهنجي حصي تي دعويٰ/ جائزي جي ڪوشش ڪندو رهندو.

iii. ڪالاباغ ڊيم تربيلا جي بجلي اُپت جي گنجائش 30 سيڪڙو وڌائڻ ۾ مددگار ٿيندو.

ٽيڪنيڪل ڪميٽيءَ جي چيئرمين جي راءِ

(a) واپڊا جو موقف تہ ڪالاباغ ڊيم جي ڪٽ جي 1988 واري اپياس (18 سال پراڻو) کي ڪنهن ترويج جي ضرورت ناهي نہ سمجھ جوڳو آهي ۽ نہ ئي وري قبولڻ جوڳو. رٿا جي ڪٽ کي خاص طور تي هيٺين پهلوئن پٽاندرنئين سر ڪرڻ جي ضرورت آهي:

(i) لاڳت جي ڪٽ

(ii) آبي ذخيري جيبيرجڻ جو اپياس

(b) واپڊا جو بيان تہ رٿا جي هاٺوڪي 2004 واري لاڳت جي ڪٽ 1984 واري ساڳي ئي آهي، وسهڻ جوڳو ناهي. اسٽيل، سيمنٽ، تيل، پورهئي وغيره جا قدر/مُلھ تمام گهڻو وڌي ويا آهن. ان کان سواءِ نئين سر آباد ڪاري ۽ نئين سر بحالي تي لاڳت پڻ تمام گهڻو وڌي وئي آهي. ان ڪري ضروري آهي تہ هاٺوڪي اگهن/قدرن تي بدلل حقيقت پسند ملھ واري ڪٽ لڳائي وڃي.

(c) ڪالاباغ بابت ماهرن جي 1988 واري ڪٽ رپورٽ ۾ ڪالاباغ ڊيم پرڻ بابت اپياس پڻ شامل آهي جيڪو 22-1921 کان 86-1985 تائين دريائي وهڪري جي موجود انگن اکرن تي بدلل آهي. اِهو اپياس پاڻي ناھ کان اڳ واري منظر نامي تي ڪيو ويو آهي. ان کان سواءِ اپياس ۾ واضح ڪيل اريگيشن گهرجون ڪوٽڙيءَ کان هيٺ سمنڊ ڏانهن ڇوڙ جي گهرجن ۽ سرشتي اندر زيان کي شامل ڪيل نٿيون لڳن. امڪاني اريگيشن گهرج جي ڪٽ واري جدول (جنهن جي آڌار تي اِهو اپياس ڪيو ويو آهي) ماهرن جي ڪالاباغ آبي ذخيرن پرڻ واري اپياس رپورٽ 1988 شامل آهي (ضميمو -II 12) سرشتي اندر زيان ۽ سمنڊ ڏانهن ڇوڙ جي گهرج (10 ملين ايڪڙ فوٽ) سميت پاڻي ناھ کان پوءِ ڪالاباغ کان

هيٺ پاڻي ناهه تي ٻڌل ڪينالن جي ضرورت پڻ هڪ جدول ۾ ڏنل آهي (ضميمو II-13) انهيءَ جدول ۾ تن جاري پوڻ ڪينال رٿائن جي گهرج (5 ملين ايڪڙ فوٽ) پڻ شامل ڪئي وئي آهي. ٻنهي جدولن جي ڀيٽ نشاندهي تي ڪري ته ڪالاباغ ماهرن طرفان ڪٿيل اريگيشن گهرج خاص طور تي جولاءِ کان سيپٽمبر جي آبي ذخيري ڀرڻ واري عرصي دوران ناهه کان پوءِ اصل گهرجن کان گهٽ گهٽ آهي. ان ڪري ڊيم ڀرڻ وارو اپياس نظر ثاني ۽ ترويج ڪيو وڃي ۽ ڪالاباغ آبي ذخيري جي نيڪالي گسن جي جوڙ واري ست کي ضرورت پٽاندر ٻيهر چڪاسڻ ۽ نئين سر جوڙڻ گهرجي.

(d) واپڊا طرفان ڪالاباغ ڊيم جي 6.1 ملين ايڪڙ فوٽ واري روان ذخيري جي گنجائش اپت ڄاڻائي وئي آهي. بهرحال، ڪالاباغ ماهرن جي ڪٿ رپورٽ موجب ڪالاباغ ڊيم جي هائيڊرو پاور اُپت جي گنجائش ابتدائي طور تي 2400 ميگا وات آهي جيڪا ڪنهن ايندڙ مرحلي تي (تاريخ ڄاڻايل ناهي) 3600 ميگا وات تائين وڌائي ويندي. بهر صورت ڪالاباغ ماهرن جي ملهه/لاڳت جي ڪٿ 2400 ميگا وات واري توانائي جي پئداوار جي ابتدائي گنجائش تي ٻڌل آهي.

(e) ڪالاباغ تي 90 ملين ايڪڙ فوٽ وارو سراسري ساليانو ايندڙ وهڪرو (بشمول ڪابل درياءَ جو وهڪرو). ذخيري واسطي اضافي پاڻيءَ جي وڏي مقدار جي موجودگيءَ جو مظهر ناهي. درحقيقت ڪالاباغ تي سراسري ساليانو وهڪرو پاڻي ناهه جي تفويض حصي جي بنياد تي چئني صوبن جي هيناهين وهڪري واري ڪينال سرشتي جون گهرجون پوريون ڪرڻ لاءِ ئي ڪافي ناهي، جنهن جا تفصيل هيٺ ڏجن ٿا:

(i) ڪالاباغ کان هيٺ سنڌو درياءَ جي مرڪزي پيٽ تي 81 ملين ايڪڙ فوٽ

پختونخواهه، پنجاب، سنڌ ۽ بلوچستان جي ڪينالن جو پاڻي ناهه موجب حصو.

(ii) سرشتي اندر زيان

13 ملين ايڪڙ فوٽ

(iii) سمنڊ ڏانهن ڇوڙ

10 ملين ايڪڙ فوٽ

ڪالاباغ کان هيٺ پاڻيءَ جي هاٿوڪي ضرورت

104 ملين ايڪڙ فوٽ

ڪالاباغ آبي ذخيري لاءِ اضافي پاڻيءَ جي ضرورت

11 ملين ايڪڙ فوٽ

(6 ملين ايڪڙ فوٽ) + هلنڊز گريٽر ٿل،

ريٽي ۽ ڪچي چاڙهه ڪينال (5 ملين ايڪڙ فوٽ)

آبي ذخيرن ۽ چاڙهه ڪينالن سميت پاڻيءَ جي ڪُل ضرورت

115 ملين ايڪڙ فوٽ

مٿين انگن اکرن ۾ هيٺانهين معاون ايراضين جي پاڻيءَ واري ضرورت (لڳ ڀڳ 13 ملين ايڪڙ فوٽ) شامل آهي جيڪي چشما-جهلم ۽ تونسا-پنجند لنڪ ڪينالن ذريعي سنڌو درياهه سان ڳنڍيل آهن. جيڪڏهن انهن لنڪ ڪينالن کي مرڪزي سنڌو درياءَ تي هڪ مستقل بار/منحصر ليکيو ويو (جيڪو درست ناهي) ته پوءِ سنڌو درياءَ تي رٿيل مستقبل جا سمورا آبي ذخيرا ڏٻيڙ جو شڪار بڻجي ويندا. اهو ڄاڻايو ويو آهي ته منگلا تي ذخيري سوڌو مٿاهين ۽ هيٺانهين ايراضين جي خريف واري ضرورت پوري ڪرڻ لاءِ جهلم-چناب دريائن ۽ ايرندي دريائن جي حصيداري مناسب ڪان وڏيڪ آهي ۽ عام حالتن ۾ چشما-جهلم ۽ تونسا-پنجند لنڪ ڪينالن ذريعي سنڌو درياءَ کان پاڻي گهربل نه هوندو آهي. اها ڳالهه هن رپورٽ جي مول متن نمبر 5(b)

تحت واضح ڪئي وئي آهي.

(f) ڪالاباغ ڊيم جي گنجائش 6.1 ملين ايڪڙ فوٽ آهي جڏهن ته ڪالاباغ تي درياءَ جو ساليانو سراسري وهڪرو 90 ملين ايڪڙ فوٽ آهي. ڊيم کي ڀرڻ لاءِ پاڻيءَ جو ايڏو وڏو مقدار گهربل نه هوندو آهي، ان جي ابتڙ درياءَ جو اِهو وڏو وهڪرو اڻ لاڀائتو آهي ڇاڪاڻ ته ڪالاباغ ڊيم ايتري گهٽي لٽ جهلي نه سگهندو، ان ڪانسواءِ ان کي وڏيڪ گنجائش وارا اسپل ويز (اٿل واهه) پڻ مهيا ڪرڻا پوندا.

(g) ڪالاباغ تي پاڻي اچڻ تناسب 15 آهي (90 ونڊ يان 6) معنيٰ ڊيم کي پنهنجي گنجائش کان 15 روڻ پاڻي کي منهن ڏيڻو پوندو، جنهن لاءِ وڏيڪ لٽ وارا مسئلا پيدا ٿيندا ۽ وڏي گنجائش ولرا اٿل ٺاهڻا.

(h) ڪالاباغ تي لٽ واري مسئلي بابت ڪالاباغ ماهرن جو 1988 ۾ ڪٿ وارو اپياس ڇاڻائي ٿو ته: "سنڌو درياءَ طرفان ڪالاباغ وٽ لٽ جو وڏو مقدار آڻڻ ڪالاباغ ڊيم جي ڊيزائين ۽ ان جي عملي وهنوار جي ضابطن جوڙڻ ۾ اهميت جوڳو آهي. جيڪڏهن لٽ جو وڏو مقدار آيو ته پوءِ ذخيري ڪرڻ واري سگهه تيزيءَ سان گهٽبي، نتيجي طور آبپاشيءَ وارا لاڀ زيان ٿي ويندا. لٽ جو اهڙو مامرو آخرڪار اڻ گهربل ٻُڻي واري پاڻيءَ جا اثر پئدا ڪندو".

ماهرن جي رپورٽ موجب ڪالاباغ تي لٽ جي آمد جو وهڪرو آخر ڪار 0.25 ملين ايڪڙ فوٽ تائين رسي سگهي ٿو. اِهو وڏو مقدار 25 سالن اندرئي ڪالاباغ آبي ذخيري کي ڍڪي ڇڏيندو. بهر صورت ڪالاباغ ماهرن ڀرين جون کان 20 جولاءِ تائين لٽ جي نيڪال واسطي ڪالاباغ آبي ذخيري جي موريءَ وارا در بند رکڻ جي رٿ ڏني آهي.

(i) ڪالاباغ ڊيم واري ماڳ تي ڪابل درياءَ جي واڌو پاڻيءَ

CamScanner

جي موجودگي ذخيري لاءِ ڪالاباغ ڊيم کي گهربل پاڻيءَ ۾ همڪاري جي ڏس ۾ ڪنهن به ريت مددگار نٿي بڻجي. ان جي ابتڙ ڪابل درياءَ مان ايندڙ لٽ ان حوالي سان مسئلن کي اجا به وڌيڪ ڳنڀير ڪندي. ڪالاباغ ڊيم جي اڏاوت پاڪستان طرفان افغانستان مان ايندڙ پاڻيءَ تي دعويٰ کي ڪنهن به ريت هٿي نه ڏيندي ڇاڪاڻ ته ڪابل دريا جو پاڻي اڳيئي ڪابل درياءَ جي مرڪزي وهڪري ۾ گڏوگڏ هيٺانهين وهڪري تي سنڌو درياءَ واري ڪينال سرشتي ۾ استعمال ٿيندڙ آهي جيڪو ڪابل درياءَ جي پاڻي تي اسان جي جائز دعويٰ جو بنياد هئڻ گهرجي.

(j) واپڊا جو دستاويز "ڪالاباغ ڊيم رٿا-ايگزيڪيٽو سمري (آڪٽومبر 1988)" واضح ٿو ڪري ته ڪالاباغ ڊيم تي رٿيل توانائي اُپت 11413 گيگا واٽ آهي جڏهن ته ڪالاباغ سبب تربيلا تي 336 گيگا واٽ اُپت حاصل ٿيندي. ان ريت تربيلا تي واڌو اُپت لڳ ڀڳ 3 سيڪڙو هوندي، نه ڪي 30 سيڪڙو، جهڙي ريت ٽيڪنيڪل ڪميٽيءَ جي ستن ميمبرن ڄاڻايو آهي.

5.5 ڪالاباغ جا ساڄي ۽ کاٻي ڪنڌيءَ وارا ڪينال

واپڊا جو موقف

واپڊا ڄاڻايو آهي ته اڳيئي مڪمل ڪيل ڊيزائين موجب ڪالاباغ ڊيم رٿا ۾ ساڄي يا کاٻي ڪنڌيءَ وارو ڪينال شامل ڪرڻ جي ڪا به رٿ ناهي، جيتوڻيڪ انهن جا ڪي ٽيڪنيڪل فائدا ضرور ٿي سگهن ٿا.

ٽيڪنيڪل ڪميٽيءَ جي ستن ميمبرن جو موقف

(1) مئي 2005 واري پنهنجي رپورٽ ۾ ٽيڪنيڪل ڪميٽيءَ جي ستن ميمبرن ڄاڻايو آهي ته ڪالاباغ ۾ ڊيرا اسماعيل

خان جي وڏي ايراضي کي آبپاشي لاءِ پاڻي فراهم ڪرڻ ۽ پاڻيءَ جي وڌ کان وڌ پئداوار پرٺي استعمال لاءِ سنڌو-جهلم-چناب دريائي سرشتن کي هڪ طاس ۾ ڳنڍڻ جوڳو بڻائڻ جو ست آهي. هُنن وڌيڪ ڄاڻايو آهي ته ڪالاباغ اُهو واحد ماڳ آهي جيڪو پختونخواهہ صوبي جي ڊيرا اسماعيل خان ۽ بنون وارن علائقن لاءِ، ساڄي ڪنڌيءَ واري هڪ نيڪال ذريعي لڳ ڀڳ پنج لک ايڪڙ فوٽ زمين زميني وهڪري سان سيراب ڪري سگهي ٿو. هنن اهو پڻ ڄاڻايو آهي ته ڪنهن ٻئي ڊيم جو ماڳ پختونخواهہ صوبي کي دريائي فراهمين جو پنهنجو حصو استعمال ڪرڻ لاءِ اِها سهولت فراهم نٿو ڪري. اِهو به ڄاڻايو ويو آهي ته ڪالاباغ جي کاٻي ڪنڌيءَ واري ڪينال کان سواءِ جهلم درياءَ جون اڳاٽي برف پگهرجڻ واريون فراهميون اڳاٽي خريف ۾ سنڌ جون ضرورتون پوريون ڪرڻ بدران آبي ذخيرو ڀرڻ لاءِ پاڻي جمع ڪرڻ جاري رکنديون.

(2) مئي 2005 واري رپورٽ ۾ ڪميٽي ميمبر شمس الملڪ وڌيڪ ڄاڻايو آهي ته "اسين ڪالاباغ آبي ذخيري مان ڪينال ڪيڍڻ بابت سنڌ صوبي جي خدشن کان اڻواقف ناهيون. اسين اِهو به سمجهون ٿا ته ماضيءَ ۾ ڪجهه غير ذميوار عملدارن جي ڪيل ڪجهه اپاڱن اُپائن اهڙن خدشن کي هٿي ڏني آهي، پر ڪي مثبت مثال پڻ موجود آهي. سرحد صوبي نہ تربيلا جي ساڄي ڪنڌيءَ واري اونچي سطح واري ڪينال ۽ نہ ئي وري چشما بيراج مان پنهنجي طئي ٿيل حصي کان وڌيڪ ڪو وهڪرو حاصل ڪيو آهي. بهر صورت لڳايل ٽيليميٽري سرشتو اهڙي ڄاڻ فراهم ڪري سگهي ٿو جنهن سان طئي ٿيل حصي کان وڌيڪ ڪو به استعمال ڄاڻ ۾ اچي ويندو.

ٽيڪنيڪل ڪميٽيءَ جي ميمبر سردار احمد مغل جو موقف

مئي 2005 واري ٽيڪنيڪل ڪميٽيءَ جي ستن ميمبرن جي رپورٽ ۾ سردار احمد مغل جو هيٺين ريت چوڻ آهي: "ڪالاباغ ڊيم جي متاهين سطح واري ڪاهي ۽ ساڄي ڪنڌيءَ واري نيڪال (ڪينال) لاءِ سرنگهن جي شديد مخالفت آهي. اڏاوت دوران ڪي به واهن جا منهن نه ڏنا وڃن."

ٽيڪنيڪل ڪميٽيءَ جي چيئرمين جي راءِ

(1) واپڊا چاڻايو آهي ته ڪالاباغ ڊيم ۾ ساڄي ۽ کاٻي ڪنڌيءَ وارن ڪينالن کي شامل ڪرڻ جي ڪا به رٿ ناهي.

(2) پر ٽيڪنيڪل ڪميٽيءَ جي ستن ميمبرن ساڄي ۽ کاٻي ڪنڌي وارن ڪينالن جي اڏاوت لاءِ سرگرم وڪالت ڪئي آهي، بهرحال هنن ڪينالن لاءِ ڪو جواز، رٿابندي ۽ ڊيزائين جي بنياد بابت ڪا ڳالهه نه ڪئي آهي. ڪالاباغ ماهرن طرفان ڪالاباغ ڊيم رٿا جي رٿابندي رپورٽ (جولاءِ 1984) ۾ ڄاڻايل تحت رٿيل ڪالاباغ ساڄي ۽ کاٻي ڪنڌيءَ وارن ڪينالن جا اهم پهلو هيٺين ريت آهن:

(a) ساڄي ڪنڌيءَ وارو ڪينال

- اِهو آبادي لائق 850،710 ايڪڙ ايراضيءَ لاءِ آبپاشيءَ واريون فراهميون ڪندو. 65 سيڪڙو ايراضي زميني وهڪري ذريعي ۽ 35 سيڪڙو ايراضي چاڙهه ذريعي سيراب ٿيندي.
- وڌ ڪان وڌ ماهوار ڇوڙ واري گنجائش 8300 ڪيو سڪ هوندي.
- ساڄي ڪنڌيءَ واري ڪينال ۾ 37.5 فوٽن ڊاٻا ميٽر واري 15.5 ميل سرنگهه ۽ 34 ميل ڪينال شامل هوندا.

(b) کاٻي ڪنڌيءَ وارو ڪينال

- اِهو آبادي لائق 287,310 ايڪڙ ايراضي لاءِ آبپاشيءَ

واريون فراهميون ڪندو. اِهو 63.6 فٽ ڇاڙهه ذريعي 8000 ڪيوسڪ پاڻي نيڪال ڪندو.

- وڏ ڪان وڏ ماهوار ڇوڙ واري گنجائش 13100 ڪيوسڪ آهي.
- ڪابي ڪنڊيءَ واري ڪينال ۾ هر هڪ 5.8 ميل ڊگهي 33 فوٽ ڊايا ميٽر واريون ٻه جاڙيون سرنگهون ۽ جهلم درياءَ سان هڪ لنڪ ڪينال هوندو.

(c) ٻنهي ڪينالن جو ڪُل ساليانيِ ڇوڙ جو مقدار لڳ ڀڳ 8 ملين ايڪڙ فوٽ جيڪو ذري گهٽ خريف ۽ ربيع جي مُندن ۾ هڪ جيترو هوندو.

(d) سرنگهون اڏڻ انتهائي مهانگو ٿيندو ۽ انهن کي اهڙين ايراضين مان لنگهڻو پوندو جتي جاگرافيائي حالتون انتهائي اڻ سهائيندڙ آهن. نيڪال جو استعمال هر سال 1000 گيگا وات توانائي جي زيان جو سبب بڻجي سگهي ٿو. جيڪو ڪالاباغ جي اُپت واري گنجائش جو ذري گهٽ 10 سيڪڙو آهي. ماهرن تت/تيجو ڪڍيو آهي ته سرنگهون اڏڻ ڏکيو ٿيندو. جيڪي مستقبل جي ارضياتي ڏڦيڙ/ڦير گهير ۾ جو ڪم پريون هونديون ۽ اهو ڪم عمومي مجيل معيارن ذريعي جوڳو نٿو ليکي سگهجي.

(3) پنهنجي مئي 2005 واري رپورٽ ۾ ٽيڪنيڪل ڪميٽيءَ جي ستن ميمبرن سرحد صوبي ۾ ڊيرا اسماعيل خان ۽ بنون ضلعن جي ساڄي ڪنڊي واري ڪينال ذريعي آباد ٿيندڙ پنج لک ايڪڙ زمين جي نشاندهي ڪئي آهي. هُنن ڪاهي ڪنڊيءَ واري ڪينال ذريعي آباد ٿيندڙ ڪنهن ٻه ايراضيءَ جو ڪو ذڪر نه ڪيو آهي. بهرحال، مٿي ڏنل تفصيلن موجب، ڪالاباغ ماهرن جي ڪٽ رپورٽ پٽاندڙ ساڄي

ڪنڊيءَ واري ڪينال ذريعي ڊيرا اسماعيل خان، ڊيرا غازي خان، ميانوالي ۽ بنون ضلعن جي 850,710 ايڪڙ زمين سيراب ٿيندي جڏهن ته ڪاهي ڪنڊيءَ واري ڪينال ذريعي پنجاب جي خوشاب/جلال پور علائقي جي 287,310 ايڪڙ زمين سيراب ٿيندي. ٻنهي ڪينالن جي ڪُل ڪمانڊ ايراضي 11,28,020 ايڪڙ ٻڌجي ٿي. انهيءَ ايراضيءَ جو هڪ چڱو موچارو حصو پاڻي چاڙهه واري آبپاشيءَ جو متقاضي هوندو. انهن ڪينالن لاءِ پاڻيءَ جي ڪُل گهرج لڳ ڀڳ 8 ملين ايڪڙ فوٽ (خريف ۽ ربيع ٻنهي مُندن ۾ چار چار ملين ايڪڙ فوٽ) هوندي، جڏهن ته ڪالاباغ ڊيم جي روان ذخيري واري گنجائش 6.1 ملين ايڪڙ فوٽ ئي آهي. ٻنهي ڪينالن جي چوڙ واري گنجائش 21000 ڪيوسڪ ڪان وڌيڪ هوندي.

(4) ڪالاباغ مان نڪرندڙ ڪاهي ڪنڊيءَ وارِي ڪينال ۾ ڪالاباغ - رسول لنڪ لاءِ بندوبست پڻ شامل آهي، جنهن جا ڪي به تفصيل نه ڏنا ويا آهن ۽ ان جي به وضاحت نه ڪئي وئي آهي ته ڪهڙي بنياد تي ان جي ضرورت آهي. اهڙي ڪنهن لنڪ جو ڪو جواز ناهي ڇاڪاڻ ته سنڌو دريا جيءَ پاڻيءَ واري ناهه ۾ تفويض ڪيل 34000 ڪيوسڪ گنجائش وارا ٻه سنڌو درياءَ جا لنڪ (چشما-جهلم ۽ تونسا-پنجند) اڳئي موجود آهن ۽ سنڌو درياءَ جو مرڪزي وهڪرو معاون ايراضين ڏانهن پاڻيءَ جي منتقليءَ جو وڌيڪ اضافي بار برداشت نٿو ڪري سگهي. اِهو پهلو مول متو نمبر 5(b) ۾ پڻ واضح ڪيو ويو آهي. ستن ميمبرن جو اِهو قياس ته رٿيل لنڪ سنڌ کي لاڀ رسائيندو، عقل چرخ ڪندڙ ۽ بادي النظر ۾ غير حقيقت پسندانو آهي.

(5) مٿين حقيقتون ڄاڻائين ٿيون ته ڪالاباغ مان ڪاهي ۽

ساچي ڪنديءَ وارا ڪينال نه ڪو جواز ٿا رکن ۽ نه ئي وري عمل جوڳا آهن. 1984 واري ڊيزائين 21000 ڪيوسڪ کان وڌيڪ وارن وڏي شاهي گنجائش ۽ ڊيم جي گنجائش کان گهٽ وڌيڪ 8 ملين ايڪڙ فوٽ پاڻيءَ جي ضرورت ٿي جاٽائي. ان مان 4 ملين ايڪڙ فوٽ ذخيرو ڪيل پاڻيءَ مان ربيع واري مُند دوران گهربل هوندو. جيڪو ڊيم جي گنجائش جو لڳ ڀڳ 66 سيڪڙو آهي. جيتوڻيڪ واپڊا جاٽايو آهي ته رٿا ۾ انهن ڪينالن کي شامل ڪرڻ جي ڪا رٿ ناهي پر ان هوندي به انهيءَ منصوبي/تصور سبب پيدا ٿيل خدشا باجواز آهن. ان ڪري انهن ڪينالن جي رٿ کي حتمي طور تي ختم ڪرڻ گهرجي. انهن ڪينالن لاءِ ڪجهه به فراهم ڪرڻ جي ضرورت ناهي.

(6) شمس الملڪ ڪالاباغ ڪينالن متعلق خدشن جو مٿاچرو ذڪر ڪيو آهي. هُن ڪجهه غير ذميوار عملدارن هٿان ٿيل ڪجهه اياڻن ڪمن جو حوالو ته ڏنو آهي پر نه ته اِهي ڪم جاٽايا اٿس ۽ نه ئي وري ڪي درست اُپاءَ رٿيا اٿس، ڪيس اِهو ادراڪ ڪرڻ کپندو هو ته اهڙن ڪينالن جي اڏاوت جيڪي نه حقيقت پسنديءَ وارا آهن ۽ نه ئي عمل جوڳا، ۽ پوءِ اِهو رٿڻ ته اِهي هيٺانهين وهڪري وارن صوبن جي نقصان ۾ نه وهايا ويندا ڪنهن به ريت مطمئن ڪندڙ منطق ناهي.

(7) پنهنجي مئي 2005 واري رپورٽ ۾ ستن ميمبرن اِهو به جاٽايو آهي ته ڪالا باغ ڊيم وارو ماڳ اُهو واحد ماڳ آهي جتان زميني وهڪري ذريعي سرحد صوبي جي ايراضين کي سيراب ڪري سگهجي ٿو. ان ڏس ۾ هيٺين نڪتن کي مدنظر رکيو ويجي:

(a) پاڻي ٺاهه 1991 جي پيرا نمبر 4 تحت، پاڇي دريائي فراهمين (بشمول ٻوڏ وارين فراهمين ۽ مستقبل جا

آبي ذخيرا) ۾ صوبن جو حصو طئي ڪيو ويو آهي.
هر صوبو پنهنجي حصي جو پاڻي موجود ڪينال جي
گنجائش وڌائڻ، سڄو سال نہ وهندڙ ڪينالن کي
سڄو سال وهندڙ ڪينالن ۾ تبديل ڪندي، انهن
ڪينالن جي ڪمانڊ ايراضي ۾ توسيع ڪندي يا
نوان ڪينال اڏڻ سميت مناسب ليڪجندڙ ڪنهن بہ
انداز ۾ استعمال ڪري سگهي ٿو. اِهو جانچڻ صوبن
جو ڪم آهي تہ وڌيڪ واري آبپاشيءَ ذريعي
پوکيءَ لاءِ نون ڪينالن لاءِ وڌيڪ مناسب ايراضيون
چونڊين. بهرحال نہ ئي ٺاهہ ۾ واضح ڪيو ويو آهي،
نہ ئي اِهو عمل جوڳو آهي تہ وهڪري واري آبپاشي
ذريعي انهن تفويض ٿيل فراهمين جي خاطري
ڪرائي سگهجي. زميني وهڪري وارين فراهميون
سڌو سنئون ڊيم مان حاصل ڪرڻ غير مناسب ۽
غيرحقيقي آهي. جيڪڏهن انهيءَ تصور کي قبول
ڪيو يا همٿايو ويو تہ پوءِ مستقبل جي سمورن ڊيمن
لاءِ ساڳي نوعيت جا مطالبا اٿندا جيڪي پورو ڪرڻ
نا ممڪن هوندا.

(b) واپڊا جي ويزن 2025 واري دستاويز ۾ سرحد صوبي ۾
ڪيترائي ننڍن ۽ وچولي ماپ وارن آبي ذخيرن جي
ماڳن جو اندراج ٿيل آهي. انهن ۾ گومل زيم، ٽانڪ
ڊيم، ڪرم تانگي، منڊا ڊيم ڊيم وغيره شامل آهن.
انهن ڊيمن مان ڪن جي گنجائش 1.0 ملين ايڪڙ
فوٽ کان وڌيڪ آهي. سرحد صوبو انهن ڊيمن ۾
ذخيرو ٿيل پاڻيءَ وسيلي پاڻي ٺاهہ ۾ تفويض پنهنجي
حصي کان وڌيڪ پاڻي حاصل ڪري سگهي ٿو.
1.13 ملين ايڪڙ فوٽ جي گنجائش سان گومل زيم

رٿا هڪ جاري ۽ اڏاوت هيٺ رٿا آهي، جيڪا سرحد صوبي کي ڪالاباغ ڊيم ۾ ان جي حصي کان وڌيڪ پاڻي مهيا ڪندي. اِهو پڻ نوٽ ڪيو ويو آهي ته صوبن خاص طور تي سرحد صوبي کي، سنڌو درياءَ جي مرڪزي پيٽ تي هر ڊيم ۾ ذخيرو ڪيل پاڻيءَ مان پنهنجو حصو ماڱڻ جي ضرورت ناهي، پر اِهو وڌيڪ حقيقت پسندانو عمل هوندو پر سرحد صوبو سنڌو درياءَ جي معاون تي صوبي اندر ٺهندڙ ڊيمن مان پنهنجي حصي جو پاڻي حاصل ڪري.

(c) جهڙن ريت مول متو نمبر (a) 4 "مستقبل جي آبي ذخيرن ۾ آبپاشي رٿائن لاءِ پاڻيءَ جي موجودگيءَ جو تعين" تحت اسان جي بحث هيٺ آندو ويو، اِها اٽٿيٽي ٿيندي ته مستقبل جا آبي ذخيرا هر سال ڀرجي ويندا ۽ ان ڪري انهن جي مڪمل گنجائش تحت هر سال پاڻي فراهم ڪرڻ ممڪن نه هوندو. جهڙي ريت مول متو نمبر (a) 4 تحت هن رپورٽ ۾ ڏنل جدول (ضميمو II-7) ۾ ڏنل ڳڻ ڳوت موجب 6.0 ملين ايڪڙ فوٽ جي گنجائش وارو ڪو ڊيم 28 سالن مان 10 سال ئي ڀرجي سگهبو ۽ اِهو پنهنجي 6.0 ملين ايڪڙ فوٽ واري مڪمل گنجائش بدران 2.14 ملين ايڪڙ فوٽ في سال ئي فراهم ڪري سگهندو. ان ڪري مستقبل جي آبي ذخيرن مان صوبن جي حصي جو تعين 2 ملين ايڪڙ فوٽ سالياني مان ڪرڻ گهرجي نه ڪي انهن جي 6.0 ملين ايڪڙ فوٽ واري مڪمل گنجائش مان. مستقبل جي آبي ذخيرن جا قاعدا قانون ۽ عملي وهنوار پڻ ان پٽاندر جوڙڻ گهرجن.

(d) ستن ميمبرن طرفان پرجوش انداز ۾ ان تي بہ زور ڏنو ويو آهي تہ نون آبي ذخيرن جي اڏاوت کان سواءِ، ڪوٽ وارن عرصن ۾ پاڻي ٺاهہ تحت تفويض مڪمل حصا ڏئي نٿا سگهجن. پاڻي ٺاهہ جي تفويض حصن جي پورائي ۾ ڪوٽ لڳ ڀڳ 12 ملين ايڪڙ فوٽ آهي. اِها ڪوٽ گهٽي پاڻي خريف واري مُند ۾ پيش اچي ٿي. ان ڪري مستقبل جي آبي ذخيرن کي ڀرين ان ڪوٽ جو پورائو ڪرڻ کپي، تنهن کان پوءِ ئي نين رٿائن جي واڌويجهہ لاءِ صوبن کي ڪو پاڻي فراهم ڪيو وڃي. ان ريت اڳجنڊڙ ڀريون ڊيم پاڻي ٺاهہ تحت تفويض حصن ۾ ڪوٽ جي پورائي وارو ڪم سر انجام ڏئي.

5.6 نوشهرو شهر جو لڙهي وڃڻ

واپڊا جو موقف

واپڊا چاڻايو آهي تہ ڪالاباغ ڊيم جي ڊُبي جا اثر نوشهري کان 10 ميل هيٺ ختم ٿي ويندا. پاڪستان ۾ عملي ماڊلنگ جي پٺيرائي واري هڪ انتهائي ماهراڻي ڪمپيوٽر اييا س واضح ڪيو آهي تہ 1929 واري ريڪارڊ ٻوڏ جو ورجاءُ بہ 100 سالن تائين آبي ذخيري ۾ ٽينڊڙ لٽ کان پوءِ بہ نوشهري ۾ پاڻيءَ جي سطح کي متاثر نہ ڪندو. ڪمپيوٽر اييا س تربيلا آبي ذخيرن جي اثرن کي شامل نہ ڪيو آهي، جيڪي هاڻ در حقيقت ٻوڏ جي چاڙهہ کي گهٽائيندي راحت پهچائي رهيا آهن. اِهي اييا س چيني ماهر (ڊاڪٽر ليان زين) ۽ بعد ۾ سرحد صوبي جي حڪومت طرفان نامزد ڪيل آمريڪا سان تعلق رکندڙ ڊاڪٽر ڪينيڊيءَ جي سربراهيءَ ۾ ماهرن جي عالمي پينل (Poe) جي نظر ثاني هيٺ آيا. اِهي ٻئي نظر ثاني وارا جائزا اييا سن جي وڏي پٺيرائي ٿا ڪن. POE پنهنجي رپورٽ ۾ چاڻايو آهي تہ هن اييا س جا نتيجا معتدل آهن.

ٽيڪنيڪل ڪميٽيءَ جي ستن ميمبرن جو موقف

مئي 2005 واري پنهنجي رپورٽ ۾ ٽيڪنيڪل ڪميٽيءَ جي ستن ميمبرن نوشهرو شهر جي ٻڏڻ بابت ڪو خاص موقف نہ ڏنو آهي. بهر صورت هُنن ڄاڻايو آهي تہ "اسان ڪي سرحد ۽ سنڌ صوبن جي بين ڄاڻايل خدشن جو پتو ناهي. هيءُ انهن کي تفصيل سان مخاطب ڪرڻ جو موقعو ناهي. ايترو چوڻ ڪافي ٿيندو تہ اهڙا سمورا دعوىٰ ڪيل خدشا بي بنياد آهن. ۽ اِهو نتيجو دنيا جي بهترين پيشيور ماهر جي موقف ۽ رپورٽ تي ٻڌل آهي، ماهر جن جي لفظن/ڳالهہ کي عالمي سطح تي مڃتا حاصل آهي."

ٽيڪنيڪل ڪميٽيءَ جي چيئرمين جي راءِ

واپڊا جو چوڻ آهي تہ ڪرايل اڀياسن موجب ڪالاباغ واري ماڳ کي 915 فوٽن واري ذخيري جي سطح تي نوشهري ۾ ڪا ٻوڏ نہ ايندي. بهرحال هيٺين نڪتن کي مدنظر رکڻ گهرجي:

(1) نوشهره شهر تي ٻوڏ جي سطح بابت جولاءِ 1984 واري پنهنجي رپورٽ ۾، ڪالاباغ ماهرن ڄاڻايو آهي تہ ٻوڏ جي سطح جي ڊگهي عرصي تائين جمع ٿيڻ وارن اثرن جي ڪٿ نہ ڪئي وئي آهي. بهر صورت، ان ۾ ڪي قدر شڪ آهي تہ نوشهره ٻڏڻ کان محفوظ رکڻ ۾ ڏينهون ڏينهن مشڪل ٿيندو ۽ اِهو تہ گهٽ سطح واري لٽ ڪيڻ واري طريقي کان تحفظ جي اثرن کي اينگهہ ڏيندي." ان ڪري ڪالاباغ ڊيم جي لٽ گهٽائڻ جو انحصار لٽ جمع ٿيڻ واري عمل کي مستقل ۽ اثرائتي انداز ۾ ڪيڻ تي هوندو. اِهو چئي سگهجي ٿو تہ ڪالاباغ ڊيم جي ڊيزائين هيٺين سطح واري لٽ ڪيڻ واري نظام بدران وچين سطح واري لٽ ڪيڻ واري نظام تي ڊزائين ٿيل آهي.

(2) ڪالاباغ ڊيم جي رٿيل ذخيري واري سطح 915 فوٽ آهي. بهرحال ماهرن جي ڏنل ڊيزائين موجب اٽل راهہ 934 فوٽن

جي سطح تي ڪم ڪندو. نيڪال جي عمل پذير هئڻ دوران ٻوڏن/چاڙهه ۾ نوشهره تي ان سطح جا ڪهڙا اثر پوندا؟ اهو نڪتو 12 جنوري 2005 تي ڪوٺايل ٽيڪنيڪل ڪميٽيءَ جي ستين گڏجاڻيءَ ۾ پڻ بحث دوران اُٿاريو ويو پر واپڊا ان تي ڪا به وراڻي نه ڏني. 1984 واري ڪالاباغ ڊيم ماهرن جي رپورٽ ۾ اِهو چيو ويو آهي ته ڪالاباغ تي آبي ذخيري جي سطح ۾ 2.5 فوٽن جي اضافي سان نوشهره تي ٻوڏا/چاڙهه واري سطح ۾ 1.0 فوٽ جي واڌ ايندي. ان ڪري ڪالاباغ ڊيم جي نيڪال جي 934 فوٽن واري سطح تي هلڻ دوران نوشهره تي سطح ۾ 8.0 فوٽ واڌ ايندي. ان جي توقع رکڻ گهرجي ته نوشهره ۾ ٻوڏ/چاڙهه جا اثر گهٽي ياڳي ٻوڏ واري مُند ۾ ايندا، جڏهن نيڪال عمومي وهڪري وارن عرصن جي 915 يا گهٽ واري ذخيري جي سطح ۾ ڪم نه ڪري رهيا هوندا.

(3) ڪالاباغ ماهرن جي 1984 واري رپورٽ ۾ نوشهره شهر جي حفاظت لاءِ 25 فوٽ اونچائي وارا بند اڏڻ جو رٿيو ويو هو. ذخيرو ڪرڻ واري سطح 925 فوٽ کان 915 فرٽ تائين گهٽائڻ جو رٿيندي اِهو ڄاڻايو ويو آهي ته بندن تعمير نه ڪيان ويندا. بهر صورت اِهو نوٽ ڪرڻ گهرجي ته ذخيري واري سطح 10 فوٽ گهٽائڻ سان نوشهره ۾ به سطح 10 فوٽ کن ئي گهٽ ٿيندي. ان ڪري خود واپڊا جي ڪٽ موجب بندن جي سطح گهٽ ۾ گهٽ 15 فوٽ گهربل هوندي. واپڊا طرفان اِهو ڄاڻايو ويو آهي ته جيڪڏهن ڪالاباغ تي 915 فوٽ واري ٻوڏ چاڙهه سان نوشهره جو ٻڏڻ ڪالاباغ ڊيم جي اڏاوت سبب نه هوندو. بهرحال، ڪالاباغ ڊيم جي اڏاوت کان پوءِ ٻوڏن دوران نوشهره ۾ اهڙي ڪنهن صورتحال جي پئدا ٿيڻ تي متاثر ٿيلن جي رد عمل کي روڪڻ ڏکيو ٿيندو.

(4) وفاقي حڪومت/ چيف انجنيئرنگ صلاحڪار تي اييباس ڪري رهيا آهن، ۽ ڪوٽڙيءَ کان هيٺ سمنڊ ڏانهن چوڙ ۽ هڪ ملڪ جي باقي حصن ۾ ماحولياتي ڳڻتين بابت. ٽين اييباس جي مول متن ۾ ڪالاباغ ڊيم ٺهڻ جي صورت ۾ سرحد صوبي تي پونڌڙ امڪاني اثرپڻ شامل آهي. اها توقع آهي ته اييباسن تي ماهرن جون سفارشون آڪٽوبر 2005 تائين سامهون اينديون. ماهرن جي سفارشن جو انتظار ڪرڻ مناسب ٿيندو جيڪي واسطيدار صوبي سان صلاح مشوري ذريعي جائزو وٺندا هوندا ۽ پوءِ مناسب فيصلا ڪيا وڃن.

5.7 ياشا ڊيم

واپڊا جو موقف

(1) واپڊا ڄاڻايو آهي ته ياشا ڊيم رٽا جي ڪٽ وارو اييباس جون 2004 تائين مڪمل ڪيو ويندو (هاڻ اِهو اييباس مڪمل ٿي چڪو آهي) واپڊا طرفان ياشاڊيم تي ايندڙ مالي لاڳت 6.7 ارب آمريڪي ڊالر ڄاڻائي وئي آهي.

(2) ياشاڊيم ۾ 7.34 ملين ايڪڙ فوٽ روان ذخيري ۽ 4500 ميگاواٽ هائيڊرو پاور پئداوار جي گنجائش آهي.

(3) تفصيلي انجنيئرنگ ڊيزائن ۽ ٽينڊر دستاويز 2006 ڌاري مڪمل ٿي ويندا. اڏاوتي ڪم 2007 ۾ شروع ڪري سگهجي ٿو. ان جي مڪمل ٿيڻ ۾ ست سال ٿيندا.

(4) ياشاتي درياءَ جو ساليانو سراسري وهڪرو لڳ ڀڳ 50 ملين ايڪڙ فوٽ آهي.

(5) رٽا ۾ مانسهرا کان چلاس تائين قراقرم هاءِ وي جي بهتري ۽ ڪشادگي شامل آهي.

ٽيڪنيڪل ڪميٽيءَ جي ستن ميمبرن جو موقف

مئي 2005 واري پنهنجي رپورٽ ۾ ٽيڪنيڪل ڪميٽيءَ جي

ستن ميمبرن هيٺين ريت ڄاڻايو آهي:

(1) (a) ويزن 2025 دستاويز ۾ واپڊا ڊيم جي اونچائي 660 فوٽ، روان ذخيرو 5.7 ملين ايڪڙ فوٽ، لڳايل توانائي جي گنجائش 3360 ميگاواٽ واضح ڪئي آهي. رٿا جي صورتحال ڪٽ کان اڳ واري سطح آهي ۽ ان تي عمل در آمد جو عرصو 10 سال آهي. بهرحال سيپٽمبر 2003 ۾ واپڊا جي صلاحڪار ماهرن دائري کي جوڳي حد تائين نظر ثاني ڪري وڌايو. ڊيم جي اونچائي 908 فوٽن تائين ۽ ذخيري کي 7.34 ملين ايڪڙ فوٽ تائين وڌايو ويو پر عمل در آمد واري عرصي ۾ ٽي سال گهٽتائي آڻي ست سال ڪيو ويو. ڊيم کي Rock-fill مان بدلائي Roll Crete ڊيم ڪيو ويو آهي. 2013 ۾ ڊيم کي عمل هيٺ آڻڻ جو هڪ خوش فهمي پريو ۽ غير حقيقت پسندانو شيڊول ڏنو ويو آهي.

(b) سرگرم زلزلي واري ايراضيءَ ۾، 908 فوٽ اونچائي سان ياشاتي Roll Crete ڊيم فني ڪمال جو نمونو هوندو. ٻئي پاسي 600 کان 650 فوٽن وارو ڊيم، پنهنجي پائيدار حفاظت لاءِ ڪي جوکم پيدا ڪرڻ کان سواءِ جوڳا گهڻ طرفا لاڀ (پاڻي-توانائي) پيدا ڪري سگهي ٿو. پاڪستان کي سهولت گهرجي نه ڪي اجگر- اسان کي ڍانچن جو يقيني تحفظ گهرجي نه ڪي طبعي تنوع جا عالمي ريڪارڊ. دنيا ۾ ڪٿي به هيل تائين اهڙين اڻ سهائيندڙ حالتن ۾ اهڙو يا ان کان نسبتاً گهٽ اونچائي وارو Roll Crete ڊيم نه اڏيو ويو آهي. ان نوعيت جا وڏا ڊيم تڙ تڪڙ ۾ نه اڏيا ويندا آهن. انهن لاءِ بنيادي طور تي ڊيم جي انجنيئرنگ ۾ مهارت لاءِ عالمي ميڃتا رکندڙ ۽ خاص طور تي سرگرم زلزلي واري جابلو ايراضين ۾ اڏاوت جو تجربو رکندڙن ذريعي ماڳ جي جوڳي جانچ پڙتال، متبادل جي ڪٿ، جوکم جو تجزيو ۽

ڊيزائين جو اپياس گهربل هوندا آهن. ياشاجي ماهري ۾ انهن اشد ضروري گهرجن جو پورائو نظر نٿو اچي.

(c) ابتدائي طور ڊيم جي اونچائي 550 کان 650 فوٽن تائين محدود ڪرڻ ۾ ڊانچي جي مشاهدي/جائزي لاءِ هِڪ اثرائتو اوزارن وارو سرشتو جوڙڻ ۾ لڳائڻ مناسب ٿو لڳي ته جيئن 30 کان 40 سالن جي سهيڙيل انگن اکرن جي بنياد تي ان جي اونچائي وڌائڻ بابت ڪو فيصلو ڪري سگهجي. ان سان اسان ڪي يقيني تحفظ حاصل ٿي سگهندو. ڊيم ڪي موجود جاڻ ۾ تجربي تحت جوڳي حد تائين محفوظ هئڻ گهرجي.

(2) ذخيري جي گنجائش 7.34 ملين ايڪڙ فوٽ آهي.

(3) واپڊا جي صلاحڪار ماهرن عمل در آمد وارو عرصو ستن کان گهٽائي ٽي سال ڪيو آهي. ماڳ جي مناسب جانچ پڙتال/ڊيزائين جي متبادلن، رسائي وارن رستن ۾ بهين بندوبستن جي بهتري، جوکم ۾ مالياتي اپياسن، سخت موسمياتي حالتن ۾ بنجر ۾ ٽڪرين وارن جبلن مٿان وڏي وولٽيج وارين ٽرانسميشن لائينن بابت عملي/علمي جانچ، نئين سر بحالي/ماحولياتي ماهرن ۾ اور چائپ/ خبرداري جي اعلیٰ مظاهري ۾ اعتدال پسندي لاءِ چار کان ڇهه سال گهربل هوندا. ان جي ٽينڊر جاري ڪرڻ ۾ عمل در آمد واري مرحلي تائين رسڻ ۾ پنجن کان ڇهه سال لڳي ويندا. قراقرم هاءِ وي جي بهتري ۾ ماڳ/ڊيزائين جي اپياسن تي ڪم شروع ڪرڻ گهرجي ته جيئن انهيءَ مهارتي فن واري رٿا تي وقت ۾ اڻ ڏٺل ڏکيائين کي منهن ڏيڻ کي تيز ڪري سگهجي.

(4) ياشاڊيم واري ماڳ تي سنڌو درياءَ جو ساليانو وهڪرو 50 ملين ايڪڙ فوٽ آهي، جيڪو مڪمل طور تي برف پگهرجڻ مان حاصل ٿئي ٿو.

(5) ڪيل اپياسن ۾ قراقرم هاءِ وي سان لڳندڙ رستن جي

بهتري/منتقلي تي جوڳو ڌيان ڏنل نظر نٿو اچي. رٿا جا ماهر اييپاسن لاءِ مصنوعي طور تي تيار ڪيل شيڊول ۽ رٿا جو شيڊول مناسب انجنيئرنگ ۽ پائيدار عمل لاءِ بنيادي ڍانچو تيار ڪرڻ سان اور چائپ بدران اڳوات طئي ڪيل ڳالهين/ماهرن جي پوئواري ڪندي ٽا نظر اچن.

(6) ڀاشا ڊيم رٿا بلاشڪ هڪ اڏاوت جوڳي رٿا آهي، پر ان لاءِ ڊگهي عرصي تائين ٽينڊر گهٽ وڌيڪ اووچائپ ۽ وسيع جانچ ۽ اييپاسن جي ضرورت آهي ته جيئن ان رٿا کي ان مڃتا ماڻيل عالمي معيارن تي هڪ محفوظ ۽ ڪارائتو بڻائي سگهجي. ان جو ماڳ اترئين علائقي ۾ آهي جيڪو نسبتاً ٽڪرائون ۽ بنجر علائقو آهي ۽ اِهو وڏن ۽ ڳنڀير ٽيڪنيڪل، ماحولياتي، نئين سر آباد ڪاري ۽ سماجي مسئلن سان گڏوگڏ هڪ سرگرم زلزلي واري پٽيءَ تي پڻ آهي جن لاءِ وقت ۽ لاڳت جي اضافي سيڙپ کي پڻ مدنظر رکڻو پوندو. ان مان حاصل ٽينڊر لاڻ جي اسم وار لاڳت ماڳ تائين ڏکئي رسائي سبب نسبتاً وڌيڪ هوندي. انتها درجي واري احتياط جي ضرورت تي زور ڏيڻ جي نئين سر ضرورت محسوس نٿي ٿئي. ڊيم جي سرگرم اڏاوت لاءِ رٿا شروع ڪرڻ کان اڳ جاچن ۽ اييپاسن جي مڪمل ٽيڻ ۽ قراقرم هاءِ وي سان لڳندڙ رستن جي بهتريءَ کي مناسب وقت ڏيڻ گهرجي.

ٽيڪنيڪل ڪميٽيءَ جي چيئرمين جي راءِ

(1) (a) ڀاشا ڊيم ڪٽ وارو اييپاس ڪڍهوڪو مڪمل ٿي چڪو آهي. ڪٽ واري اييپاس جي ايگزيڪيٽو سمريءَ جي ڪاپي 9 آڪٽوبر 2004 تي واپڊا طرفان ٽيڪنيڪل ڪميٽيءَ جي سمورن ميمبرن کي ڏني وئي. ڪٽ رپورٽ موجب رٿا جي ڪٽيل لاڳت 6.46 ارب امريڪي ڊالر آهي.

(b) ٽيڪنيڪل ڪميٽيءَ جي ستن ميمبرن واپڊا جي ويزن 2025 پروگرام ۾ ڏنل انگن اکرن جي پيٽ ۾ ڀاشا ڊيم جي اونچائي ۽ گنجائش وڌائڻ تي اعتراض واريو آهي. معزز ميمبرن جي انهيءَ موقف کي ساراهي نٿو سگهجي ڇاڪاڻ ته ويزن 2025 پروگرام ۾ ڏنل انگ اکر ڪنهن به تفصيلي ڪٽ تي آڌاريل نه هئا. ڊيم جي اونچائي ۽ گنجائش جا تازه ترين ڪٽ واپڊا طرفان مقرر ڪيل ماهرن جي تيار ڪيل رٿا جي تفصيلي ڪٽ رپورٽ تي ٻڌل آهن. ان کان سواءِ گنجائش ۾ واڌ کي ڪنهن فائدي طور ليکڻ گهرجي نه کي تنقيد جي موضوع طور.

(c) واپڊا جي ويزن 2025 پروگرام دستاويز ۾ ڀاشا ڊيم رٿا جي اهم نڪتا نشاندهي ٿاڪن ته رٿا جي ڪٿيل لاڳت (اپريل 2002 ۾) 131.3 ارب رپيا هوندي، جيڪا 50 ڪروڙ آمريڪي ڊالرن کان گهٽ جي برابر آهي. ڇا اها لاڳت قبولڻ جوڳي ۽ حقيقت پسند آهي؟

(d) ستن ميمبرن ڊيم جي اونچائي ۽ ان جي اڏاوتي سامان (Roll Crete) تي پڻ اعتراض واريو آهي ۽ ان کي هڪ اڳجگر قرار ڏنو آهي. معزز ميمبرن جي اِها راءِ جٽادار ناهي ڇاڪاڻ ته ماهرن ڊيم جي ڪٽ جوڙي آهي. جديد ٽيڪنالوجي ۾ ڪنهن به اونچائي ۽ گنجائش وارو ڪو ڊيم ڊيزائين ڪرڻ ڏکيو ڪم ناهي. 1980 ۾ تاجڪستان ۾ اڏيل نيورڪ ڊيم 300 ميٽرن (لڳ ڀڳ 1000 فوٽ) جي اونچائي تي آهي جڏهن ته دنيا ۾ ٻيا به ڪيترائي ڊيم 800 کان 1000 فوٽن جي اونچائي تي اڏيا ويا آهن. ان ڪري اسان کي مضبوط دليلن جي موجودگيءَ تائين ماهرن جي تيار ڪيل ڪٽ رپورٽ ۾ واضح ڪيل ڊيم جي ڊيزائين وارن پهلوئن کي قبول ڪرڻو پوندو. معزز ميمبرن جوادراڪ ته ڀاشا ڊيم جي

مامري ۾ ماڳ جي جاچ، ڊيزائين جي اپياسن جهڙين انتهائي اهم ضرورتن جو خيال نہ رکيو ويو آهي، درست ناهي چاڪاڻ تہ اهل ماهرن رٿا جي جوڙجڪ ۽ تفصيلي ڪٿ لڳائي آهي، جنهن جي ماهرن جي عالمي پينل نظر ثاني پڻ ڪئي آهي.

(2) ڀاشا ڊيم جي ڪٿ رپورٽ موجب ڊيم جي لڳايل توانائي جي پئداوار جي گنجائش 4500 ميگا واٽ آهي. ڀاشا تي ڪُل ساليانيءَ توانائي جي پئداوار جو ڪاٿو 16768 گيگا واٽ لڳايو ويو آهي. ان کان سواءِ ڀاشا ڊيم جي اڏاوت کان پوءِ تربيلا تي اضافي 1542 گيگاواٽ توانائي حاصل ٿيندي.

(3) جيستائين عمل در آمد لاءِ رٿا جي تيار هئڻ جو تعلق آهي، رٿا جي ڪٿ وارو اپياس اڳيئي مڪمل ڪيو ويو آهي. واپڊا موجب تفصيلي انجنيئرنگ ڊيزائين ۽ ٽينڊر دستاويز 2006 تائين مڪمل ڪيا ويندا. اڏاوت 2007 کان شروع ٿي سگهجي ٿي جيڪا مڪمل ٿيڻ ۾ ست سال لڳي سگهن ٿا. ڪٿ واري اپياس ۾ ماهرن واپڊا واري ميعاد جي پٺڀرائي ڪئي آهي. ٽيڪنيڪل ڪميٽيءَ جي ستن ميمبرن ڄاڻايو آهي تہ ويزن 2025 پروگرام ۾ رٿا جي صورتحال ڪٿ کان اڳ واري صورتحال ڄاڻايل آهي. ستن ميمبرن جو اِهو چوڻ درست ناهي ڇاڪاڻ تہ ويزن 2025 پروگرام ۾ رٿا کي ڪٿ واري مرحلي تي ڄاڻايو ويو آهي جيڪا 2004 ۾ مڪمل ٿي چڪي آهي. ٽيڪنيڪل ڪميٽيءَ جي ستن ميمبرن اِهو بہ ڄاڻايو آهي تہ واپڊا جو ويزن 2025 پروگرام رٿا تي عمل در آمد جو عرصو 10 سال ٿو ڏيکاري، پر ڏهن سالن وارو اِهو انگ ويزن 2025 پروگرام ۾ ڪٿي ڳولهيو نٿو ملي. واپڊا ۽ ماهرن ٻنهي عمل در آمد لاءِ ستن سالن واري عرصي جو شيڊيول ڏنو آهي. ان کان سواءِ ستن معزز ميمبرن

اِهو بہ ظاهر ڪيو آهي تہ مناسب ماڳ جي جاچ، ڊيزائين وغيره ۾ 4 کان 6 سال ۽ ٽينڊر ۽ عمل در آمد واري سطح تي پهچڻ ۾ امڪاني طور 5 کان 6 سال لڳي سگهن ٿا. پر حقيقت اِها آهي تہ ڪٽ جو اپياس اڳئي مڪمل ٿي چڪو آهي ۽ واپڊا موجب جهڙي ريت ماهرن جي ڪٽ رپورٽ ۾ پڻ ڄاڻايو ويو آهي تہ ڊيزائين ۽ ٽينڊر دستاويز ٻن سالن ۾ مڪمل ٿي ويندا ۽ ٽينڊر واريون گهرجون 2007 تائين مڪمل ڪري سگهجن ٿيون ۽ ان دوران ٺيڪيدارن طرفان تحرڪ شروع ٿي سگهي ٿو. واپڊا ۽ ڀاشاڊيم صلاحڪار ماهرن جي ڪٽ کي قبول نہ ڪرڻ جو ڪو سبب ناهي.

(4) ستن ميمبرن ڄاڻايو آهي تہ ڀاشا تي سنڌو درياءَ جو سراسري ساليانو وهڪرو لڳ ڀڳ 50 ملين ايڪڙ فوٽ آهي جيڪو مڪمل طور تي برف جي پگهرجڻ مان اچي ٿو. اِهو ڀاشا ڊيم جو هڪ مثبت پهلو آهي ڇاڪاڻ تہ برف پگهرجڻ مان ايندڙ دريائي وهڪرا ورلي ايندڙ زوردار برساتي /چوماسي جي پئدا ڪيل وهڪرن جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ متوازن ۽ انحصار ڪرڻ جوڳا ٿين ٿا.

(5) ستن ميمبرن طرفان ڄاڻايو ويو آهي تہ ڀاشا ڊيم جي اڏاوت لاءِ مانسهره کان چلاس تائين قراقرم هاءِ وي کي ويڪرو ۽ بهتر ڪرڻو پوندو. ڀاشاڊيم صلاحڪار ماهرن جي ڪٽ رپورٽ موجب، قراقرم هاءِ وي جي بهتري جي ضرورت نہ رڳو ظاهر ڪئي وئي آهي پر ان تي زور پڻ ڏنو ويو آهي ۽ اِهو ڄاڻايو ويو آهي تہ اڏاوتي ڪم کي منهن ڏيڻ لاءِ، قراقرم هاءِ وي جي تڪڙي بهتري اٽڪر آهي. جهڙي ريت ڪٽ رپورٽ ۾ ڄاڻايو ويو آهي تہ واپڊا طرفان مقرر ڪيل ڏار آزاد ماهرن نيشنل هاءِ ويز اٿارٽي سان صلاح مشوري سان قراقرم هاءِ وي کي 30 مهينن اندر بهتر بنائڻ جي هڪ رٿابندي اڳئي تيار

ڪري ورتي آهي. ماهرن طرفان ڏنل رٿا جي عمل در آمد واري شيڊول موجب قراقرم هاءِ وي جي بهتري وارو ڪم مرڪزي ڊيم تي اڏاوتي ڪم شروع ڪرڻ لاءِ تفصيلي ڊيزائين ۽ ٽينڊر وارين گهرجن جي شروع ٿيڻ تائين مڪمل ٿيڻ جي توقع آهي.

(6) ماهرن جي ڪٽ رپورٽ ان جي بہ نشاندهي تي ڪري تہ ڀاشا ڊيم تربيلا ڊيم جي ڪارائتي زندگيءَ ۾ ڪو ٿيهن ڪن سالن جو مثبت واڌارو ڪندو.

5.8 اسڪردو/ڪٽزارا ڊيم: رٿيل اسڪردو/ڪٽزارا ڊيم جا ڪجھ منفي اثر بہ ٿيندا جيئن اسڪردو شهر ۽ ائرپورٽ جو ٻڏڻ ۽ ماڻهن جو لڏ پلاڻ وغيره

واپڊا جو موقف

واپڊا موجب اسڪردو ڊيم جو ڪٽ ڪان اڳ وارو اڀياس سيپٽمبر 2003 ۾ شروع ڪيو ويو جيڪو سيپٽمبر 2005 ۾ مڪمل ٿيندو. جيڪڏهن اِهو ڊيم ٽيڪنيڪل، معاشي ۽ ماحولياتي لحاظ کان جوڳو ليکيو ويو تہ ان کان پوءِ ان جي ڪٽ ۽ ڊيزائين وارو ڪم شروع ٿيندو. ان جي اڏاوت 2015 کان پوءِ شروع ڪري سگهجي ٿي ۽ ان جي مڪمل ٿيڻ ۾ گهٽ ۾ گهٽ اٺ سال لڳندا. واپڊا اِهو بہ واضح ڪيو آهي تہ:

رٿيل اسڪردو/ ڪاٽزراهہ ڊيم

واپڊا اسڪردو شهر ۽ ايئرپورٽ جي لڙهي وڃڻ، آباديءَ جي لڏ پلاڻ وغيره جهڙن، ڪجھ منفي پهلوئن جو بہ اظهار ڪيو آهي.

ستن ميمبرن جو موقف

پنهنجي مئي 2005 واري رپورٽ ۾، ٽيڪنيڪل ڪميٽيءَ جي ستن ميمبرن هيٺين ريت جاچايو آهي:

”اسڪردو وارو ماڳ سنڌو درياءَ تي سڀ کان مٿاهون ڊيم جو

ماڳ آهي. ان ۾ ذخيري لاءِ برف پگهرڻ وارا ذخيرائي ميسر آهن. اِهو ماڳ ڏورانهون آهي ۽ ايپاس جي قياسي سطح تي ٿي آهي. گلگت چلاس کان اسڪردو تائين سنڌو درياءَ سان لڳو لڳ رستو سوڙهو ۽ ورن وڪڙن وارو آهي جيڪو ڳري گاڏين جي اچ وڃ لاءِ مناسب ناهي. ان جي بهتري قراقرام هاءِ وي جي بهتري کان وڌيڪ ڳڻيير ٿيندي. EHV پاور ٽرانسميشن ۾ ڳڻيير مسئلا ٿيندا ۽ ان جي بجلي مهانگي هوندي. اسڪردو شهر سان گڏوگڏ ڇانوڻي، هوائي پٽي ۽ بلتستان ماٿري ۽ سپيتا جو وڏو حصو پڻ لڙهي ويندا. هن شروعاتي مرحلي تي ان کان وڌيڪ ڪجهه نٿو چئي سگهجي.

ٽيڪنيڪل ڪميٽيءَ جي چيئرمين جي راءِ

(1) اسڪردو/ڪاتزراهه ڊيم پيڪ 35 ملين ايڪڙ فٽ جي ذخيري واري گنجائش رکندڙ واحد ممڪن ڪيري اوور ڊيم جو ماڳ آهي. هن رپورٽ جي مول متي (a) تحت پاڻيءَ جي موجودگيءَ بابت ڪرايل ايپاسن موجب، منگلا ۽ تربيلا ڊيمن جي اڏاوت کان پوءِ مُند کان مُند تائين منتقلي (خريف کان ربيع) لاءِ اضافي پاڻي ميسر ناهي. پر وري چاڙهه وارن سالن ۾ ذخيري لاءِ اضافي پاڻي ميسر آهي. ذخيري لاءِ اضافي پاڻيءَ جي موجودگيءَ جو انداز ڪجهه اهڙو آهي جو اهو 6.0 ملين ايڪڙ فٽ گنجائش رکندڙ هڪ يا ٻن آبي ذخيرن ۾ جهلي نٿو سگهجي. جڏهن ته 35 ملين ايڪڙ فوٽ وارو اٿلائيندڙ (ڪيري اوور) ڊيم اضافي وهڪرن جي 84 سيڪڙو کي جهلي سگهي ٿو. ان ڏس ۾ هن رپورٽ جي پيرا 2.10.3 ۽ ضميمو 7-II ۾ ڏنل جدول ۾ حوالو ڏنو ويو آهي. ان تي زور ڏيڻ گهرجي ته مستقبل جي آبي ذخيرن جي ترجيح جو انتهائي اهم پئمانو جڏهن ميسر هجي وڌ کان وڌ اضافي وهڪرا جهلڻ جي صلاحيت هئڻ گهرجي.

(2) سڪشت ايپاس ٿيڻ کان اڳيئي اسڪردو/ڪاٽزرهه ڊيم جي

منفي پهلوئن کي سامهون آڻڻ غير مناسب ٿيندو. اها به ايا ڳ جي ڳالهه آهي ته اهو ڄاڻايو ويو آهي ته ڊيم جي اڏاوت سال 2015 کان اڳ شروع نٿي ڪري سگهجي. اِهو ضروري آهي ته هن انتهائي اهم رٿا جي ڪٿ ترجيحي بنيادن تي مڪمل ڪئي وڃي جيڪا ٻن ٽن سالن اندر يعني 2008 تائين مڪمل ڪري سگهجي ٿي جنهن کان پوءِ انجي اڏاوت بابت ڪو شروعاتي فيصلو ڪري سگهجي ٿو. ظاهري طور تي، رٿا جي ڪٿ کان اڳ، واپڊا ۽ ڪميٽيءَ جي ستن ميمبرن طرفان واضح ڪيل منفي پهلو غير ضروري ٿا لڳن.

5.9 اڪوڙي ڊيم

واپڊا جو موقف

هيءَ تربيلا آبي ذخيري مان اضافي پاڻي ڪٽنڊڙ پيٽ کان ٻاهر ذخيرو ڪندڙ رٿا آهي. ان جو ڪٿ اييس واپڊا طرفان شروع ڪيو ويو آهي ۽ آگسٽ 2005 ۾ مڪمل ٿي ويندو. تفصيلي جاچ ۽ خاڪي ۽ ٽيڪي جي دستاويزن جي مڪمل ٿيڻ کان پوءِ رٿا 2009 کان شروع ۽ 2015 ۾ مڪمل ٿي سگهي ٿي. بهرحال انهيءَ ڊيم مان انتهائي ننڍي سطح جي آبي بجلي (600 ميگا واٽ) حاصل ڪري سگهجي ٿي.

ڪميٽيءَ جي ستن ميمبرن جو موقف

مئي 2005 واري پنهنجي رپورٽ، ٽيڪنيڪل ڪميٽيءَ جي ستن ميمبرن اڪوڙي ڊيم تي پنهنجي ڪا به راءِ نه ڏني آهي.

ٽيڪنيڪل ڪميٽيءَ جي چيئرمين جي راءِ

رٿيل اڪوڙي ڊيم پيٽ کان ٻاهر هڪ ذخيري وارو ڊيم آهي جيڪو سيپٽمبر جي وچ ڌاري تربيلا ڊيم جي پرجڻ کان پوءِ ئي پرجڻ شروع ٿي سگهي ٿو. ان ريت اڪوڙي ڊيم جو پرجڻ انتهائي ڍڪيو ٿيندو. انڪانسواءِ انجي بجليءَ جي پيداوار واري گنجائش به فقط 600

ميگا واٽ آهي جيڪو پڻ ڪو مثبت سنوڻ ناهي. بهرحال، رٽا جي ڪٽ رپورٽ مڪمل ٿيڻ جو انتظار ڪرڻ گهرجي.

5.10 موجود متبادلن مان آبي ذخيرن جي ترتيب

چيئرمين جي راءِ

مستقبل جي آبي ذخيرن جي رٿابندي، ترجيح ۽ ترتيب واسطي بنيادن تي مٿي پيرا 5.3.8.1 ۾ بحث ڪيو ويو آهي. چيئرمين جي راءِ پيرا 5.3.8.1 ۾ ڏنل آهي. مستقبل جي آبي ذخيرن جي ترجيح واسطي سڀ کان اهم پئمانو پاڻي ميسر جي وڌ کان وڌ مقدار ڪي جهٽڻ جي صلاحيت ۽ گنجائش آهي. اِهو پئمانو مول متو 4(a) تحت بحث هيٺ آندل اولهندي دريائن ۾ پاڻيءَ جي موجودگيءَ جي انداز ڪي ويچار هيٺ آڻڻ ۾ سونهون اصول هئڻ گهرجي جيڪو ظاهر ٿو ڪري تہ منگلا ۽ تربيلا آبي ذخيرن جي اڏاوت کان پوءِ ساڳئي سال ۾ مند کان مُند تائين منتقلي واسطي اضافي پاڻي موجود ناهي. بهر صورت، ورلي چاڙهہ وارن سالن ۾ ذخيري واسطي اضافي پاڻيءَ جو وڏو مقدار موجود آهي. اِهو اضافي پاڻي فقط هڪ وڏي گنجائش واري ڪيري اوور ڊيم ۾ ئي جهٽي سگهجي ٿو. ڇاڪاڻ تہ ننڍا ڊيم ان پاڻيءَ جو معمولي مقدار جهٽي سگهندا.

جهڙي ريت مٿين پيراگرافن ۾ بحث ڪيو ويو آهي تہ ڪير اوور ڊيم واحد ممڪن ماڳ اسڪردو/ ڪاٽزراهہ آهي جنهن ۾ 35 ملين ايڪڙ فوٽ پاڻيءَ ذخيرو ڪرڻ جي گنجائش ميسر آهي. انهيءَ ڊيم جي ڪٽ گهڻو وقت اڳ شروع ٿيڻ کپندي هئي، پر ان ۾ غير وهنواري دير ڪئي وئي آهي، جنهن جي سببن جو پتو واپڊا کي ئي ٿي سگهي ٿو. واپڊا هاڻ ان ڊيم جي ڪٽ کان اڳ وارو اڀياس شروع ڪيو آهي، جيڪو سيپٽمبر 2005 تائين مڪمل ٿيڻ جو امڪان آهي. اِهو ڄاڻڻ حيرت ڀريو آهي تہ ڪٽ کان اڳ واري اڀياس مڪمل ٿيڻ کان اڳئي واپڊا بابت منفي تبصرا ڪيا آهن. ان هوندي بہ ڀن ٽن سالن

جي عرصي ۾ ان ڊيم جي تفصيلي ڪٽ لڳائڻ قنطور تي اهم آهي ۽ اِهو آڏو رکندي تہ اِهو پاڪستان ۾ ڪيري اوور ڊيم جو واحد ماڳ آهي جيڪو چاڙهہ وارن وهڪرن جو 84 سيڪڙو پاڻي ذخيرو ڪري سگهي ٿو ان جي اڏاوت بابت ڪو معروضي فيصلو ڪيو وڃي. ہ يا تي ننڍا ڊيم انهي اٽلائينڊز (ڪيري اوور) ڊيم جو متبادل نٿا ٿي سگهن.

اسڪردو/ ڪاٽزراهہ ڊيم جي ڪٽ ڪي تعطل ۾ رکڻ سان اسان آڏو ٻن رٿيل ڊيمن ڪالاباغ ڊيم ۽ ڀاشا ڊيم جائي متبادل ٿا باقي بچن جن جو ڪٽ اپياس مڪمل ڪيو ويو آهي.

نمبر	وصف	ڪالاباغ ڊيم	ڀاشا ڊيم
1	2	3	4
1	ڪٽ جي صورتحال	i. ڪٽ رپورٽ (88-1984) مڪمل. تازه ترين اندراج گهربل (حوالو پيرا (a) 5.4.3) ان کي ٺاهه کان پوءِ وارين حالتن تحت لاڳت ۽ جوڙ جي گنجائش تي نظر ثاني گهربل هوندي (حوالو پيرا (c) ۽ (b)5.4.3 ii. تفصيلي ڊيزائين مڪمل ڪيل	i. ڪٽ رپورٽ جون 2004 ۾ مڪمل ڪئي وئي. ماهرن جي عالمي پينل نظر ثاني ڪئي. ii. تفصيلي ڊيزائين 2006 تائين مڪمل ڪئي ويندي
2	ڪُل لاڳت ملين امريڪي ڊالرن ۾	1984 وارين قيمتن تي 6،000 ملين امريڪي ڊالر (نئين سرجائزو ورتو ويندو) (حوالو پيرا (b)5.4.3)	2004 جي قيمتن تي 6،458 ملين امريڪي ڊالر
3	روان ذخيري جي گنجائش	6.1 ملين ايڪڙ فوٽ	7.34 ملين ايڪڙ فوٽ
4	بجلي جي پيداوار i. لڳايل گنجائش ii. تربيلا تي اضافي بجلي	2400 ميگا واٽ (11،413 گيگاواٽ) (پهريون مرحلو) 3600 ميگا واٽ (ٻيو مرحلو) (حوالو پيرا (d) 5.4.3 336 گيگاواٽ	4500 ميگا واٽ (768،16 گيگا واٽ) 1452 گيگا واٽ
5	ڊيم جي وڏ کان وڏ اونچائي	260 فوٽ	776 فوٽ (درياءَ جي پيٽ تي) 927 فوٽ (پيٽ جي ٽڪريءَ تي)
6	ڊيم جي نوعيت	Earth Rock Fill	Roller Compact Concrete Gravity
7	نيڪال جي گنجائش	10،70،000 ڪيوسڪ (ڪنارن کان اٿلڻ وارو نيڪال) 9،80،000 (سرنگهه وارو نيڪال)	6،52،000 ڪيو سڪ

8	رسائي وارو رستو	معمولي سڌارو گهربل (لاڳت جي ڪٿ ۾ شامل ڪيل)	مانسهره کان چلاس تائين قراقرم هاءِ وي جي بهتري ۽ توسيع گهربل (لاڳت جي ڪٿ ۾ شامل ڪيل) (2007 تائين مڪمل ٿي سگهندو) (حوالو پيرا 5.7.3(d)(v))
9	پوڪيءَ لاءِ پاڻي ۽ بجلي ڪپائيندڙ ايراضين کان فاصلو	ڪاپو ايراضين جي ويجهو	پري پرو
10	ساليانو سراسري دريائي وهڪرو	90 ملين ايڪڙ فوٽ	50 ملين ايڪڙ فوٽ
11	آبي ذخيري بابت اپياس	ٿاهه کان اڳ وارين حالتن تي ڪالاباغ مشاورتي ماهرن جو 1988 وارو اپياس موجود (نظرثاني ٿيندي) (حوالو پيرا 5.4.3(c))	ياشا لاءِ پڻ ساڳي نوعيت جو اپياس گهربل
12	گنجائش-داخلي وهڪري جو تناسب	1:15 (حوالو پيرا (g) ۽ (f) 5.4.3)	1:6.8
13	لٽجڻ ٿيڻ	انتهائي لوڊيڪ لٽ جمع ٿيڻ جو امڪان (حوالو پيرا (h) ۽ (f) 5.4.3)	1. گهٽ لٽ گڏ ٿيڻ 2. تربيلا آبي ذخيري جو مدو ٽيهه سال کن وڌائڻ ۾ مثبت اثر
14	سرڪڻ	وچئين سطح وارو لٽ ڪيڙڻ جو طريقو (50 ڏينهن لاءِ، پهرين جون کان 20 جولاءِ تائين)	وچئين سطح جا ڊگ (ILOS) ۽ هيٺين سطح جا ڊگ (LLOS)
15	عمل در آمد جو شيڊول	ڪٿ واري اپياس، خاص طور تي لاڳت جي ڪٿ ۽ ٿاهه کان پوءِ وارين حالتن پٽاندڙ آبي ذخيري بابت اپياس کان پوءِ ڪم شروع ٿي سگهي ٿو.	2007 ۾ شروع ڪري 2014 ۾ مڪمل ڪري سگهجي ٿو. ڪالاباغ ڊيم وانگر هن لاءِ ٿاهه کان پوءِ وارين حالتن موجب آبي ذخيري جو اپياس ڪرڻ گهرجي.

CS CamScanner

16	خدشا سمورن ڊيمن لاءِ عمومي (i) پاڻيءَ جي موجودگي (ii) منگلا آبي ذخيري ۽ مستقبل جي آبي ذخيرن ۾ لنڪ ڪئنالن جو وهنوار	هن پهلو کي رپورٽ جي مول متو نمبر (a) 4 تحت جانچيو ويو آهي. هيءُ پهلو هن رپورٽ جي مول متا نمبر (a) 5 ۽ (b) 5 تحت ويچار هيٺ آندا ويا آهن.
	ڪالاباغ ڊيم بابت ساڄي ۽ کابي ڪنڌيءَ وارا ڪئنال/نيڪال	ماهرن انهن ڪئنالن کي ناقابل عمل ليکيو آهي. واپڊا وٽ انهن ڪئنالن کي رٿا ۾ شامل ڪرڻ جي ڪا به تجويز ناهي. ٽيڪنيڪل ڪميٽيءَ جي ستن ميمبرن انهن کي شامل ڪرڻ تي زور ڀريو آهي پر سردار احمد مغل نه رڳو انهن ڪئنالن جي پر، سل جا چوڙ جي تجويز جي پڻ سختيءَ سان مخالفت ڪئي آهي. (حوالو پيرا 5.5)
	نوشهره شهر جو ٻڏڻ	سرحد صوبي جي نوشهره شهر جي ٻڏي وڃڻ جي خدشي جو اظهار ڪيو آهي. واپڊا کي نيڪال جي 934 فوٽن جي سطح تي هلڻ مهل نوشهره ۾ چاڙهه/ ٻوڏ جي اثرن جو اڀياس ڪرڻ گهرجي. (حوالو پيرا 5.6.3) هيءُ اسم ماهرن طرفان ڪيل اڀياس نمبر 3 جي مول متن ۾ شامل آهي.

رڪاوٽ
رثابندي ۽ ترقيات واري ڊويزن چاڻايو آهي ته فيصلو ڪرڻ
ڪانپوءِ مستقبل جي آبي ذخيرن لاءِ ناڻو حاصل ڪرڻ ۾ ڪا ڏکيائي نه
ٿيندي. بهر صورت، ٻنهي ڪالاباغ ۽ ڀاشا ڊيمن جي اڏاوت هڪ ئي
وقت شروع ڪرڻ عمل جوڳي ڳالهه نه ٿيندي. در حقيقت اضافي پاڻيءَ
جي موجودگيءَ جي مجموعي انداز کي آڏو رکندي، ڪالاباغ يا ڀاشا
ڊيم مان ڪنهن جي به اڏاوت هڪ عارضي انتظام ٿي ٿي سگهي ٿو.
انهن ٻنهي مان ڪهڙي ڊيم تي پهرين ڪم شروع ڪجي وارو فيصلو
هيٺين ڳالهين کي مدنظر رکي ڪرڻ گهرجي:

(i) جڏهن به ميسر هجي وڏ ڪان وڏ اضافي پاڻي جهٽڻ جي صلاحيت

(ii) گهٽ ڪان گهٽ لاڳت مان پاڻي ذخيرو ڪرڻ ۽ بجليءَ جي اُپت جو وڏ ڪانوڏ لاڀ پرائڻ

(iii) عمل درآمد لاءِ تيار هئڻ

(iv) لٽجڻ وارو مسئلو گهٽائڻ لاءِ گهٽ گنجائش واري وهڪري جو تناسب

(v) آبپاشي واري پاڻي ۽ بجليءَ جي کاپي وارين ايراضين جي ويجهو.

(vi) ڊيم بابت خدشن کي مدنظر رکڻ.

مٿي پيرا ۾ ڏنل جدول ٻنهي ڊيمن جي اهم صفتن بابت هڪ
مناسب ۽ واضح تصوير پيش ڪري ٿي. ڪالاباغ ۽ ڀاشا ٻنهي ڊيمن
جا ڪٽ وارا اپياس موجود آهن، بهرحال ڪالاباغ ڊيم تي 88-1984ع
واري اپياس جي خاص طور تي لاڳت جي ڪٽ ۽ آبي ذخيرو پرڻ واري
اپياس جي حوالي سان نظر ثاني جي ضرورت آهي ته جيئن ڊيم جي
درست صورت سامهون اچي سگهي. ڪالاباغ ڊيم ۽ ساڄي ۽ کابي
ڪنڌيءَ وارن ڪئنالن (پيرا 5 ۾ بحث هيٺ آندل) ۽ نوشهره شهر جي
ٻڏڻ (پيرا 5 ۾ بحث هيٺ آندل) بابت صوبن جي خدشن کي ڪو
فيصلو ڪرڻ مهل مدنظر رکيو وڃي.

اِهو سمجهي سگهجي ٿو تہ جيڪڏهن ڪالاباغ يا ڀاشا ڊيم تعمير ڪيا ويا تہ اهي ٽي سگهي ٿو تہ ڪيترن ئي سالن تائين پرجي نہ سگهجن جهڙي ريت هن رپورٽ جي مول متو نمبر (a) 4 تحت بحث هيٺ آندل آهي. جهڙي ريت ضميمو نمبر II-7 ۾ ڏنل جدول ۾ جانچيو ويو آهي تہ انهن مان ڪوبہ ڊيم 28 سالن مان 10 سال ئي پربو. جيڪو 2 ملين ايڪڙ فوٽ پاڻي سالينو فراهم ڪندو. ان ڪري جيڪڏهن ڪالاباغ ياڀاشا ڊيم تعمير ڪيا تا وجن تہ پوءِ ڊيم مان ۽ اٽيءَ جي ورهاست 2 ملين ايڪڙ فوٽ واري متوقع ساليانی موجودگيءَ جي بنياد تي ئي ڪرڻ گهرجي نہ ڪي 6 يا 7 ملين ايڪڙ فوٽ ساليانی ڪُل گنجائش جي آڌار تي.

مٿي پيرا 5.5 ۾ ڄاڻايل پوزيشن جي پيش نظر، مستقبل جا آبي ذخيرا ڀرين پاڻي ٺاهہ جي تفويض حصي ۾ ڪوٽ جو پورائو ڪندا جيڪا لڳ ڀڳ 12 ملين ايڪڙ فوٽ آهي. انڪري اهو مناسب ٿيندو تہ ڀرين ڊيم (ڪالاباغ هجي يا ڀاشا) ڪي موجوده آبي ذخيرن جي لٽجڻ جي تلافي ۽ پاڻي ٺاهہ جي تفويض حصي ۾ ڪوٽ جو پورائو ڪندڙ ليکيو وڃي، ڇاڪاڻ تہ اِهو هر هر واضح ڪيو ويو آهي تہ مستقبل جي آبي ذخيرن ڪانسواءِ ڪوٽ واري عرصي دوران ٺاهہ جي تفويض حصي جو پورائو نٿو ڪري سگهجي. ڀرين ڊيم مان پاڻي ٺاهہ جي پيرا نمبر 4 تحت ترقيات واسطي صوبن کي ڪوبہ حصو تفويض نہ ڪيو وڃي.

5.11 بجليءَ جي اپت

واپڊا جو موقف

(1) واپڊا موجب هن وقت پاڪستان ۾ بجلي جي اُپت جي گنجائش هيٺين ريت 7309 ميگا واٽ آهي:

پاڻي (هائيڊرو) مان بجلي اُپائڻ جي گنجائش	6460 ميگا واٽ
حرارتي (ٿرمل) مان بجلي اُپائڻ جي گنجائش	4779 ميگا واٽ

IPPs جي بجلي اُپائڻ جي گنجائش 6070 ميگا واٽ

(2) واپڊا 2025 تائين پاڪستان ۾ بجلي جي ضرورتن جي ڪٽ 8 سيڪٽرو جي واڌ شرح سان 75149 ميگا واٽ لڳائي آهي.

(3) حڪومت سڀ کان وڏي ترجيح آبي بجليءَ جي اُپت کي ڏني آهي. واپڊا (هن وقت عمل ۾ رڌل موجود رٿائن سميت) 47306 ميگا واٽ ڪُل پيداواري گنجائش وارين آبي رٿائن جي نشاندهي ڪئي آهي. واپڊا موجب 1095 ميگا واٽ (13 ميگاواٽ کان 132 ميگا واٽ) جي پيداواري گنجائش واريون 14 ننڍيون رٿائون عمل درآمد هيٺ آهن.

(4) واپڊا ڪالاباغ ڊيم (3600 ميگا واٽ)، ڀاشا ڊيم (4500 ميگا واٽ) ۽ منڊا ڊيم (740 ميگا واٽ) جي ڪُل 8840 ميگا واٽ وارين ٽن گهڻ- مقصدي رٿائن جي ڪٽ وارو اڀياس مڪمل ڪري ورتو آهي. واپڊا 2038 ميگا واٽ جي ڪُل گنجائش وارين 25 هائيڊل رٿائن جي ڪٽ وارو اڀياس پڻ مڪمل ڪري ورتو آهي، جن مان 4 رٿائون نيلم- جهلم (969 ميگا واٽ)، ڏوئيان (425 ميگا واٽ)، گلپور (116 ميگا واٽ) ۽ تونسا (120 ميگا واٽ) 100 ميگا واٽ کان وڏيڪ واريون آهن. باقي 21 رٿائن جي گنجائش 3 ميگا واٽ کان 87 ميگا واٽ تائين آهي. 9072 ميگا واٽ جي ڪُل گنجائش وارين درياءَ جي وهڪري تي 5 هائيڊل رٿائن جي ڪٽ وارو اڀياس عمل هيٺ هڏايو تو وڃي. واپڊا طرفان اهو پڻ هڏايو ويو آهي ته 19666 ميگا واٽ جي گنجائش وارين هائيڊل رٿائن جي ڪٽ وارا اڀياس اڃا ٿيڻا آهن.

(5) واپڊا طرفان فراهم ڪيل تفصيلن موجب، وڌ کان وڌ هائيڊل اُپت جولاءِ ۽ آگسٽ مهينن جي وڏن وهڪرن دوران ميسر آهي جڏهن ته سياري جي مهينن خاص طور تي جنوريءَ ۾ هائيڊل اُپت سڀ کان گهٽ هجي ٿي. گذريل ڏهن

سالن (95-1994ع کان 04-2003ع) دوران موجود عمل هيٺ هائيڊل رٽائن مان سڀ کان وڌيڪ اُپت آگسٽ 1994ع ۾ 3, 373, 359, 154 ڪلو وات في ڪلاڪ حاصل ٿي جڏهن ته گهٽ کان گهٽ اُپت جنوري 2001 ۾ 847 ,485 ,344 ڪلو وات في ڪلاڪ هئي جيڪا وڌ کان وڌ جو فقط 10.2 سيڪڙو آهي. اهو لوڊشيڊنگ ٽارڻ لاءِ اضافي ٿرمل اُپت جي ضرورت کي اجاگر ٿو ڪري.

(6) واپڊا چاڻايو آهي ته ان جو بجليءَ جي اُپت لاءِ ٿر جو ڪوئلو استعمال ڪرڻ جو ارادو آهي جنهن کي پاڪستان ۾ اهم ڪردار ادا ڪرڻو آهي. واپڊا ٿر جي ڪوئلي تي ٻڌل 10 رٽائن شروع ڪرڻ جون امڪاني تاريخون ڏنيون آهن انهن مان هر ڪا 600 ميگا وات گنجائش واري رٽا آهي ۽ انهن تي ڪم جي شروعات جون تاريخون 2008 کان 2019 جون آهن.

ٽيڪنيڪل ڪميٽيءَ جي ستن ميمبرن جو موقف

مئي 2005 واري پنهنجي رپورٽ ۾ ٽيڪنيڪل ڪميٽيءَ جي ستن ميمبرن توانائي/ بجليءَ جي اُپت بابت ڪو به موقف نه ڏنو آهي.

ٽيڪنيڪل ڪميٽيءَ جي چيئرمين جي راءِ

(1) هن وقت هائيڊل بجليءَ جي پيداوار گهٽي پاڳي ٻن اونچن ڊيمن (تربيلا ۽ منگلا) مان حاصل ٿئي ٿي. تازو ئي مڪمل ڪيل غازي بروٿا درياءَ جي وهندڙ پاڻيءَ جي واحد رٽا آهي.

(2) ڪالاباغ ڊيم، ڀاشا ڊيم ۽ منگلا ڊيم جي گهڻ مقصدي رٽائن لاءِ ڪٽ وارا اڀياس مڪمل ڪيا ويا آهن،جن جي ڪُل گنجائش 8840 ميگا وات آهي. گهڻ مقصدي رٽائن مان هڪ وقت ۾ هڪ رٽا هٿ ۾ ڪٽي سگهجي ٿي ۽ اهي مڪمل ڪرڻ ۾ ڊگهو عرصو لڳندو.

(3) واپڊا جي انگن اکرن موجب، هن وقت 1095 ميگا وات جي ڪُل ست واريون 13 کان 132 ميگا وات ٽائين جون 14

ننڍيون عمل پذير هائيڊرو پاور رٿائون جاري آهن. انهيءَ فهرست ۾ ڪا وڏي جاري رٿا شامل ناهي. غازي بروٿا رٿا جي مڪمل ٿيڻ ڪانپوءِ، واپڊا داسو بونجي، پتڻ يا ٿاڪوٽ جهڙي دريائي وهڪري تي گهٽ ۾ گهٽ ڪا هڪ رٿا هٿ ۾ ڪٽي ها. اِها پاليسي هئڻ گهرجي تہ دريائي وهڪري تي ٺي اهي اهم رٿائون، جن مان ڪن جو ست تہ گهڻ مقصدي رٿائن ڪان بہ وڌيڪ آهي، هٿ ۾ کڻڻ گهرجن ۽ هڪ ھٿي پويان مڪمل ڪرڻ گهرجن.

(4) 25 رٿائن واري فهرست ۾ جن جي ڪٿ مڪمل ٿيل آهي، فقط چئن رٿائن جي گنجائش 100 ميگاواٽ ڪان وڌيڪ آهي. باقي رٿائون انتهائي ننڍڙيون آهن، انهن مان اڪثر جي گنجائش 10 ميگا واٽ يا ان ڪان بہ گهٽ آهي.دريائي وهڪري جي ڪنهن بہ اهم رٿا جي ڪٿ وارو اپياس اڃا تائين مڪمل ٿيل ناهي. اِها انتهائي افسوس ناڪ ڳالھ آهي.

(5) واپڊا طرفان چاٽايو ويو آهي تہ لڳ ڀڳ 20000 ميگا واٽ جي هائيڊل رٿائن جي ڪٿ وارو اپياس اڃا ٿيڻو آهي، انهن رٿائن جي ڪا فهرست نہ ڏني وئي آهي. سمورن ست پريل هائيڊرو رٿائن خاص طور تي دريائي وهڪري تي وڏين رٿائن جي ڪٿ تيزيءَ سان مڪمل ڪئي وڃي.

(6) واپڊا طرفان ان جي نشاندهي ڪئي وئي آهي تہ ٿر ڪوئلي تي آڌاريل بجلي پيدا ڪندڙ 10 رٿائون 2008 ڪان 2019 تائين لاڳو ڪيون وينديون، جڏهن تہ هر سال هڪ رٿا شروع ٿيندي. ٿر جو ڪوئلو استعمال ڪرڻ واري واپڊا جو اِهو تصور انتهائي ساراهہ جوڳو آهي. ٿر ڪوئلو پاور اپٽ وارو پروگرام انتهائي خوشفهميءَ وارو نٿو ٿي سگهي ۽ ابتدائي طور تي هر سال ٿر جي ڪوئلي مان 600 ميگا واٽ بجلي حاصل ڪرڻ مناسب ڳالھ ٿي لڳي. بهرصورت، ان جي

تحرڪ کي اجا بہ وڌايو وڃي تہ جيئن سال 2011 تائين اُپت 1500 ميگا واٽ ساليانو تي سگھي. 2016 کان اُپت ۾ 3000 ميگا واٽ ساليانو تائين جو مرحليوار اضافو ڪري ۽ ان سطح تي برقرار رکي سگھجي ٿو. اِهو اهم آهي تہ پرڏيھہ مان ايندڙ تيل جي جاءِ تي ٿر ڪوئلي جي مقامي وسيلي جو ڀرپور استعمال ڪيو وڃي.

5.12 تت ۽ سفارشون

(a) آبي ذخيرن جو لٽجڻ

1. اضافي پاڻي موجود هئڻ مھل ذخيرو ڪرڻ، سستي هائيڊرو بجلي اُپائڻ ۽ موجود آبي ذخيرن جي لٽ ازالو ڪرڻ واسطي آبي ذخيرا گھربل آهن.

2. موجود آبي ذخيرن جي روان ذخيري واري گنجائش لٽجڻ ڪري تقريباً 3.2 ملين ايڪڙ فوٽ آهي جيڪا منگلا ڊيم جي سطح وڌائڻ سان ختم ٿيندي. تربيلا ۾ لٽجڻ جوتنا سب ان جي ڊيزائين واري مرحلي ۾ تصور ڪيل کان وڌيڪ آهي، جڏهن تہ منگلا واري ماهري ۾ اهو ڊيزائين کان گھٽ آهي.

3. آبي ذخيرن جي ڪارائتي ڄمار وڌائڻ لاءِ لٽ گھٽائڻ لاءِ اُپاءَ وٺڻ ۽ اثرائتي لٽ. ٽوڙ وھنوار فراهم ڪرڻا پوندا. اِهو لڳي ٿو تہ تربيلا آبي ذخيري جي لٽ لوڙهڻ لاءِ اطمينان جوڳا اُپاءَ ورتا ويا آهن، جنهن سبب آبي ذخيري واري ايراضيءَ ۾ وڏي مقدار ۾ لٽ جمع ٿي وئي آهي.

4. واپڊا جي صلاحڪار ماهرن طرفان 1998ع واري TAMS رپورٽ ۾ تربيلا جي لٽجڻ واري مسئلي جو تفصيلي اڀياس ۽ ان جي درميان جون ڪارائتيون رٿون شامل آهن پر واپڊا طرفان اهي لاڳو نہ ڪيون ويون ۽ نہ ئي وري ان هوڏ لاءِ ڪي اطمينان جوڳا سبب ٻڌايا ويا. واپڊا وٽ تربيلا جي لٽجڻ

ڪي منهن ڏيڻ جي ڪا به تڙ رٽ به ناهي. اهو محسوس ڪيو ويو آهي ته تربيلا جي لٽجڻ وارو مسئلو سنجيده ڌيان لائق آهي.

(b) مستقبل جي آبي ذخيرن جي رٿابنديءَ ۽ ترجيح

5. ڊيمن بابت عالمي ڪميشن جي سال 2000 واري رپورٽ تي واپڊا جوڳو ويچار نه ڏنو آهي اِها رپورٽ ڊيمن بابت عالمي تجربي تي آڌاريل آهي ۽ ان ۾ انتهائي ڪارائتيون رٿون شامل آهن جن کي مستقبل جي آبي ذخيرن جي رٿابنديءَ لاءِ سونهين طور اختيار ڪري سگهجي ٿو.

6. اولهندي دريائن ۾ پاڻيءَ جي موجودگيءَ جي انداز کي آڏو رکبو ته منگلا ۽ تربيلا ڊيمن جي اڏاوت کانپوءِ ساڳئي سال جي مُند کان مُند تائين (خريف کان ربيع) اضافي پاڻي ميسر ناهي. بهر صورت، ورلي ايندڙ چاڙهه/ ٻوڏ وارن سالن ۾ ئي ذخيري واسطي اضافي پاڻيءَ جو وڏو مقدار ميسر هوندو آهي ٿو. اهي اضافي وهڪرا وڏي مقدار پر گهٽ معمول وارا آهن. اِهو پاڻي وڏي گنجائش واري هڪ سال کان وڌيڪ پاڻي ڏيندڙ ڊيم ۾ ذخيرو ڪري سگهجي ٿو. جيڪڏهن لڳ ڀڳ 6.0 ملين ايڪڙ فوٽ واري گهٽ گنجائش وارو ڪو روايتي ڊيم ٺاهيو ويو ته اهو ٻوڏ جي اضافي پاڻي جو لڳ ڀڳ 20 سيڪڙو ئي جهٽي سگهي ٿو.

7. چشما- جهلم ۽ تونسا پنجند لنڪ ڪئنالن ذريعي سنڌو درياهه سان ڳنڍيل هيٺانهين واري معاون ايراضين کي سنڌو درياهه جي مرڪزي پيٽ/ وهڪري تي مستقل بار طور نه ليکيو وڃي. جيڪڏهن انهيءَ غير حقيقت پسند اٽي ڳالهه تي ڳنڍ ڏني وئي ته پوءِ نون آبي ذخيرن جي اڏاوت واريون رٿون ڏڦيڙ جو شڪار ٿيندڙ ٻڌجي ويندڙيون چاڪاڻ ته ان صورت ۾ سنڌو درياهه جي مرڪزي پيٽ ۾ ذخيري لاءِ اضافي پاڻي

بچندو ئي نہ. جهلم ۽ چناب دريائن ۾ مٿانهين ۽ هيٺانهين معاون ايراضين لاءِ خريف جي مُند ۾ ۽ گڏوگڏ منگلا ڊيم ۾ ذخيري لاءِ (سطح وڌائڻ ڪانپوءِ بہ) جوڳو پاڻي ميسر آهي ۽ ان ڪري عمومي حالتن دوران خريف جي مُند ۾ انهن لنڪن ذريعي پاڻي جي منتقلي جي ضرورت ناهي.

8. اسڪردو/ ڪٽز راهہ واري هڪ سال کان وڏيڪ پاڻي ڏيندڙ ڊيم جي واحد ماڳ جي ڪٽ وارو اڀياس اڃا شروع نہ ٿيو آهي. هن ڊيم جي ڪٽ کان اڳ وارو اڀياس 2003 ۾ شروع ڪيو ويو ۽ سيپٽمبر 2005 ۾ مڪمل ٿيڻ جي توقع آهي. اهو اهم آهي تہ هن ڊيم جي ڪٽ کي انتهائي ترجيح ڏني وڃي ۽ اها ٻن کان ٽن سالن ۾ مڪمل ڪئي وڃي ڇاڪاڻ تہ فقط هيءُ هڪ سال کان وڏيڪ پاڻي ڏيندڙ ڊيم موجود ٻوڏ جي پاڻيءَ جو وڏ کان وڏ مقدار (تقريباً 84 سيڪڙو) جهٽي سگهي ٿو.

9. ڊيمن جي ترجيح ۽ ترتيب لاءِ بنيادي پئمانو هيٺين ريت هئڻ گهرجي:

(i) جڏهن بہ ميسر هجي اضافي پاڻيءَ جو وڏ کان وڏ مقدار جهٽڻ جي صلاحيت/گنجائش.

(ii) گهٽ کان گهٽ لاڳت سان پاڻي ذخيرو ڪرڻ جي صلاحيت ۽ بجليءَ جي اُپت مان وڏ کان وڏ لاڀ حاصل ڪرڻ.

(iii) لٽجڻ وارو مسئلو گهٽائڻ لاءِ گهٽ گنجائش- وارو تناسب

(iv) عمل درآمد لاءِ تيار

(v) آبپاشي واري پاڻي ۽ بجليءَ جي کاپي وارين ايراضين جي ويجهو هئڻ

(vi) ڊيم بابت خدشن کي مدنظر رکڻ

10. ڪالاباغ ڊيم ۽ ڀاشا ڊيم جي ڪٽ وارا اڀياس موجود آهن.

ڪالاباغ ڊيم جي ڪٽ وارو اپياس 88-1984 ۾ تيار ڪيو ويو. انڪري ان تي نظرثاني خاص طور تي لاڳت جي ڪٽ ۽ آبي ذخيرو ڀرڻ واري اپياس جي ضرورت آهي جيڪو پاڻي ٺاهه کان اڳ واري پيش منظر ۾ 1988ع ۾ ڪيو ويو هو. انهن ٻنهي ڊيمن جي اهم ڳالهين جي هن رپورٽ ۾ پيٽ ڪئي وئي آهي. اسڪردو/ ڪٽزراهه ڊيم جي تعطل ۾ پيل ڪٽ رپورٽ کي مڪمل ڪرڻ تائين، ڪالاباغ يا ڀاشا مان ڪو هڪ ڊيم ٺاهڻ کي مدنظر رکي سگهجي ٿو. بهر صورت مناسب اِهو ٿيندو ته ان ڏس ۾ ڪو فيصلو ڪالاباغ ڊيم جي ڪٽ کي نظر ثاني مان ڪيڻ کانپوءِ ڪيو وڃي. پاڻي ذخيرو ڪرڻ جي گنجائش ۽ بجليءَ جي اُپت جي ست جي ڏس ۾ وڏيڪ لاڀ رسائڻ ۾ ڀاشا ڊيم کي يقيني طور تي ڪالاباغ ڊيم تي فوقيت حاصل آهي. ڪالاباغ ڊيم متعلق خدشن (خاص طور تي ان جي ساڄي ۽ کاٻي ڪنڌين مان ڪئنالن ۽ نوشهره جي ٻڏڻ جي حوالي سان) کي پڻ مدنظر رکڻ گهرجي جنهن دوران هن رپورٽ ۾ بحث هيٺ آيل نڪتن تي ويچارڻ گهرجي ۽ فيصلو ڪرڻ گهرجي.

11. جيڪڏهن ڪالاباغ يا ڀاشا ڊيم ٺاهيا ويا ته اهي هر سال ڀرجي نه سگهبا ۽ لاڳيتو ڪيترن ئي سالن تائين ڀرجڻ کان قاصر هوندا. ان ڪري اِهي ڊيم هر سال پنهنجي پوري گنجائش (6 کان 7 ملين ايڪڙ فوٽ) جيترو پاڻي فراهم نه ڪري سگهندا پر 2 ملين ايڪڙ فوٽ ساليانو ئي ڏئي سگهندا. ڊيم مان حصو تفويض ڪرڻ مهل انهيءَ کي مدنظر رکيو وڃي. اِهو رٿيو ويو آهي ته جيڪڏهن انهن ٻنهي ڊيمن مان ڪو هڪ تعمير ڪيو ٿو وڃي ته ميسر پاڻي موجود آبي ذخيرن جي لئنجڻ جي حل ۽ پاڻي ٺاهه تحت تفويض حصن جي ڪوٽ جي پورائي لاءِ مختص ڪيو وڃي.

(c) بجليءَ جي اُپت

12. هن وقت پاڪستان ۾ بجليءَ اُپائڻ جي گنجائش 7, 309 ميگا واٽ آهي جنهن مان 6, 460 ميگا واٽ هائيڊل پاور مان حاصل ٿئي ٿي. واپڊا سال 2025 تائين بجليءَ جي گهرج جي ڪٿ 75, 149 ميگا واٽ لڳائي آهي. واپڊا47, 306 ميگا واٽ جي ڪُل اُپت واري گنجائش رکندڙ هائيڊل رٿائن جي نشاندهي ڪئي آهي.

13. واپڊا موجب، 1095 ميگا واٽ جي اُپت گنجائش (13 ميگاواٽ کان 132 ميگاواٽ) وارين 14 ننڍيون هائيڊل رٿائون عمل درآمد هيٺ آهن. واپڊا 2038 ميگا واٽ جي ڪُل گنجائش رکندڙ 25 هائيڊل رٿائن جي ڪٿ مڪمل ڪري ورتي آهي، جن مان گهڻي ڀاڱي رٿائون تمام ننڍڙيون آهن. واپڊا 8840 ميگا واٽ جي ڪُل گنجائش رکندڙ ٽن گهڻ- مقصدي رٿائن (ڪالاباغ ڊيم، ڀاشا ڊيم ۽ مندا ڊيم) جي ڪٿ وارو اڀياس پڻ مڪمل ڪري ورتو آهي. بهرحال واپڊا اڃا تائين 20, 000 ميگا واٽ جي لڳ ڀڳ گنجائش رکندڙ پروزيل هائيڊل رٿائن جي ڪٿ شروع نه ڪئي آهي، جنهن کي تيز ڪرڻ جي ضرورت آهي. ان ڪانسواءِ داسو بونجهي، پتڻ ۽ ٿاڪوٽ جهڙيون درياهه جي وهڪري تي اهم هائيڊل رٿائون پڻ آهن، جن مان ڪن ۾ ته ست گهڻ- مقصدي ڊيم کان به وڌيڪ آهي. غازي بروٿا جي مڪمل ٿيڻ ڪانپوءِ درياهه جي وهڪري تي ڪابه اهم رٿا لاڳو نه ڪئي وئي آهي. اهو ضروري آهي ته درياهه جي وهڪر ي تي اهم رٿائن جي ڪٿ کي تيز ڪيو وڃي ۽ اهي رٿائون هڪ ٻئي پويان تيزيءَ سان لاڳو ڪيون وڃن.

14. واپڊا وٽ هر هڪ مان 600 ميگا واٽ گنجائش وارين ٿر جي ڪوئلي تي ٻڌل 10 رٿائن جو هڪ پروگرام آهي. انهن رٿائن

جي شروع ٿيڻ جي تاريخ 2008 کان 2019 آهي. انهيءَ پروگرام کي ساراهيو ويو آهي. تنهن هوندي به اِهو پروگرام 2011 کان تيز ڪيو وڃي ۽ ٿر جي ڪوئلي مان بجليءَ جي اُپت پهرين 1500 ميگا واٽ ۽ اڳتي هلي 3000 ميگا واٽ ساليانيءِ ڪئي وڃي. اهو اهم آهي ته پرڏيهه مان گهرايو ويندڙ مهانگي تيل جي جاءِ تي ٿر جي ڪوئلي واري مقامي وسيلي جو ڀرپور استعمال ڪيو وڃي.

مول متو_1

”1991ع واري پاڻي ٺاھ تحت پاڻيءَ جي ورچ سان لاڳاپيل ماھرن جو جائزو ۽ صوبن وچ ۾ پاڻيءَ جي ورچ کي موافق ڪرڻ لاءِ سفارشون ڏيڻ.“

مول متو_1

6_ ”1991ع واري پاڻي ٺاھ تحت پاڻيءَ جي ورچ سان لاڳاپيل ماھرن جو جائزو ۽ صوبن وچ ۾ پاڻيءَ جي ورچ کي موافق ڪرڻ لاءِ سفارشون ڏيڻ.“

6.1 پاڻيءَ جي ورچ جو ٺاھ

پاڻيءَ جي ورچ واري ٺاھ تي چئني صوبن جي وڏن وزيرن ۽ نمائندن 16 مارچ 1991ع تي صحيحون ڪيون. 21 مارچ 1991ع تي گڏيل مفادن واري ڪائونسل (CCI) ان جي توثيق ڪئي.

انھن خدشن جو اظھار ڪيو ويو آھي تہ پاڻي جي ورچ، خاص طور تي ڪوٽ واري عرصي ۾، پاڻي ٺاھ جي شقن موجب نہ ٿي ڪئي وڃي. ان ڪري ٽيڪنيڪل ڪميٽيءَ کي 1991ع واري ٺاھ تحت پاڻيءَ جي ورچ سان لاڳاپيل ماھرن جو جائزو وٺڻ جو ذمو سونپيو ويو آھي.

6.2 ارسا جي پريزنٽيشن

ارسا طرفان مول متو نمبر 1 تي پريزنٽيشن ڏني وئي جنھن تي ٽيڪنيڪل ڪميٽيءَ جي 13 جنوري 2005ع تي ڪوئٽا ايل ستين گڏجاڻيءَ ۾ بحث ڪيو ويو. غور ويچار 2 ۽ 3 فيبروري 2005 تي ڪوئٽا ايل ٽيڪنيڪل ڪميٽيءَ جي الين گڏجاڻيءَ ۾ پڻ جاري رھيو. سنڌ جي ميمبر سردار احمد مغل پريزنٽيشن تي پنھنجي راءِ داخل

ڪرائي جنهن تي ارسا وراڻي ڏني.

6.3 ارسا جو موقف

ارسا ڄاڻايو آهي تہ "هن وقت، ارسا 1991 واري پاڻيءَ جي ورڇ ٺاهہ جي پيرا 1 (b) 14 تحت سنڌو درياهہ جو پاڻي ورهائي رهي آهي جو اها پاڪستان سطح تي ڪوٽ/ اضافي پاڻي ورهائڻ جي وهنوار جي خاطري ڪرائيندڙ واحد شق آهي. سرحد صوبي ۽ بلوچستان کي ڪوٽ کان استثنيٰ ڏني وئي آهي ڇاڪاڻ تہ انهن صوبن ۾ اريگيشن ڍانچي جي اڻهوند سبب اهي پنهنجي حصي جو تفويض ٿيل پاڻي استعمال ڪرڻ کان قاصر آهن ۽ ڪوٽ کي 82-1977ع جي اصل سراسري سرشتي جي سنڌن استعمال موجب پنجاب ۽ سنڌ صوبن ۾ ورهايو ويندو آهي.

ارسا پنهنجي پريزنٽيشن ۾ پاڻيءَ جي ورڇ بابت هيٺيان نڪتا پڻ شامل ڪيا آهن:

(i) 2 مئي 1994ع تي ڪوٺايل بين الصوبائي وزارتي ڪميٽيءَ جي فيصلي موجب سنڌ ۽ پنجاب وچ ۾ پاڻيءَ جي ڪوٽ تاريخي استعمالن موجب ورهائي ويندي.

(ii) پاڻيءَ ۽ بجليءَ واري وزارت هڪ خط ذريعي ارسا کي ڄاڻايو تہ بين الصوبائي وزارتي ڪميٽي مشاورتي نوعيت جي ۽ ڪنهن قانوني اختيار کانسواءِ آهي. وزارت ارسا کي صلاح ڏني تہ اهو معاملو پنهنجي سر حل ڪيو وڃي.

(iii) فائل سرڪيوليشن ذريعي ارسا جو فيصلو تہ جڏهن بہ ڪوٽ ٿيندي تہ اِها حقيقي سراسري ساليانی استعما جي استعمالن تي ئي ورهائي ويندي.

(iv) پاڻي ٺاهہ جي مشق (b) 14 جي وضاحت لاءِ قانون واري ڊويزن ڏانهن ريفرنس ۽ ان تي قانون واري ڊويزن جي صلاح.

(v) چيف ايگزيڪيٽو جي هدايت تي 1994ع وارو بين الصوبائي

وزارتي پاڻي ٺاهه فوري طور تي منسوخ ڪيو وڃي.

(vi) وڌيڪ اهو ته، ارسا چاڻايو آهي ته هن وقت ارسا جي صلاحڪاري ڪميٽيءَ اسلام آباد ۾ 19 اپريل 2003 تي ڪوٽايل گڏجاڻي ۾ ڪيل فيصلي جي پوئواري ڪئي پئي وڃي، جيڪو هيٺين ريت آهي:

موقعا/ متبادل	پاڻيءَ جي موجودگي	ورهاست
منظر نامو-I	پاڻي جي موجودگي < حقيقي سراسري سرشتي تي استعمال – (82-1977ع) کان گهٽ	1991ع واري پاڻي جي ورڇ واري ٺاهه جي 4(b) تحت ورڇ ڪئي وئي.
منظر نامو-II	پاڻي جي موجودگي حقيقي سراسري سرشتي تي استعمال (88-1977ع) کان وڌيڪ پر 1991ع واري پاڻي جي ورڇ واري ٺاهه جي پيرا 2	اول، 82-1977ع وارا حقيقي سراسري سرشتي جا استعمال محفوظ بڻايل آهن، ٻيو پاڇي پاڻي پيرا 2 يعني گڏيل مفادن واري ڪائونسل جي منظوري ماڻيل 10 روزانو تحت ورهائجي ٿو.
منظر نامو-III	پاڻيءَ جي موجودگي < پاڻيءَ جي ورڇ واري ٺاهه جي پيرا 2 کان وڌيڪ	اول، صوبن جا استعمال يعني گڏيل مفادن وارن ڪائونسل جي منظوري ماڻيل 10 روزانو محفوظ بڻايل آهن. ٻيو پاڇي پاڻي 1991ع واري پاڻيءَ جي ورڇ واري ٺاهه جي پيرا 4 تحت ورهايو ٿو وڃي.

6.4 ٽيڪنيڪل ڪميٽيءَ جي ستن ميمبرن جو موقف

مئي 2005ع واري پنهنجي رپورٽ ۾ ٽيڪنيڪل ڪميٽيءَ جي ستن ميمبرن پاڻيءَ جي ورڇ سان لاڳاپيل پاڻي ٺاهه جي پيرائن 2، 4 ۽ (a)14 (b)14 جو حوالو ڏنو آهي.

ٽيڪنيڪل ڪميٽيءَ جي ستن ميمبرن وڏيڪ هيٺين ريت ڄاڻايو:

(i) عملي طور تي، 1991ع کان 1999ع تائين، جڏهن دريائي وهڪرا سمورن صوبن جي هاڻوڪن استعمالن جي پورائي لاءِ ڪافي هئا، ارسا طرفان ورچ هاڻوڪي سراسري ڪئنال استعمالن جي گهر ڪرڻ موجب هئي. بهرحال، 2000ع کان 2003ع دوران سو ڪهڙي وارن سالن ۾ ٿاهه جي اپٽار بابت هڪ ڳنڀير تڪرار اُٿيو جڏهن سنڌ زور پريو ته موجود وهڪري/ ذخيري واريون فراهميون پيرا (a) 14 تحت ئي ڪيون وڃن.

(ii) صورتحال جي ڳنڀيرتا ۽ ان جي جوڳي اثرن جي پيش نظر، ارسا ان مامري تي پنهنجي ڪيترين گڏجاڻين ۾ غور ويچار ڪيو ۽ گڏوگڏ اعليٰ اختيارين سان پڻ صلاح مشورو ڪيو ويو. 1991 واري ٿاهه کان جاري مشق موجب موجود وهڪري/ ذخيري جي فراهمين کي ٿاهه جي پيرا (b) 14 تحت شريڪ حصيدارن ۾ ورهائڻ جو فيصلو ڪيو ويو. بهر صورت ۾، گهٽ استعمال ڪندڙ بلوچستان ۽ سرحد صوبي ڏانهن ڪا گهٽتائي /ڪوٽ منتقل نٿي ڪئي وئي. ستن ميمبرن وڏيڪ ڄاڻايو آهي ته ارسا چيئرمين ٽيڪنيڪل ڪميٽيءَ آڏو پنهنجي پريزنٽيشن ۾ ڄاڻايو آهي ته ارسا هيل تائين پنهنجي ورچ واري رٿابندي پيرا (b) 14 تحت ڪري رهي آهي ۽ بلوچستان ۽ سرحد صوبي کي ڪنهن ڪوٽ کان استثنيٰ جاري رکندي اچي.

(iii) اِهو ليکيو ويو آهي ته ارسا جو فيصلو ۽ ٿاهه کان وٺي پوئواري ڪيل پاليسي صوبن وچ ۾ پاڻي ورهائڻ جي حوالي سان بهترين انداز آهي ۽ سرشتي ۾ وڏا ذخيرا شامل ٿيڻ تائين جاري رهڻ گهرجي.

6.5 ٽيڪنيڪل ڪميٽيءَ جي چيئرمين جي راءِ

جيئن ارساءِ ٽيڪنيڪل ڪميٽيءَ جي ستن ميمبرن درست طور ڄاڻايو آهي تہ پاڻي ناهہ جون2، 3، 4 (a) 14 ۽ (b) 14پيرائون صوبن کي پاڻيءَ جي تفويض ۽ ڪوٽڻ ۽ پاڇي پاڻي ونڊڻ سان لاڳاپيل آهن. انهن پيرائن مان پيرا 4 صوبن ۾ پاڇي دريائي فراهمين جي حصن سان لاڳاپيل آهي، جيڪا موجود ڪئنال ۾ ڪوٽڻ ۽ پاڇين جي ونڊڻ سان ڳنڍيل ناهي. پيرا 2 ۽ 3 موجود ڪئنالن ۽ پاڻي جي مندوار تفويض متعلق آهن جڏهن تہ پيرا (a) 14 ۽ (b) 14 ڪوٽڻ ۽ پاڇين جي ونڊ بابت آهن.

پاڻي ناهہ 1991 جون مٿيون پيرائون هيٺ ورجائن ٿيون:

پيرا 2 - پاڻيءَ جي ورهاست جي قبول ڪيل اصولن جي روشنيءَ ۾ هيٺين تفويض تي راضپو رهيو:

(انگ اکر ملين ايڪڙ فوٽ ۾)

صوبو	خريف	ربيع	ڪُل
پنجاب	37.07	18.87	55.94
سنڌ *	33.94	14.82	48.76
سرحد	3.48	2.30	5.78
(b) سِول ڪئنال **	1.80	1.20	3.00
بلوچستان	2.85	1.02	3.87
----	77.34 + 1.80	37.01 + 1.20	114.35 + 3.00

- ميٽرو پوليٽن ڪراچيءَ لاءِ شهري ۽ صنعتي استعمال اڳيئي منظور ڪيل سميت
- ورسڪ اسٽيشن کان مٿي اڻ ماپيل شهري ڪئنال

پيرا 3- سرحد/بلوچستان جي رٿائن، جيڪي عمل هيٺ آهن کي

پاڻيءَ جو ڪوٽا موجوده استعمالن طور ڏنو ويندو.

پيرا 4- پاڃي دريائي فراهمين (بشمول پوڙ واريون فراهمين ۽ مستقبل جا ذخيرا) هيٺين ريت ورهايون وينديون:

پنجاب	سنڌ	بلوچستان	سرحد	ڪُل
37	37	12	14	100

پيرا 14 (a) -14 سرشتي وار تفويض تي، ڏهه روزانو بنيادتي ڏار ڪم ڪيو ويندو ۽ هن ٺاهه جي حصي طور ان سان ڳنڍيو ويندو.

(b) 82-1977ع واري عرصي لاءِ حقيقي سراسري سرشتي تي استعمال جا ريڪارڊ؛ مستقبل جي ضابطن جو جواز جوڙڻ ۾ سونهان بڻجي سگهن ٿا. اهي ڏهه روزانو استعمال مختلف ڪئنال سرشتن جي مند وار تفويض ظاهر ڪرڻ لاءِ متناسب طور ٺهڪايا ويندا ۽ سڄي پاڪستان جي بنياد تي ڪوٽن ۽ پاڃين جي ورڇ لاءِ بنياد بڻبا.

پاڻي ٺاهه جونپيرا 2 ۽ 3 صوبن ڪي مندوار تفويض سان لاڳاپيل آهن، بهر صورت پاڻيءَ جو روز مرهه وارو وهنوار مندوار (ڇهه مهينا) بنيادن تي نٿو هلائي سگهجي. ان ڪري پاڻي ٺاهه جي پيرا (b) 14، ٺاهه جي پيرا 2 تحت ڪيل مجموعي مندوار تفويض سان ٺهڪاءُ ۾ مختلف ڪئنال سرشتن جي ڏهه روزانو تفويض تي عمل درآمد لاءِ رهنمائي ۽ بنياد تي فراهم ڪري. اها مشق سيپٽمبر 1991ع تي ڪئي وئي ۽ صوبن طرفان ڏهه روزانو سرشتي وار تفويض تي ڪم ڪيو ويو جنهن جي 16 سيپٽمبر 1991ع تي ڪوٺايل گڏيل مفادن واري ڪائونسل جي گڏجاڻيءَ ۾ منظوري ڏني وئي. ڪائونسل طرفان منظوري ڏنل اِهي ڏهه روزانو تفويضون ٺاهه جي پيرا (a) 14 ذريعي ٺاهه جو حصو بڻيون.

مٿي ڄاڻايل ڏهه روزانو بيان، جن جي گڏيل مفادن واري ڪائونسل منظوري ڏني پاڻي ٺاهه جي پيرا (b) 14 جي مشقن جي روشنيءَ ۾ تيار ڪيا ويا. اِها پيرا چوي ٿي تہ "82-1972ع واري عرصي

لاءِ حقيقي سراسري سرشتي تي استعمالن جو رڪارڊ مستقبل جي ضابطن جو انداز جوڙڻ لاءِ رهنما ۽ سونهون بڻبو.“ اهي ڏهه روزانو استعمال مختلف ڪئنال سرشتن جي نشاندهي ڪيل مندوار تفويضن سان ٺهڪندڙ درست تناسب تحت ٺهڪايو ويندو ۽ سڄي پاڪستان جي سطح تي ڪوٽون ۽ پاڇيون ورهائڻ لاءِ بنياد بڻبا. پاڻي ٺاهه جي پيرا (b) 14 ۾ ”82-1977ع واري عرصي لاءِ حقيقي سراسري سرشتي تي استعمال “جي اندراج جو مقصد اِهو آهي ته اهو مستقبل جي ضابطن جو انداز متعين ڪرڻ لاءِ فقط سونهون ئي ٿو بڻجي. انهيءَ سونهين جي بنياد تي ٺاهه جي پيرا 2 تحت مختلف ڪئنال سرشتن جي نشاندهي ڪيل مندوار تفويض سان ٺهڪندڙ درست تناسب ۾ اهي انگ اکر ٺهڪائي، ڏهه روزانو بيان تيار ڪيا ويا ۽ 16 سيپٽمبر 1991ع تي ڪوناپل گڏيل مفادن واري ڪائونسل مان انهن جي منظوري حاصل ڪئي وئي ۽ اهي ڏهه روزانو بيان ٺاهه تحت ڪوٽون ۽ پاڇيون ورهائڻ لاءِ بنياد ٿا جوڙين. اهو نوٽ ڪري سگهجي ٿو ته پيرا (a) 14 ۽ (b) 14 هڪ ٻئي سان همڪاري ڪندڙ آهن ۽ مختلف معنيٰ نٿيون رکن جهڙي ريت ٽيڪنيڪل ڪميٽيءَ جي هنن ميمبرن جو خيال آهي.

پاڻي ٺاهه جي پيرا (b) 14 ظاهر تي ڪري ته پاڻي ٺاهه تي صحيحون نيڻ مهل، اِهو چاتل هو ته ڪوٽن ۽ پاڇين واري صورتحال سامهون ايندي ۽ ڪوٽن دوران صوبن کي پاڻي ٺاهه جي تفويض موجب پاڻي فراهم ڪرڻ ممڪن نه هوندو. ان ڪري ئي ٺاهه جي پيرا (b) 14 ۾ سڄي پاڪستان جي بنياد تي ڪوٽن ۽ پاڇين جي ورچ لاءِ مخصوص شق داخل ڪئي وئي، انڪري گهٽ وڌڪري وارا عرصا ٺاهه جي پيرا (a) 14 ۽ (b) 14 جي شقن تحت، گڏيل مفادن واري ڪائونسل جي منظوري ماڻيل 10- روزانو بيان جي بنياد تي ورهائجن- ٺاهه 117.35 ملين ايڪڙ فوٽ جي ٺاهه واري تفويض يا 82- 1977ع دوران 105 ملين ايڪڙ فوٽ جي سراسري سرشتي تي استعمالن جي حوالي سان پاڻيءَ جي موجودگيءَ مختلف صورتن ۾ ڪوٽون ورهائڻ لاءِ مختلف پئمانا نٿو

سامهون آئي. وڌيڪ اهو تہ ٺاهہ ڪوٽن ورهائڻ لاءِ پاڇيون ورهائڻ کان مختلف ڪي پئمانا نٿو مقرر ڪري.

ٽيڪنيڪل ڪميٽيءَ جي ستن ميمبرن پاڇين ۾ ڪوٽن جي ورهائڻ کي مستقبل جي آبي ذخيرن جي اڏاوت سان پڻ ڳنڍيو آهي. هاڻوڪين حالتن ۾ موجود ڪئنالن ۾ پاڇيون ۾ ڪوٽن ورهائڻ جو مستقبل جي آبي ذخيرن جي اڏاوت سان ڪو تعلق ناهي، ڇاڪاڻ تہ 1991ع واري پاڻي ٺاهہ ۾ اهڙو ڪو شرط وڌل ناهي. 16سيپٽمبر 1991ع تي ڪوٺايل گڏيل مفادن واري ڪائونسل جي گڏجاڻيءَ ۾ جڏهن ڏهہ روزانو بيانن جي منظوري ڏني وئي، هڪ صوبي ساڳي نوعيت جو هڪ نڪتو اٿاريو هو پر گڏيل مفادن واري ڪائونسل موجود ڪئنالن جي ٺاهہ تحت تفويض کي مستقبل جي آبي ذخيرن سان ڳنڍڻ/ مشروط ڪرڻ وارو موقف قبول نہ ڪيو ۽ ڏهہ روزانو بيانن کي منظور ڪري ان کي ٺاهہ جو حصو بڻايو. گڏيل مفادن واري ڪائونسل جي 16 سيپٽمبر 1991ع تي ڪوٺايل گڏجاڻيءَ جو احوال شامل ڪيل آهي. (ضميمو 14-II).

ارسا ۾ ستن ميمبرن طرفان ڄاڻايو ويو آهي تہ ارسا سرحد صوبي ۽ بلوچستان کي ڪوٽن ورهائڻ کان استثنيٰ/ ڇوٽ ڏني آهي ڇاڪاڻ تہ اهي ننڍا صوبا آهن ۽ انهن ۾ بنيادي ڍانچي جي اڻهوند آهي. اها پاڻي ٺاهہ جي پيرا (b) 14 جي واضح ڀڃڪڙي آهي جيڪا ڄاڻائي ٿي تہ ڪوٽن ۾ پاڇيون سڄي پاڪستان جي بنياد تي ورهائيون وينديون.

سنڌو درياهہ جي سرشتي جي اٿارٽي (ارسا) پاڻي ٺاهہ جي عمل درآمد واسطي 1991واري ٺاهہ جي پيرا 13تحت قائم ڪئي وئي. ان ڪانسواءِ، سنڌو درياهہ سرشتي جي اٿارٽي ايڪٽ 1992ع جي سيڪشن (a) (1) 8 تحت ارسا کي پاڻي ٺاهہ ۾ واضح ڪيل تفويض ۽ پاليسين تحت، صوبن ۾ مٿاڇري واري پاڻيءَ جي انتظام ۽ ورهاست لاءِ بنياد جوڙڻا هئا. ارسا کي پاڻي ٺاهہ تي عمل درآمد ڪرائڻو آهي ۽ ان کي پاڻي ٺاهہ جي شقن ۾ ڪا ڦير گهير يا ترميم ڪرڻ جو ڪو اختيار ناهي. ان ريت ارسا جو ڪم صوبن کي پاڻي جي ڪوٽ ۾ حصيدار ٺيڻ

ڪان ڇوٽ ڏيڻ وارو فيصلو پاڻي ٺاهه جي واضح ڀڃڪڙي آهي.

جڏهن سرحد صوبي ۽ بلوچستان کي سنڌو درياهه جي سرشتي ۾ ڪوٽن جي حصيداري ڪان ڇوٽ ڏني ويجي ته پوءِ اهي سنڌو درياهه سرشتي جي پاڙين ۾ لاڳاپيل واسطيدار نٿا رهن. ان ڪري ڪين ارسا جو ميمبر برقرار هئڻ جي اجازت نه هئڻ گهرجي ڇاڪاڻ ته اٿارٽي لاڳاپيل واسطيدارن جي مفادن جي نمائندگي ٿي ڪري.

جيستائين سرحد صوبي ۽ بلوچستان طرفان پاڻي ٺاهه جي تفويض ڪيل حصي جي استعمال لاءِ بنيادي ڍانچي جي ترقي جو تعلق آهي ته پاڻي ٺاهه جي پيرا 3 سرحد صوبي / بلوچستان جي جاري رٿائن لاءِ پاڻيءَ جي ڪوٽا موجود استعمالن طور فراهم ٿي ڪري. ان ريت 1991ع ۾ پاڻي ٺاهه تي صحيحون ٿيڻ مهل سرحد صوبي/ بلوچستان جي عمل درآمد هيٺ رٿائن CRBC ۽ پٽ فيڊر لاءِ پاڻي ٺاهه جي پيرا 2 تحت پاڻي جو حصو متعين ڪيو ويو هو جيتوڻيڪ اهي ڪئنال ان وقت مڪمل ٺيل نه هئا. اهي رٿائون. 88-1977ع وارن سالن ۾ عملي صورت ۾ موجود نه هيون پر پاڻي ٺاهه جي پيرا 3 جي پيش نظر انهن کي گڏيل مفادن واري ڪائونسل طرفان منظوري ڏنل ڏهه روزانو بيانن ۾ شامل ڪيو ويو. ان ريت سرحد صوبي ۽ بلوچستان کي انهن نامڪمل رٿائن لاءِ فراهم ڪيل پاڻي هڪ خاص بندوبست تحت ڏنو ويو. نه رڳو اهو پر سرحد صوبي ۽ بلوچستان کي پنهنجي جاري نامڪمل رٿائن لاءِ مختص پاڻي انهن جي مڪمل ٿيڻ تائين پنهنجي موجود هلندڙ رٿائن ۾ استعمال ڪرڻ جي به اجازت ڏني وئي. CRBC ۽ پٽ فيڊر رٿائون تازوڻي مڪمل ٿيون آهن پر ڪمانڊ ايريا اڃا مڪمل طور تي جڙي نه سگهيا آهن. ان ڪري سرحد صوبو ۽ بلوچستان پنهنجو تفويض ٿيل حصو وقت اچڻ تي استعمال ڪرڻ جي اهل هوندا. انهڪري ٺاهه جي تفويض ۽ استعمال واسطي ڪنهن نئين ڍانچي جي ضرورت ناهي جيڪڏهن ڪو اهڙو نئون ڍانچو يا ڪئنال اڏيو آهي ته پهوان لاءِ پاڻي ٺاهه جي پيرا 2 ڪان ملي ڪري. ٺاهه جي پيرا

4 تحت درياهہ جي پاڻي فراهمين کان اضافي تفويض گهربل هوندي.

(a) ارسا 2 مئي 1994 تي ڪوئايل بين الصوبائي وزارتي ڪميٽيءَ جي گڏجاڻيءَ جو ذڪر ڪيو آهي جيڪا سنڌ ۽ پنجاب وچ ۾ پاڻيءَ جي ڪوٽ تاريخي استعمالن جي بنياد تي ورهائڻ بابت هئي. ارسا اِهو بہ ڄاڻايو آهي تہ بعد ۾ پاڻي ۽ بجليءَ واري وزارت ارسا کي ڄاڻايو تہ بين الصوبائي وزارتي ڪميٽي صلاحڪاري نوعيت واري ۽ ڪنهن قانوني اختيار کانسواءِ آهي ۽ ارسا کي مامرو پنهنجي سر نبيرڻ گهرجي. ارسا وڌيڪ ڄاڻايو آهي تہ ارسا طرفان فائيل سرڪيوليشن ذريعي 3:2 جي تناسب سان اهو فيصلو ڪيو ويو تہ جڏهن ڪوٽ تي تہ اها 82-1977ع دوران حقيقي سراسري سرشتي جي استعمالن تي ورهائي ويندي. بهر صورت، ارسا طرفان فراهم ڪيل لاڳاپيل ريڪارڊ ڏيکاري ٿو تہ ارسا جي ميمبرن طرفان رڪارڊ/ درج ڪيل ڪجهہ موقف بن سالن (96-1994) کان وڌيڪ واري عرصي تائين فائيل جي چر پرتي آڏاريل هئا. فائيل تي درج ميمبرن جي انهن موقعن مان ڪوبہ واضح ۽ تز ناهي ۽ ميمبرن مختلف موقعن تي مختلف موقف درج ڪيا آهن. منجهائن ڪن تہ معاملي تي ارسا جي گڏجاڻيءَ ۾ بحث مباحثي جي درخواست پڻ ڪئي آهي. بهرحال، تڏهوڪي ارسا چيئرمين طرفان 4 آگسٽ 1996ع تي پنهنجي نوٽ ۾ ميمبرن طرفان ظاهر ڪيل موقف سمويا آهن، جيڪو هيٺ ڏجي ٿو:

"تاريخيءَ جي پيٽ ۾ پيرا 2 واريون تفويضون تمام گهٽيون مختلف آهن ۽ ڪوٽن جي ورهاست مهل اسان کي ئي ناهہ جي پيرا (b) 14 جي پوئواري ڪرڻ گهرجي ۽ گڏوگڏ خاطري ڪرڻ گهرجي تہ ڪا اڻ سهائيندڙ تشهير نہ ٿئي. حقيقت ۾ انهن سالن دوران اسان کي "ڪوٽ جي" شرح جو ڪو ذڪر ئي نہ ڪرڻ گهرجي. جيئن تہ ميمبر (وفاق)، ميمبر (بلوچستان) ۽ ميمبر (سنڌ) موجود پاڻيءَ جي فراهمين جي ورهاست پيرا 2 تحت ڪرڻ تي رضامند آهن

ان ڪري ارسا ايڪٽ جي سيڪشن 8 جي ذيلي سيڪشن 2 تحت مامرو 2:3 واري اڪثريت سان نبيرجي ٿو. چيف انجنيئر (آپريشن) فائيل ڏسي ۽ انکي رڪارڊ تي رکي."

(b) تڏهوڪي ارسا چيئرمين جو رڪارڊ ڪيل مٿيون فيصلو واضح ٿو ڪري ته پاڻيءَ جي ورڇ پاڻي ٺاهه تفقويض جي پيرا 2 تحت ٿيڻي آهي نه ڪي تاريخي استعمالن واري 1994 جي فارمولي تحت. ان ريت اهو چٽو پٽو آهي ته ارسا طرفان معمول وارين گڏجاڻين ذريعي يا فائيل سرڪيوليشن ذريعي تاريخي استعمالن جي بنياد تي پاڻي ورهائڻ جو ڪوبه فيصلو نه ڪيو ويو آهي. گڏوگڏ اهو به ته جيڪڏهن ڪو هو ته به اهڙو ڪو فيصلو سمورن لاڳاپيل واسطيدارن سان نه ونڊيو ويو ته ڪو ارسا فائيل سرڪيوليشن ذريعي ڪي فيصلا ڪيا آهن. وڌيڪ اهو ته جهڙي ريت ارسا ۽ ٽيڪنيڪل ڪميٽيءَ جي سڻن ميمبرن جو چوڻ آهي ته 1994ع جو تاريخي استعمال وارو فارمولو 1999ع تائين لاڳو نه ڪيو ويو.

ارسا چاڻايو آهي ته اصل سراسري سرشتي تي استعمالن (82-1977) جي بنياد تي ڪوٽون ورهائڻ بابت مامرو قانون واري ڊويزن ڏانهن اُماڻيو ويو. قانون واري ڊويزن 16 آڪٽوبر 2000 تي پنهنجي هيٺين اپٽار ڏني آهي:

1. "ٺاهه جي شق 14 جي سادي اُپٽار تحت، ڏهه روزانو استعمال، ٺاهه جو حصو بڻجڻ ڪري، ڪوٽون ورهائڻ لاءِ تناسب سان نهڪايا ويندا. تاريخي استعمال جي بنياد تي ڪوٽون ورهائڻ واري ڪابه اپٽار لاڳو ٺاهه جي پيچيڪڙي ٿيندي. وڌيڪ اهو ته ٺاهه جي شق 13 تحت، ارسا ٺاهه تي عمل درآمد لاءِ ذميوار آهي، ساڳي ريت مامري تي ڪو تڪرار آئين تحت گڏيل مفادن واري ڪائونسل ڏانهن اُماڻبو. انڪري ڪوبه ٻيو ادارو يا ڪميٽي جوڙڻ يا ڪو فيصلو ڪرڻ يا اهڙي رپورٽ تي اُپٽار ڪرڻ ٺاهه کي مسخ ڪرڻ سان گڏوگڏ آئين جي

پيچيدگي پڻ هوندو.

2. بهرحال جيئن ته اهو مامرو آزاريل ڏر طرفان گڏيل مفادن واري ڪائونسل جي مناسب اداري ڌانهن اچا نه اُماڻيو ويو آهي تنهنڪري، ارسا طرفان فيصلو ڪيل موجود انتظامن کي گڏيل مفادن واري ڪائونسل جي جڙڻ ۽ ڪو فيصلو ڪرڻ تائين جاري رهڻ جي اجازت ڏني وڃي."

قانون واري ڊويزن 16 فيبروري 2001 تي مامري بابت پنهنجي هي صلاح جاري ڪئي: "هن ڊويزن جو 16 آڪٽوبر 2000 وارو موقف ۽ چيف ايگزيڪيٽو سيڪريٽريٽ جو 23 آڪٽوبر 2000 واري صلاح تڏهوڪي قانون واري وزير کي پيش ڪيون ويون جنهن اها رٿ منظور ڪئي ته 16 آڪٽوبر 2000 واري هدايت جي پيرا 2 کي تبديل ڪيو وڃي ۽ نتيجي طور هن ڊويزن هيٺين لفظن ۾ 16 فيبروري 2001 تي نظر ثاني ڪيل هڪ نوٽ جاري ڪيو:

"ڇاڪاڻ ته صلاح جي روشني ۾، سنڌو درياءَ جي سرشتي جي پاڻيءَ جي ورهاست بابت 1994ع وارو وزارتي تعين رد ڪجي ٿو ۽ 1991 وارو تاهه لاڳو ٿيندو، هن ڊويزن طرفان 16 آڪٽوبر 2000 تي جاري ڪيل اڳي ڇاڪاڻ ته موقف تي نظرثاني ڪئي وئي آهي ۽ ان ريت پئرا 2 واپس ورتي وئي آهي."

قانون واري ڊويزن جي هي صلاح موجب گڏيل مفادن واري ڪائونسل جو حوالو ڏيندڙ ان جي پهرين شق جي پيرا 2 واپس ورتي وئي ۽ ان ڪري قانون واري ڊويزن جي هدايت جي پيرا 1 لاڳو ٿئي ٿي جنهن موجب تاريخي استعمال جي بنياد تي ڪوٽڻ جي ورچ تاهه ۽ آئين جي پيچيدگي هوندي. قانون واري ڊويزن جي انهيءَ ہي هدايت جي هڪ ڪاپي ميمبر (وفاق) ارسا طرفان 30 مئي 2005 تي پاڻي ۽ بجليءَ واري وزارت ۽ هڪ ڪاپي ارسا چيئرمين کي اُماڻي وئي. انهي هدايت جو نقل ۽ ميمبر (وفاق) ارسا جو حوالي وارو خط هت شامل آهي. (ضميمو 15-II) بهرحال ٽيڪنيڪل ڪميٽيءَ جي گڏجاڻيءَ ۾ مول

متي تي پريزنٽيشن ۾ غور ويچار دوران ارسا چيئرمين قانون واري ڊويزن جي هئي هدايت جو نقل وصول ڪرڻ جي ترديد ڪئي. اها ترديد نه مناسب آهي ۽ نه ئي قبولڻ جوڳي. جيڪڏهن ارسا چيئرمين وٽ انهيءَ هدايت جو نقل نه به هو، مامرو هن آڏو واضح ڪيو ويو هو، سو ان جو نقل هٿ ڪرڻ سندس فرض هو.

قانون واري ڊويزن جي صلاح بلڪل واضح ۽ جامع آهي. انهيءَ صلاح موجب ڏهه روزانو استعمال ناهه جو حصو بڻجي ويو آهي، تنهنڪري ڪوٽون ورهائڻ لاءِ مناسب ريت ٺهڪايو وڃي. تاريخي استعمالن جي بنياد تي ڪوٽون ورهائڻ واري ڪابه اُپتار لاڳو ناهه ۽ آئين جي ڀيڪڙي هوندي.

چيف ايگزيڪيٽو 23 آڪٽوبر 2000 تي ارسا کي هدايتون جاري ڪيون ته "ارسا بابت چيف ايگزيڪيٽو طرفان جاري ڪيل سموريون هدايتون، 16 مارچ 1991ع تي صوبن وچ ۾ سنڌو درياءَ جي سرشتي جو پاڻي ورهائڻ سان گڏ هڪدم لاڳو ڪيون وڃن. وڌيڪ اهو ته وزارتي پاڻي ناهه 1994ع کي هڪدم منسوخ ڪيو وڃي." چيف ايگزيڪيٽو جي انهيءَ هدايت جي پوئواري ۾، ارسا چيف ايگزيڪيٽو جي جاري ڪيل هدايت تي ڪوهڪ سال کانپوءِ 12 نومبر 2001ع تي 1994ع واري بين الصوبائي وزارتي گڏجاڻي 1994 جي تنسيخ جو نوٽيفڪيشن جاري ڪيو. پر تنسيخ وارو نوٽيفڪيشن جاري ٿيڻ جي باوجود ان تي اڄ ڏينهن تائين عمل نه ٿيو آهي ۽ واضح فيصلي تي عمل درآمد ڪرڻ لاءِ ارسا ٻيهر اهو مامرو چيف ايگزيڪيٽو سيڪريٽريٽ ڏانهن اُماڻيو آهي.

ارسا طرفان ڏنل پريزنٽيشن ۾ شامل جدول (ضميمو 16 -II) ظاهر ڪري ٿي ته ڪوٽن دوران پنجاب پنهنجي ناهه ۾ ڏنل حصي کان به وڌيڪ پاڻي کنيو. سرحد صوبي ۽ بلوچستان کي ڪوٽن کان چوٽ مليل آهي ۽ رڳو سنڌ نه رڳو ڪوٽن جو مڪمل بار کنيو پر پنجاب پنهنجي ناهه واري حصي کان به وڌيڪ پاڻي کنيو. اها ناانصافي ۽ ناجائزي آهي.

ارسا موجب، هن مهل اجا به هڪ نئين پاڻيءَ جي ورڇ واري انتظام، جي پوئواري ڪئي پئي وڃي اهڙي ريت ارسا جي صلاحڪاري ڪميٽي جي 9 اپريل 2003 واري گڏجاڻيءَ ۾ طئي ڪيو ويو هو. اهو فارمولو پاڻي ٺاهه1991ع ته ڇا پر 1994ع واري تاريخي استعمالن وارن فارمولي ڪان پڻ مختلف آهي. اهو هاڻوڪو ورڇ وارو انتظام ٽن منظر نامن تي ٻڌل آهي جيئن پيرا (vi) 6.3.2 ۾ ڄاڻايل آهي.

اِهو افسوسناڪ آهي ته ارسا انڌ جي گهوڙي تي سوار آهي ۽ پاڻي ٺاهه جي پيچيدگيءَ ڪندي ۽ قانون واري ڊويزن جي صلاح ٺڏيندي ۽ چيف ايگزيڪيٽو جون هدايتون نظر انداز ڪندي پاڻيءَ جي ورڇ بابت فيصلا ڪري رهي آهي. هاڻ ارسا جي صلاحڪاري ڪميٽيءَ ، جيڪا ارسا جو هڪ ماتحت ادارو ئي آهي ۽ جنهن وٽ ارسا ايڪٽ 1992ع جي سيڪشن 9 ۽ 10 تحت محدود اختيار آهن، پاڻيءَ جي ورڇ جو ڪو نئون فارمولو جوڙڻ وارو ڪم پنهنجي ذمي ڪنيو آهي جيڪا پاڻي ٺاهه جي پيچيدگيءَ آهي.

ڪوٽرن ۽ پاڇيون ورهائڻ جو گڏيل مفادن واري ڪائونسل جي منظوري ماٽيل ڏهه روزانو بيانن وارو ڪوٽرن ۽ پاڇيون ورهائڻ جو فقط هڪ فارمولو آهي، جيڪو پاڻي ٺاهه جي پيرا (a) 14 ۽ (b) 14 ۾ درج آهي. تنهن هوندي به، ارسا تاريخي استعمال واري فارمولي جي پوئواري تي هوڏ تي ڪري جنهن تحت ڪوٽرن 82-1977ع دوران استعمالن جي بنياد تي ورهايون وينديون ۽ پاڇيون پاڻي ٺاهه جي بنياد تي ورهائبيون. هاڻي ارسا جي صلاحڪاري ڪميٽيءَ ٽن منظر نامن واري اجا به نئين فارمولي جي پوئواري ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي. ان جو اهوئي مطلب ٿو نڪري ته پاڻي ٺاهه ۽ گڏيل مفادن واري ڪائونسل جي منظوري ماٽيل 10 روزانو بيانن جي ڪا وقعت ناهي ۽ اهو ته نه رڳو ارسا پر ان جا ذيلي ادارا پڻ پاڻيءَ جي ورڇ بابت پنهنجا ڪي فارمولا جوڙي سگهن ٿا.

11 مارچ 2004 تي ڪوٺايل ٽيڪنيڪل ڪميٽيءَ جي پهرين

گڏجاڻيءَ ۾ اِهو يڪرائپ سان فيصلو ڪيو ويو هو تہ پاڻي ناهہ مقدس/احترام جوڳو/ پوئواري ڪرڻ جوڳو آهي ۽ ان جي مڪمل پوئواري ڪئي ويندي. پر اهو افسوسناڪ آهي تہ ٽيڪنيڪل ڪميٽيءَ جي ستن ميمبرن مئي 2005 واري پنهنجي رپورٽ ۾ ارسا جي فيصلن- پاليسين کي (جيڪي پاڻي ناهہ جي واضح ڀڃڪڙي آهن) موجود پاڻيءَ جي ورڇ لاءِ بهترين قرار ڏنو آهي. ان تي زور ڏنو ويو آهي تہ جيڪڏهن پاڻي ناهہ جي تقدس جو خيال نہ رکيو ويو ۽ ناهہ جون اهڙيون واضح ڀڃڪڙيون جاري رکڻ جي اجازت ڏني وئي تہ صوبن وچ ۾ ٻڌانداپي واري قوت ناهہ متروڪ تي ويندو، نتيجي ۾ مڪمل ڏڦيڙ ۽ مونجهارو جنم وٺندا.

6.6 تت ۽ سفارشون

(1) 11 مارچ 2004 تي ڪوٺايل ٽيڪنيڪل ڪميٽيءَ جي پهرين اجلاس ۾ يڪرائپ سان فيصلو ڪيو ويو هو تہ پاڻي ناهہ مقدس/ احترام ۽ پوئواري ڪرڻ جوڳو آهي. پاڻي ناهہ 1991ع، پنهنجي پيرا 14 (a) ۽ 14 (b) تحت سڄي پاڪستان جي بنياد تي پاڻيءَ جون ڪوٽون ۽ ٻاڃيون ورهائڻ لاءِ فقط هڪ ئي فامولو گڏيل مفادن واري ڪائونسل جي منظوري ماڻيل ڏهہ روزانو بيانن جي وڪالت تو ڪري.

(2) مئي 1994 ۾ تڏهوڪي پاڻيءَ ۽ بجلي واري وزير هڪ بين الصوبائي وزارتي ڪميٽيءَ جي گڏجاڻي ڪرائي جنهن ۾ پاڻيءَ جي ورڇ بابت ماهرن تي ويچاريو ويو. گڏجاڻيءَ جي ڪارروائيءَ ۾ درج ڪيو ويو تہ ڪوٽن جي ورڇ "تاريخي استعمال واري فارمولي" تحت ڪئي وڃي. بعد ۾، وزير ارسا کي صلاح ڏني تہ بين الصوبائي وزارتي ڪميٽي صلاحڪاري نوعيت واري ئي آهي ۽ اها قانوني اختيار کانسواءِ آهي، سو ارسا پنهنجي سر ماهرا حل ڪري.

(3) ٽيڪنيڪل ڪميٽيءَ آڏو پنهنجي پريزنٽيشن ۾ ارسا چيئرمين ڄاڻايو ته فائيل سرڪيوليشن ذريعي ارسا طرفان فيصلو ڪيو ويو ته ڪوٽون ورهائڻ لاءِ تاريخي استعمال واري فارمولي جي پوئواري ڪئي ويندي. پر سنڌ طرفان فراهم ڪيل رڪارڊ جا نقل ظاهر ٿا ڪن ته فائل 1994ع کان 1996ع تائين وارن ٻن سالن ۾ ڦيرايو ويو ۽ ان ڪانپوءِ تڏهوڪي ارسا چيئرمين جو 2 جي ڀيٽ ۾ 3 جي اڪثريت وارو فيصلو تاريخي استعمال فارمولو اختيار ڪرڻ جو نه پر پاڻي ٺاهه تحت پاڻيءَ جي ورڇ ڪرڻ جو هو. ان ڪانسواءِ 1999 تائين پاڻيءَ جي ورڇ لاءِ تاريخي استعمال وارو فارمولو استعمال نه ڪيو ويو هو.

(4) ارسا مامرو قانون واري ڊويزن ڏانهن اُماڻيو جنهن 16 آڪٽوبر 2000 تي صلاح ڏني ته تاريخي استعمالن جي بنياد تي ڪوٽون ورهائڻ واري اُپٽار پاڻي ٺاهه ۽ آئين جي ڀڃڪڙي ٿيندي. قانون واري ڊويزن 16 فيبروري 2001ع تي پنهنجي ٻئي نوٽ ۾ وڌيڪ زوراڻتي انداز ۾ ساڳي صلاح ورجائي.

(5) چيف ايگزيڪيٽو 23 آڪٽوبر 2000 تي ارسا کي هدايتون جاري ڪيون ته 1994 وارو وزارتي پاڻي ٺاهه منسوخ ڪيو وڃي. ارسا چيف ايگزيڪيٽو جي هدايتن جي روشنيءَ ۾ هڪ سال ڪانپوءِ منسوخيءَ جو نوٽيفڪيشن جاري ڪيو. پر ارسا منسوخيءَ وارو نوٽيفڪيشن جاري ٿيڻ ڪانپوءِ به نه قانون واري ڊويزن جي صلاح تي عمل ڪيو ۽ نه ئي وري چيف ايگزيڪيٽو جي هدايتن جي پوئواري ڪئي.

(6) ارسا سرحد صوبي ۽ بلوچستان کي ڪوٽ ورهائڻ کان ڇوٽ ڏني آهي جيڪا پاڻي ٺاهه جي پيرا (b) 14 جي واضح ڀڃڪڙي آهي جيڪا طئي ٿي ڪري ته ڪوٽون ۽ پاڇيون سڀ پاڪستان بنياد تي ورهائيون ويندين. جيڪڏهن

سرحد صوبي ۽ بلوچستان کي ڪوٽون ورهائڻ کان چوٽ تي ڏني وڃي ته پوءِ اهي سنڌو درياءَ واري سرشتي جي پاڻين سان لاڳاپيل ڏرنتا رهن ۽ اهڙي ريت انهن کي ارسا واري پنهنجي ميمبر شپ برقرار رکڻ جي اجازت نتي ڏئي سگهجي.

(7) تاريخي استعمال فارمولي موجب، ڪوٽ وارن عرصن دوران پنجاب ٺاهه ۾ تفويض پنهنجي حصي کان به وڌيڪ پاڻي کڻي ٿو، سرحد صوبي ۽ بلوچستان کي پاڻي ڪوٽ ۾ حصو ملڻ کان ارسا چوٽ ڏئي ڇڏي آهي. انڪري پنجاب طرفان ڪجهندڙ اضافي پاڻي سميت ڪوٽ جو سمورو بار سنڌ کي ہو ڪڻو پوي. اهو انتهائي نامناسب ۽ انصاف کان وانجهيل آهي.

(8) ارسا موجب هو ارسا جي صلاحڪاري ڪميٽيءَ جي فيصلي پٽاندر پاڻيءَ جي ورڇ لاءِ هڪ نئين ورڇ فارمولي جي پوئواري ڪري رهيا آهن. اهو فارمولو پاڻيءَ جي ورڇ لاءِ ٽن مختلف منظر نامن تي ٻڌل آهي، جڏهن ته پاڻي ٺاهه گڏيل مفادن واري ڪائونسل طرفان منظوري ماٽيل 10 روزانو بيانن سان ٺهڪندڙ سڄي پاڪستان جي سطح تي ڪوٽن ۽ پاڇين جي ورڇ لاءِ فقط هڪ ئي فارمولي جي نشاندهي ٿو ڪري. ارسا کي پاڻي ٺاهه لاڳو ڪرڻ واسطي ٺاهه جي پيرا 13 تحت قائم ڪيو ويو هو. ان ڪانسواءِ ارسا ايڪٽ 1992ع تحت، ان کي پاڻي ٺاهه ۾ تفويض حصي تحت صوبن ۾ اضافي پاڻي جي ورڇ ۽ ضابطي لاءِ بنياد رکڻا هئا ۽ پاليسي جوڙڻي هئي، پر نه رڳو ارسا پر ان جا ذيلي ادارا به پاڻي جي ورڇ بابت پاڻي ٺاهه جي لاڳاپيل شقن جي واضح ڀڃڪڙي ڪري رهيا آهن.

(9) پاڻي ٺاهه جو تقدس هر صورت ۾ محفوظ بڻايو وڃي. وفاقي حڪومت اهڙا اثرائتا اُپاءَ وٺي جو خاطري ڪري سگهجي ته ارسا پاڻي ٺاهه جي شقن جي دائري اندر رهندي ڪم ڪندي رهي. پاڻي ٺاهه جي واضح ڀڃڪڙيءَ وارو هاڻوڪو

ٿن منظرنامن وارو پاڻي ورڇ جو طريقو هڪدم منسوخ ڪيو وڃي ۽ ڪوٽن ۽ پاڇين جي ورڇ پاڻي ٿاهه ۽ گڏيل مفادن واري ڪائونسل جي منظوري ماڻيل ڏهه روزانو بيانن جي بنياد تي ڪئي وڃي.

مول متو نمبر_3

”ڪونڙيءَ کان هيٺ چوڙ تي اپياس بابت هيل تائين حاصل ڪيل پيش قدميءَ جو جائزو۽ اپياس مڪمل ڪرڻ ڪي تحرڪ ڏيڻ بابت تجويز ڪيل اُپاءُ“

مول متو نمبر 3

7_ ”ڪونڙيءَ کان هيٺ چوڙ تي اپياس بابت هيل تائين حاصل ڪيل پيشقدميءَ جو جائزو۽ اپياس مڪمل ڪرڻ ڪي تحرڪ ڏيڻ بابت تجويز ڪيل اُپاءُ“

هن مول متي تي ڪا پريزنٽيشن حاصل ڪرڻ ضروري نہ ليکيو ويو. پاڻي ۽ بجليءَ واري وزارت حڪومت پاڪستان جي چيف انجنيئرنگ صلاحڪار ذريعي اپياس ڪرايا پئي ويا آهن. مارچ 2004 ۾ چيف انجنيئرنگ صلاحڪار اپياسن سان لاڳاپيل مامرن تي هڪ نقطي گاهہ وارو مقالو داخل ڪرايو. وڌيڪ وهنوار چيف انجنيئرنگ صلاحڪار طرفان داخل ٿيندڙ ماهوار رپورٽ ذريعي ٽيڪنيڪل ڪميٽي جانچي رهي آهي.

ڪونڙيءَ کان هيٺ گهٽ ۾ گهٽ گهربل چوڙ جي ضرورت جو تعين ڪرڻ وارو اپياس پاڻي ٺاهہ 1991ع جي پيرا 7 ڪرڻو هو. بهرحال، صوبن جي موقف ۾ فرق هئڻ سبب اهو اپياس شروع ٿي نہ سگهيو آهي.

سيپٽمبر 2003ع ۾ پاڻيءَ جي وسيلن بابت پارلياماني ڪميٽيءَ جو چيئرمين سينيٽر نثار احمد ميمڻ ان مامري کي چئني صوبن ۾ ٻڪرائپ پيدا ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو. نتيجي طور چيف

انجنيئرنگ صلاحڪار ذريعي ماهرن هٿان ٽي اڀياس شروع ڪيا ويا آهن، جيڪي هيٺين ريت آهن:

(i) ساموندي پاڻيءَ جي پائڻ کي روڪڻ لاءِ ڪوٽڙي بيراج کان هيٺ پاڻيءَ جي نيڪال بابت اڀياس

(ii) ماحولياتي خدشن کي مخاطب ڪرڻ لاءِ ڪوٽڙي بيراج کان هيٺ پاڻيءَ جي نيڪال بابت اڀياس، ۽

(iii) چئني صوبن طرفان ماحولياتي ڳڻتين بابت اڀياس ((i) ۽ (ii) اڀياس کان علاوه مامرا)

اهي اڀياس مشاورت جي ٽن گڏيل ادارن کي سونپيا ويا آهن:

پهريون اڀياس: ايسوسي ايٽس ڪنسلٽنگ انجنيئرس-ACE (پرائيويٽ) لميٽيڊ ۽ نيشنل انجنيئرنگ سروسز پاڪستان (پرائيويٽ) لميٽيڊ سان همڪاريءَ ۾ منٽگمري- واٽسن- هارزا جو گڏيل ست.

ٻيو اڀياس: انڊس ايسوسي ايٽس ڪنسلٽنٽس، لاهور، BAK ڪنسلٽنگ انجنيئرس، پشاور- پاڪستان آرڪيٽيڪس ۽ ڪنسلٽنگ انجنيئرس، حيدرآباد، انفرا-D ڪنسلٽنٽس اسلام آباد، انجنيئرنگ اينڊ ايگريڪلچر سروسز اينٽٽي، لاهور مان همڪاريءَ ۾ لهميئر انٽرنيشنل GMBH جرمنيءَ جو گڏيل ست.

ٽيون اڀياس: DHV واٽر BV هالينڊ ۽ انفرا D ڪنسلٽنٽس (IDC) اسلام آباد جي همڪاريءَ سان AAB پرائيويٽ لميٽيڊ جو گڏيل ست.

مٿين اڀياسن جي ساک جي پنيرائي واسطي، پاڻيءَ ۽ بجليءَ واري وزارت انهن اڀياسن جي ماهرن طرفان ڪيل ڪم جي جائزي لاءِ (i) پاڻي وسيلن جي انتظام جي ماهر (ii) آبپاشي نيڪال جي ماهر، ۽ (iii) ماحولياتي ماهر تي ٻڌل ماهرن جو هڪ عالمي پينل (IPOE) مقرر

ڪرڻ جو پڻ فيصلو ڪيو.

متين IPOE لاءِ لاڳاپيل واسطيدارن جي پيڪرائيپ ذريعي ڪلي ٽيل بنيادي مول متا هيلينءَ ريت هئا:

(i) ٽنهي اپياسن لاءِ ماهرن جي ڪم جي شروعات، وچ ۽ حتمي مسودو رپورٽ وارن ٽن مرحلن جو جائزو.

(ii) ٽنهي اپياسن لاءِ مول متن ۾ واضح ڪيل ڪم جي دائري جي روشنيءَ ۾ ڪنسلٽنٽس جي ڏنل سفارشن جو جائزو.

(iii) ڪنسلٽنٽس/ ماهرن جي سفارشن جو مڪمل پيش منظر ۾ جائزو ۽ دانشمندانا دڳ، مختلف گهرجن ۾ مداخلتون رٿڻ.

سمورن صوبن جي راضپي سان اهو به فيصلو ڪيو ويو ته متين مول متن لاءِ IPOE هيٺين ڪمن جي پوئواري لاءِ پاڪستان جا ٽي دورا ڪندا:

(iv) رپورٽ شروع ٿيڻ واري مرحلي جو جائزو

(v) رپورٽ جي عبوري/وچ واري مرحلي جو جائزو

(vi) مسودي جي تڪميل واري مرحلي جو جائزو

حقيقت جي پيش نظر ته IPOE جي پوري ڪم جي مالي سهائتا پاڻي ۽ بجليءَ واري وزارت جي سرڪاري شعبي جي صلاحيت/سگهه وڌائڻ/ قائم ڪرڻ واري رٿا ڪي عالمي بئنڪ جي قرض (قرض نمبر 3904 پاڪستان) ذريعي رٿي هئي. عالمي بئنڪ جي رهنما سونهين تي هڏل متين ذميوارين لاءِ اهل بين الاقوامي ماهرن جي هڪ ڊگهي فهرست تيار ڪري ڦلهور شروع ڪئي وئي. بين الاقوامي ماهرن جي فهرست جو پاڻي ۽ بجليءَ جي وزارت جي رهنمائي ۾ صوبن جائزو ورتو ۽ آخرڪار ٽي ماهر چونڊيا ويا ۽ IPOE جي چٽي هينان هڪ گڏيل ذميواري واسطي معاهدا ڪياويا، جنهن ۾ حڪومت پاڪستان ۽ عالمي بئنڪ جي سمورن واسطيدار فورمن جي منظوري شامل هئي.

IPOE تحت چونڊيل ماهر هيٺيان آهن:

نمبر	IPOE جي حيثيت	ماهر جو نالو ۽ قوميت
.1	پاڻيءَ جي وسيلن جي انتظام جو ماهر	ڊاڪٽر ايم ايس بيسن (قوميت: ڏکڻ آفريڪا)
.2	آبپاشي ۽ نڪاس جو ماهر	فرنانڊو جي گنز اليز (قوميت: ميڪسيڪو)
